

پاڻي
(ڪهاڻيون)
مشتاق پرگڙي

# پاچي

(ڪهاڻيون)

## مشتاق پرڳڙي

رم جهم پبليڪيشن، دادو

## ڪتاب 1

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | پاڇي |
| موضوع: | ڪهاڻيون |
| ليکڪ: | مشتاق ڀرڳڙي |
| ڇاپو: | پهريون (اپريل 1999ع) |
| تعداد: | هڪ هزار |
| ٽائيٽل اسڪيچ: | رجب سولنگي |
| ڪمپوزنگ: | برهماڻي ڪمپيوٽر ڪمپوزرس دادو |
| ڇپائيندڙ: | رم جهم پبليڪيشن دادو |
| پاران | ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |
| ملهه: | 60 روپيه |

---

BOOK 1

| | |
|---|---|
| Name of Book: | Pachhi |
| Subject: | Short Stories |
| Auther: | Mushtaque Bhurgari |
| Edition: | First (April 1999) |
| Quantity: | One thousand |
| Title Scatch: | Rajib Solangi (Fine Art Dadu) |
| Composed By: | Berahmani Computer Composing Centre Dadu |
| Printed by: | Rim Jhim Publication Dadu |
| Price: | 60 Rupees |


Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

انتساب

اردو ٻوليءَ جي بهترين

ليکڪ امبر

۽ پنهنجي پهرين ۽ آخري محبت

ثميره بتول

جي نانءُ

# وچـــور


| | |
|---|---|
| ميحنا لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ مشتاق | 6 |
| اداري پاران | 7 |
| مان جوئي آهيان سوئي آهيان | 8 |
| هڪ سچو دوست ۽ سچو عاشق | 14 |
| سچ جو سواد | 19 |
| ديوانگيءَ جو انت | 25-24 |
| مسٽر پي.ڪي ۽ اسلام | 30-29 |
| مشهور ٿيڻ جو شوق | 39-38 |
| وڻجاري | 46-45 |
| جواني ڪيڏو جلدي گذري وڃي ٿي | 67-66 |
| سلهه - ٿياس | 71-70 |
| هار - جيت | 78-77 |
| هڪ مست جي پراسرار مسڪراهٽ ۽ آءٌ | 84-83 |
| هڪ رات جي ڪٿا | 89 |
| چاهتون پائڻ جي اوسيئڙي ۾ ٿي وجود | 94 |
| جستجو | 98 |
| درد جي دريا ۾ لڙهندڙ جيون | 103 |
| وڃائجي ويل شهر جي ڳولا ۾ نڪتل شخص | 113 |
| مور | 119 |
| سيلز مين جو هڪ ڏينهن | 122 |
| پاڇي | 132 |

# اداري پاران

ر. جهم پبليڪيشن دادو طرفان ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب، جيڪو مشتاق پيرگڙهيءَ جي ڪهاڻين تي مبني آهي اوهان جي سامهون آهي.

مشتاق 1990ع کان مسلسل لکندو پيو اچي. 9 سالن جي مسلسل جدوجهد کان پوءِ مشتاق هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ هاڻ پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪري ورتي آهي.

مشتاق وٽ موضوعن جي اٿاٿ ڪونهي مذهب کان،وٺي پيار محبت ۽ سيڪس تائين بلا جهجهڪ هر موضوع تي لکي چڪو آهي.

مشتاق وٽ مڪالمي بازي ۽ خوبصورت تشبيهن جي به کوٽ ڪونهي، سندس پيشڪش جو انداز به خوبصورت ۽ دل جي تارن کي ڇهندڙ آهي.

مشتاق موضوعن جي حوالي سان هميشه نرالپ کي ترجيح ڏني آهي ۽ نرالپ جي تلاش ۾ رهيو آهي. سندس هن ڪتاب ۾ شامل 16 ڪهاڻيون مشتاق جي انهيءَ تلاش جو حصو آهن.

اداري پاران نئين ٽهيءَ جي بين ليکڪن جا ڪتاب پڻ ڇپائي پڌرا ڪيا ويندا.

اوهان جو تعاون ۽ ساٿ رهيو ته اسين سنڌي ادب جي جهول ۾ ڪيترن ئي خوبصورت گلن (ڪتابن) جو اضافو ڪندا رهنداسين.

ادارو

پنهنجي پاران

# مان جو ئي آهيان، سو ئي آهيان

دوستي اهڙو رشتو آهي، جيڪو تنهن ۽ ڳنڍجڻ ۾ "پل" وٺندو آ ٿي. سالن کان نا آشنا چهرا، پل ۾ دوستيءَ جي اتوٽ ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي ويندا آهن. تنهن لاءِ پڻ سالن جي دوستي " پل" ۾ ڪنهن ننڍڙي جملي، خراب سلوڪ ۽ عمل جي بدولت ٽٽي پوندي آهي.

اهو غلط آهي تہ دوست رڳو اسان جي جيون رستي ۾ آيل سمورا ڪاوا ميڙي وٺندا آهن، اسان جا درد شيئر ڪندا آهن ۽ اسان جي جيون جي ٻيڙيءَ ڪي ٻڏندي ڏسي، ان ڪي پار اُڪاري وٺندا آهن. پر ائين بہ ٿيندو آهي تہ دوست پنهنجي جيون رستي ۾ آيل ڪاوا اسان جي جيون رستي ۾ اُڇلي ويندا آهن ۽ اسان جي جيون ڪي رتو رت ڪري وجهندا آهن. اسان جا درد شيئر ڪرڻ بجاءِ انهن ۾ هيڪاندو اضافو ڪري ويندا آهن ۽ اسان جي جيون جي ٻيڙيءَ

ڪي ڀار اُڪارڻ بجاءِ ان کي ٻوڙڻ ۾ دير ئي نہ ڪندا آهن.
مون پنجويھہ سالن جي مختصر جيون ۾ گھڻو ڪجھہ ڏٺو آهي. مون ڏٺو آهي تہ ڪيئن نہ دولت ڀيڻ ۽ ڀٽ کي جدا ڪري ڇڏيندي آهي ۽ اُهي هڪ جاءِ تي هوندي بہ ساڳيو ڪاروبار پنهنجي پنهنجي منهن سان ڪرڻ لڳندا آهن.
مون ڏٺو آهي تہ ڪيئن نہ هڪ دوست ٻئي دوست تي اهڙا الزام هڻندي بہ دير نہ ڪندو آهي، جيڪي سندس دوست جي زندگي زهر بنائي ڇڏيندا آهن ۽ مون ڏٺو آهي تہ ڪيئن نہ هڪ پُٽ پنهنجي زندهہ پيءُ کي همدرديون يا ٻيا ڪي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ فوت ظاهر ڪرڻ ۾ دير ئي نہ ڪندو آهي.
اهو بہ غلط آهي تہ سڀ مائرون پنهنجن پٽن تان جان گھوري ڇڏينديون آهن، پر ڪجھہ مائرون پنهنجي پٽن کي جيئري بہ ماري ڇڏينديون آهن. اهو بہ غلط آهي تہ سڀ ڀينرون پنهنجي ڀائرن جي جيون رستي ۾ گلاب پوکينديون آهن، پر ڪجھہ ڀينرون پنهنجي ڀائرن جي جيون رستي ۾ ڪنڊا بہ پوکينديون آهن، جيڪي انهن کي عمر ڀر چڀندا رهندا آهن ۽ اذيت جو احساس ڏيندا رهندا آهن. منهنجو زندگيءَ ۾ ايترين تہ حيرتن سان واسطو پيو آهي ۽ مون زندگيءَ ۾ ايتريون تہ حيرتون ڏٺيون آهن، جو هاڻ ڪو بہ واقعو، ڪا بہ ڳالھہ مون کي حيران ڪري نہ سگھندي آهي. ايترين سارين حيرتن ڏسڻ ۽ انهن سان واسطو پوڻ کان پوءِ هاڻ مون اهو راز ڄاتي ورتو آهي تہ ٿيڻ لاءِ هن دنيا ۾ ڪجھہ بہ ٿي سگھي ٿو ۽ ڪا بہ ڳالھہ ناممڪن نہ آهي.
مون کي هڪ ليکڪ بڻائڻ ۾ جتي ٻيا عوامل ڪار فرما آهن، اُتي هن جو وچڙي وڃڻ بہ سڀ کان اهم ۽ وڏي مان وڏو ڪارڻ آهي. هوءَ جيڪا مون سان گڏ پنجين درجي ۾ پڙهي هئي. جنهن جي وڏن وڏن ڪارن نيڻن ۾ مون پنهنجو پاڻ وڃائي ڇڏيو هو / آهي.
هوءَ مون ڏانهن ڏسندي هئي تہ تيستائين منهنجي نيڻن مان پنهنجي ديد نہ ڪڍندي هئي، جيستائين آءُ پنهنجا نيڻ جهڪائي نہ ڇڏيندو هوس. سواءِ هڪ ڀيري جي جڏهن ڪيتري ئي دير تائين هڪٻئي کي ڏسڻ کان پوءِ هن پنهنجا نيڻ جهڪائي ڇڏيا هئا. هوءَ ٽڪڙو ٽڪڙو رس ڀريي آواز سان ڳالهائيندي

هئي، تہ منهنجي من مندر ۾ گھنڊڙيون وڄڻ لڳنديون هيون. هوءَ کلندي هئي تہ مون کي ائين لڳندو هو ڄڻ سمورو جهان مست ٿي جهومڻ لڳندو هجي. هوءَ هلندي هئي تہ هوائون بہ هن سان گڏ ڄڻ رقص ڪرڻ لڳنديون هيون.

هُن کي قلم جي ضرورت پوندي هئي، پين جي ضرورت پوندي هئي، ڪتاب يا ٻي ڪنهن شيءِ جي ضرورت پوندي هئي تہ سڀ کان پهرين مون کان گھرندي هئي.

ان ڇوڪريءَ کان پوءِ ٻيون بہ ڪيتريون ئي ڇوڪريون منهنجي زندگيءَ ۾ آيون ۽ آءُ هر هڪ ۾ هُن جو پرتوو ڏسي، انهن جي ويجهو ٿيڻ لڳس ۽ انهن سان منهنجا ڏگها رومانس بہ هليا، پر ڪا بہ هن جهڙي ٿي منهنجي من ۾ ٽڪي نہ سگھي. هن ۾ الائي ڪهڙو جادو هو، الائي ڪهڙي ڪشش هئي جو من ۾ ٽڪي تہ اڃان تائين من مان نڪري نہ سگھي آهي، ۽ نہ ئي نڪرڻ جو نانءُ ٿي وٺي.

اُها ڇوڪري جنهن جو نانءُ ثميره هو، پنجون درجو پاس ڪرڻ کان پوءِ الائي ڪاڏي لڏي وڃڻ ڪري اڄ تائين مون کي وري نظر نہ آئي آهي.

مان چاهيان تہ هن تائين رسائي حاصل ڪري سگھان ٿو پر ڀٽائي جو فڪر مون کي هُن تائين رسائي حاصل ڪرڻ کان روڪي وٺندو آهي.

ڳوليان ڳوليان مَ لهان، شال مَ ملان هوت،
من اندر جا لوچ، مچڻ ملڻ سين مائي ٿئي.
(ڀٽائي)

پر پوءِ بہ الائي ڇو منهنجي من ۾ هي خواهش ڪَر ڪٽندي رهندي آهي تہ هڪ وار آءُ هن سان ملان ۽ هن کان پڇان تہ: "جڏهن مينهن وسندا آهن، جڏهن بهار گلن ۽ ٻوٽن ۾ نکار آڻيندو آهي، جڏهن ڪا پريم ڪهاڻي پڙهبي آهي، جڏهن ڪي خوشين ڀريا لمحا ياد ايندا آهن، جڏهن ڪو دل ڏکائيندو آهي ۽ جڏهن جڳجيت ۽ چترا جو آواز اڪيلائي جو ساٿي بڻجندو آهي، تڏهن مون جيان تون بہ مون کي سارينديي آهين يا ماڳهين تو مون کي وساري ڇڏيو

آهي؟؟".

مان پنهنجن دوستن جي نظر ۾ ڪنهن چڱي شخصيت جو مالڪ نه آهيان. ڪجهه دوستن جي نظر ۾ آءٌ دهريو آهيان، ڪجهه دوست مون کي منافق چوندا آهن، ڪجهه دوستن جي نظر ۾ آءٌ موقعي پرست ماڻهو آهيان، ته ڪجهه دوست وري مون کي انتها پرست چوندا آهن. هڪ دوست جو اهو اعتراف ته اسين ادبي حوالي سان هڪٻئي جا دشمن آهيون، اڪثر مون کي ڪُٽڪندو رهندو آهي ۽ چاهيندي به الائي ڇو آءٌ ان دوست لاءِ پنهنجي دل ۾ دشمني جي جذبي کي پيدا ڪري نه سگهيو آهيان. انهن سڀني دوستن لاءِ پوءِ به مون وٽ احترام ۽ بي انتها پيار آهي. موٽ ۾ آءٌ دوستن جي انهن الزامن جي ڪا به وضاحت يا ترديد ڪرڻ نٿو چاهيان ۽ سچل ڪان سندن لاءِ به سِٽون اُڌاريون ٿو وٺان:

ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي،
مان جو ئي آهيان، سو ئي آهيان.
(سچل)

لکڻ لاءِ اسان جو معاشرو ڪنهن قدر به موافق نه آهي. ٻين شعبن وانگر هاڻ ادب ۾ به سياست ڪاهي آئي آهي. هڪ ڪهاڻيڪار سان اها ڪيڏي نه وڏي ناانصافي ٿيندي جو هن جي مرڻ پڄاڻان، هن جي ڪهاڻين ۽ فن تي ڳالهائڻ لاءِ شاعرن کي مدعو ڪندي ڪهاڻيڪارن کي نظر انداز ڪيو ويجي ٿو. ٻن ڪهاڻين ڇپجڻ واري کي نسيم کرل سان ڀيٽيو وڃي ٿو. غزل گو شاعرن تي لکڻ وقت سوبر شاعر، سٺن غزل گو شاعرن جي نانوَن تان ترڪي وڃن ٿا ۽ دوستي ملهائيندي نون شاعرن کي ( جن کي غزل جي باريڪين جي ڪا ڄاڻ ئي نه هوندي آهي ) اياز، استاد ۽ شيام سان ڀيٽڻ ۾ دير ئي نٿا ڪن.

اهڙي معاشري ۾ لکندي ڪيترائي ڀيرا منهنجي دل چاهيو آهي ته لکڻ ڇڏي ڏيان پر اهڙي ڪا قوت آهي، جيڪا مون کي ائين ڪرڻ کان روڪيندي رهندي آهي، ان ڪري لکڻ ۽ پڙهڻ جاري آهي ۽ شايد جاري ئي رهي.

آءُ پوري ايمانداري ۽ سچائي سان اهو اعتراف بہ ڪيان ٿو تہ، مون اڄ تائين جيڪو بہ ٿورو يا گهڻو لکيو آهي، اهو ڪنهن تي بہ ٿورو ڪرڻ لاءِ ڪو نہ لکيو آهي. آءُ انهن وڏن اديبن جيان اها لباڙ بہ ڪو نہ هڻندس تہ ڪو مون قوم، ٻولي ۽ ڌرتيءَ جو قرض لاهڻ لاءِ لکيو آهي. بلڪ آءُ اعتراف ٿو ڪريان تہ مون جيڪو ڪجهہ بہ لکيو آهي، اهو پنهنجي ذات جي Satisfication لاءِ لکيو آهي. ۽ لکڻ مون لئہ هڪ تمام وڏي پناهہ گاهہ بڻي رهيو آهي.

مون جن ليکڪن کي گهڻو پڙهيو آهي، انهن ۾ سڀ کان مٿاهون نانءُ امر جليل جو آهي، ان بعد مظهر الاسلام، نورالهديٰ شاهہ، امبر ۽ ٻيا ليکڪ اچي وڃن ٿا. ۽ مون کي اهو بہ اعتراف ڪرڻ ڏيو تہ مون امر جليل کي بار بار پڙهيو آهي، وري وري پڙهيو آهي. ائين پڙهڻ سان مون محسوس ڪيو آهي تہ منهنجي لکڻ جي سگهہ ۾ اضافو ۽ پختگي ايندي رهي آهي.

" هڪ رات جي ڪتا" جا ڪردار بہ هن معاشري جا رهندڙ ٿي آهن. اوهان اهڙيون ڳالهيون ٻڌيون ۽ اخبارن ۾ پڙهيون ضرور هونديون تہ فلاڻي هند پٽ پنهنجي ماءُ سان، ڀيءُ پنهنجي ڌيءُ سان ۽ پاءُ پنهنجي ڀيڻ سان ڪارو منهن ڪري ڇڏيو. مون پنهنجي هن ڪهاڻي ذريعي اهو ٻڌائڻ چاهيو آهي تہ انهن واقعن جو پس منظر هيئن بہ ٿي سگهي ٿو.

"وچائجي ويل شهر جي ڳولا ۾ نڪتل شخص" ڪهاڻي مون مظهر الاسلام جي هڪ ڪهاڻي کان متاثر ٿي لکي آهي.

" سلهہ ٽياس" ڪهاڻي مون فليش بئڪ ۾ وچي لکي آهي. جڏهن سلهہ جي مرض جو علاج اڃا دريافت نہ ٿيو هو. حال بابت ڪهاڻيون لکيون وڃن ٿيون. مستقبل بابت پڻ ڪهاڻيون لکيون ويون آهن ۽ لکجن پيون، جڏهن تہ ماضي بابت ڪهاڻيون گهٽ لکيون ويون آهن. ان سلسلي ۾ هن ڪهاڻي ٍ ي تجربي جي هڪ ڪڙي بہ چئي سگهجي ٿو.

انهن وضاحتن جي ضرورت مون ان ڪري بہ محسوس ڪئي جو اُهي، "جن جون فطرتون زهر آهن، اهڙن موقعن جي تلاش ۾ ٿي رهندا آهن."

هڪ اعتراف ٻيو بہ آءُ ڪرڻ چاهيان ٿو، اُهو اِهو تہ هن نٿهڻ اُس جهڙي جيون

۾ مون لئہ جيڪي ماٺهو ٿڌي ڇانوَري جهڙو احساس رکندڙ رهيا آهن، انهن ۾ امير، معصوم بخاري، ذوالفقار گاڏهي، اختر حسين کوکر، سڪندر سيال، مقبول شاهہ ۽ منهنجو نهايت پيارو دوست "آزاد" اچي وڃي ٿو. ۽ اهو سچ آهي تہ جيڪڏهن اهي نہ هجن ها تہ شايد آءٌ بہ نہ هجان ها.

مون کي پنهنجين ڪهاڻين متعلق ڪا بہ وڏي خوش فهمي ڪانهي. ها البتہ آءٌ پنهنجين ڪهاڻين متعلق ايترو ضرور چوندس تہ منهنجون ڪهاڻيون اوهان کي هرو ڀرو مايوس نہ ڪنديون.

مون کي پنهنجين ڪهاڻين متعلق اوهان جي قيمتي راين جو اوسيئڙو رهندو.

**مشتاق پرڳڙي**
ڊان بوٽ هائوس
شاهي بازار دادو.
1 فيبروري 1999ع

جتي مشتاق هڪ سچو دوست آهي اتي هو سچو عاشق به آهي جنهن کي به چاهيو اٿائين شدت سان چاهيو اٿائين ۽ اها ئي شدت اهو ئي جنون سندس لاءِ پوڳنا جو باعث بڻيا آهن. افسوس صد افسوس جو مشتاق جا محبت لاءِ ڏٺل خواب ساپيان نه ماڻي سگهيا . سندس محبوبه ته ڪئي هڪڙي "ثميره بتول" ئي آهي . پر ثميره جي وڃي کان پوءِ هن جو خال پرڻ لاءِ هن ڪجهه رنگ چورايا . آسيه ، ريشمان ۽ عائشه. پر سمورا رنگ ڪچا ۽ عارضي ثابت ٿيا . هنن معشوقائن مان ڪا هڪڙي به سندس محبوبه نه ٿي سگهي. منهنجي نظرن جي آڏو سندس پيار جا ڏيئا روشن ٿيا ۽ اجهامي به ويا. ۽ مشتاق جي زندگي اها ئي تاريڪ رهجي وئي . ٿورا ئي ڏينهن اڳ سندس بزرگن هن جي زندگيءَ ۾ هڪ نئين روشني "صاحبان" آندي آهي جا سندس شريڪ حيات ٿي رهندي . مشتاق والدين جي فيصلي آڏو فرمانبرداري جو مظاهرو ڪندي پنهنجو جيون صاحبان کي اربي چڙهيو آهي. هاڻي ڏسجي ته اها روشني مشتاق جي جيون کي ڪيترو ٿي روشن ڪري ۽ ثميره جي خال کي پري ٿي يا نه ؟.

اعليٰ تعليم ۽ وسيع مطالعي تحت ته ڪيس سائنس کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ کپندي هئي. پر هي دوست مذهبي ماڻهو نڪري پيو. ۽ اهو هڪڙي ڏينهن جو انقلاب ناهي، نه ئي ڪو مذهبي گهراڻن وانگي هن تي مذهب مسلط ڪيو ويو آهي . سائنس ۽ مذهب جي ڏکهي ويڙهه کان پوءِ هن دوست پنهنجي تجربن ۽ مشاهدن تحت پنهنجي منزل ، راهه نجات ۽ روحاني سڪون مذهب ۾ ڳولي ورتو آهي. پنج وقت نماز پڙهڻ ، تسبيح پابندي سان پڙهڻ، مذهبي احڪامن کي سمورين ڪوشش سان بجا آڻڻ. پيرن ولين جي درگاهن جون حاضريون پرڻ، مذهبي مجلسن ۽ ميڙاڪن ۾ سريڪ ٿيڻ هن دوست لاءِ باعث مسرت آهن .

اڄ مشتاق پنهنجي جيون کي حالتن جي وهڪري ۾ لوڙهي چڪو آهي. هاڻي ڏسجي ته حالتون ڪيس ڪيڏانهن ٿيون وٺي وڃن. زندگي جي سمورين خوشين ۽ خواهشن کي الوداع ڪرڻ وارو مشتاق زندگي سان تمام غير سنجيده رهيو آهي ۽ هن ڪڏهن صحت ڏانهن به توجهه نه ڏني آهي.چهري تي ڏاڙهيءَ جا تهه چڙهي وڃڻ کان پوءِ 25 سالن جو مشتاق هاڻي 35 سالن جو ڏيک ڏيڻ لڳو آهي ۽ جڏهن هو موٽر سائيڪل ڊرائيو ڪندو آهي ته 18 سالن جو ڇيرو جوان لڳندو آهي.

طبيعتاً انتهائي ضدي ، ڪنهنجي به نه مڃڻ وارو مشتاق اڄ ڪافي بدلجي چڪو آهي ، هن سدائين دل جي ڳالهه مڃي آهي . عقلي دليل ته ڪيس پاڻ

پون ٿي ڪونہ . مشتاق اڳ ۾ ڪنهن جي فيصلي تي عمل ڪرڻ تہ ٺهيو، مرڳو ڪنهن جي صلاح بہ نہ ٻڌندو هو. پوءِ ڪيس پلي ڪنهنجي قابليت تي ڪيترو بہ اعتبار هجي ، مجال آ جو انهيءَ جي ڪنهن هڪ راءِ تي بہ عمل ڪري. پاڻ ڪي عقل ڪل سمجهندڙ مشتاق اڄ زندگيءَ جا اهم ترين فيصلا بہ بزرگن ۽ دوستن جي حڪمن ۽ راين هيٺ ڪرڻ لڳو آهي. ڪافي بدلجي چڪو آهي مشتاق ۽ اهو لازمي امر بہ آهي . اجا بہ منجهس ڪافي تبديلون اوس اچڻيون آهن ۽ اهي تبديليون اٽر آهن .

16 سيپٽمبر 1974ع تي جوهي شهر جي هڪ ڳوٺ ائين شاخ ۾ حاجي محمد چٽل پرڳڙي جي گهر ۾ جنم وٺندڙ هن دوست جو نالو والدين طرفان مشتاق علي پرڳڙي رکيو ويو. ۽ انهيءَ نالي ڏکهو سفر ڪري مشتاق احمد پرڳڙي کان مشتاق احمد "محروم" تائين ۽ "محروم" کان مشتاق پرڳڙي تائين پهچي ڪيس امرتا بخشي آهي. جم ڏينهن جي حساب سان سندس ستارو ورگوVIRGO آهي ۽ ورگو جون سموريون خاصيتون منجهس آهن. مشتاق جي جم کان ستت ئي پوءِ حاجي محمد چٽل پرڳڙي دادو شهر لڏي آيو. ۽ هتي مستقل رهائش اختيار ڪيائين. مشتاق پنهنجي پرائمري تعليم وزير آباد اسڪول پرائو بس اسٽاپ دادو مان پوري ڪئي. ميٽرڪ گورنمينٽ پائلٽ سيڪنڊري اسڪول دادو مان ڪيائين. گورنمينٽ استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادوءَ مان بي.ايس سي ڪليئر ڪيائين ۽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان بين الاقوامي تعلقات شعبي ۾ بي.اي ڪيائين.

مشتاق لکڻ جي شروعات روزانہ هلال پاڪستان جي ٻاراڻي صفحي کان ڪئي. سندس پهرين لکڻي انهيءَ صفحي ۾ 1988ع ۾ شايع ٿي . پر باقاعده لکڻ جي شروعات 1990ع کان ڪيائين ۽ اڄ تائين مسلسل لکندو پيو اچي. سندس لکڻيون تقريبن سمورن رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي چڪيون آهن ۽ اجا تائين ڇپجن پيون .

9 سالن جي ادبي سفر ۾ سندس فن ڪيتري پختگي ماڻي آهي ، اها الڳ ڳالهہ آهي . پر ٿوري عرصي ۾ ايڏا گهرا تجرباتي ۽ مشاهداتي فن پارا تخليق ڪرڻ تي هو جس لهڻي . سندس ڪهاڻيون سندس طبيعت جي حساس هئڻ جو پڪو ثبوت آهن. لکڻ ۽ موضوعن جي چونڊ ۾ بلڪل بي ڊپو هي دوست جيڪر ائين ئي بي ڊپو ٿي لکندو رهيو تہ اهو وقت پري ناهي جو هي پنهنجي سچي ، تلخ ۽ تزائجي، ٻولي ۽ پنهنجي ڌاهپ ڪري پوڳي .

معاشري جي غليظ ترين موضوعن کي بہ ڪهاڻين ۾ تمام

## مهاڳ

# سچ جو سواد

اپنشد جي لفظي معنيٰ آهي، ”تدريسي نشست“ يا ” خاص علم کي حاصل ڪرڻ لاءِ استادن جي قدمن ۾ ويهڻ“. اُپنشد لڳ ڀڳ ايڪائي ـ ٽي هزار سال اڳ برصغير ۾ تصنيف ٿيا، جنهن ۾ مختلف موضوعن کي ڪهاڻين جي ذريعي بيان ڪيو ويو آهي . سچ جي موضوع کي به هڪ ڪهاڻي ذريعي پيش ڪيو ويو آهي.

پٽ، پيءُ کان پڇيو : ” بابا! سچ ڇا آهي ؟ “

” هي لوڻ پاڻيءَ جي ڀريل ڪٽوري ۾ وجهي سڀاڻي ڪٽي اچجانءِ“، پيءُ ورندي ڏني.

پٽ اوئين ڪيو.

ٻي ڏينهن تي پيءُ پٽ کي چيو: ” هاڻي لوڻ پاڻي مان ڪڍي ڏيکار“.

پٽ، لوڻ جي ڳوڙهن کي پاڻيءَ منجهه تلاش ڪيو، مگر لوڻ ته پاڻي ۾ ڳري چڪو هو.

” پاڻيءَ کي چکي ٻڌاءِ ته ڪيئن آهي؟ “، پيءُ پڇيو .

”لوڻيانو آهي“ پٽ چيو.

” چڱو ، ڪٽورو اڌيڪو ڪري چک“.

هن ائين ڪيو ۽ پوءِ وراڻيو: ” اهو به لوڻيانو آهي “.

” هاڻي تري وارو چک“.

” اهو به نمڪين آهي “، پٽ جواب ڏنو.

تڏهن پيءُ چيو : ” جي تون سچ جو سواد وٺڻ گهرين ته اهڙو سچ

تنهنجي اندر ۾ بہ آهي."

هڪ سچ جيڪو اسان جي پنهنجي اندر ۾ آهي ۽
هڪ اهو سچ جيڪو انسان جي وجود کان ٻاهر آهي. انسان جڏهن ٻنهي جو سواد وٺي، اظهار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ اڄوڪي دؤر جي ڪهاڻي ٺهي پوي ٿي.

شايد انگريزي ادب جي مشهور مترجم ۽ ايڊيٽر
" هيري آولنگ" HARRY AVELING، تڏهن چيو آهي تہ ،
" ڪهاڻي اظهار جو هڪ اهڙو نفيس ذريعو آهي ، جنهن ذريعي انسان پنهنجو پاڻ کي سمجهڻ سان گڏو گڏ اردگرد جي ماحول کي پڻ پرجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو".

مشتاق پرڳڙي بہ اڄوڪي دؤر جو ڪهاڻيڪار آهي. سندس ڪهاڻيون نہ صرف هن جي پنهنجي جيءَ ۾ پاتل جهاتيون آهن. پر هن ارد گرد جي ماحول تي پڻ نظر رکي آهي. مان موضوعاتي لحاظ کان سندس ٻن ٽن ڪهاڻين کي حوالي طور تي پيش ڪرڻ چاهيان ٿو. مثلاً ، " هڪ مست جي پراسرار مسڪراهٽ ۽ آءٌ " ، " جستجو" ، "چاهتون پائڻ جي اوسيئڙي ۾ ٽي وجود" ۽" سيلز مين جو هڪ ڏينهن".

اهي ڪهاڻيون چڻ ٻڌائن ٿيون تہ هو انهيءَ سچ جي تلاش ۾ آهي، جنهن سچ جي جستجو ازل کان جاري آهي.
ڪنهن سياڻي کان پڇيائون : " سچ ۽ ڪوڙ ۾ ڪيترو فرق آهي ؟".
جواب ڏنائين : " چار آڱر".
پڇيائونس :" ڪيئن؟".
چيائين: " جهڙو ڪن ۽ اک ۾".

يعني ڪنن ٻڌل ڪوڙ، اکين ڏٺل سچ.

بقول اردو جي عظيم ڪهاڻيڪار سعادت حسن منٽو جي ته، " ادب هڪ فرد جي پنهنجي زندگي جي تصوير ناهي. جڏهن ڪوئي اديب قلم کڻي ٿو ته هو پنهنجي گهريلو معاملن جو روزنامچو نٿو لکي. پنهنجن ذاتي خوشين، رنجشن، بيمارين ۽ تندرستين جو ذڪر نٿو ڪري. ان جي قلمي تصويرن ۾ گهڻو ممڪن آهي ته ڳوڙها ان جي ڏڪايل ڀيڻ جا هجن. مسڪراهٽ اوهان جي هجي ۽ ٽهڪ هڪ خسته حال مزدور جا" .

اهي سڀ رنگ مشتاق ٻرڳڙي پنهنجين ڪهاڻين ۾ ڀريا آهن. اهي رنگ ڪيترا گهرا، ڊيما پورا پنا، ڪتل، بي اثر يا پر اثر آهن. انهيءَ جو اندازو پارکو ۽ سٺا پڙهندڙ ڪري سگهن ٿا.

جو ته اسان جڏهن ڪنهن تخليقار کي پڙهندڙ کان اڳ ۾ سرٽيفڪيٽ ڏئي ڇڏيون ٿا ته اسان ڄڻ پڙهندڙ سان ويساهه گهاتي يا زيادتي ڪيون ٿا. اسان سندس ذهن ۾ اڳواٽ ئي ويهاري ڇڏيون ٿا ته، ليکڪ جي فلاڻي تخليق زبردست اٿئي، فلاڻي مزي جي نه اٿئي. فلاڻي مڙئي سڙئي آهي. ان کان پوءِ پڙهندڙ کي پنهنجي لفاظي جي ذريعي اهو باور ڪرائڻ چاهيون ٿا ته جيئن اسان سمجهيو آهي، ائين تون به سمجهه ، نه ته توکي ادب جي بارگاهه مان بي عزتو ڪري ڪڍيو ويندو . توکي ڄٽ، جاهل ۽ ڪوڙو سمجهيو ويندو. ڇا اسان کي اهو حق پهچي ٿو؟.

جڏهن ته "پوسٽ ماڊرنزم " جو نظريو ڏاڍو حقيقت پسنديءَ وارو نظريو آهي. جنهن ۾ پڙهندڙ کي وڏي اهميت آهي. جڳ مشهور نقاد، رونا باد چيو آهي: "لکڻ واري جي معنيٰ يا مطلب هڪ بنيادي نقطو آهي . جڏهن ته پڙهندڙ وٽ معنائن ۽ مطلبن جا درياه وهن ٿا".

ان ڪري پڙهندڙ ۽ پارکوجو بنيادي حق نه
ڪسجي ته بهتر آهي . هن کي ڇڏي ڏجي ته هو پنهنجي اک سان ڏسي، آزاد ذهن سان سوچي، پنهنجي زبان يا قلم سان اظهار ڪري.

هڪ سٺي پڙهندڙ ۽ نقاد جو اهو فرض آهي ته هو پيار جي پورهيي کي پيار سان پرکي، حسين اک سان ڏسي ، ڪشادي دل سان محسوس ڪري ۽ پوءِ بي ريا ٿي اظهار ڪري.

مشتاق ڀرڳڙي جي ان اضافي خوبي جو ذڪر نه ڪجي ته زيادتي ٿيندي . جيڪو هن " پنهنجي پاران" ۾ لکي ڪيو آهي ، جنهن ۾ هن پنهنجي پسنديده ليکڪن کان متاثر ٿيڻ جو اعتراف ڪيو آهي. اهو ڪمزوري نه پر جرئت آهي ، ڇو ته هر ليکڪ پنهنجي پيشروئن جو تسلسل آهي. پوءِ ڪٿي ان جو برملا اظهار نه ڪري.

۽ ائين لکڻ ته ، " وچائجي ويل شهر جي ڳولا ۾ نڪتل شخص" ڪهاڻي مون مظهر الاسلام جي هڪ ڪهاڻي کان متاثر ٿي لکي آهي. اهو سندس اعليٰ ظرف آهي. منهنجي خيال ۾ ته ڪابه ڪهاڻي مڪمل ناهي ٿيندي ، جتي هڪ ڪهاڻيڪار ڇڏيندو آهي، ٻيو اتان ڪٽندو آهي. جيئن زندگي روان دوان آهي ، تيئن ڪهاڻي به آهي. انساني زندگي جو تسلسل ، ڪهاڻيءَ جو تسلسل آهي. ڇو ته ڪهاڻي انساني احساسن جو ٻيو نالو آهي. ڪهاڻيءَ جو خاتمو ، احساسن جي پڄاڻي آهي يا ٻين لفظن ۾ زندگيءَ جو انت آهي.

ادبي دنيا بظاهر ٻاهران ڏاڍي سنجيده ۽ پروقار لڳندي آهي . پر ان جي دائري ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ احساس ٿيندو آهي ته هر ماڻهوءَ جو نڪ ايڏو ته وڏو آهي جو ٻئي ماڻهوءَ جو وجود ئي ڪيس ڏسڻ ۾ نٿو اچي . پاڻ اجگر ٻيو جيتامڙو آهي. ادب ۾ "مان" واروجهان ايڏو ته ايسرو آهي ، جو ڪنهن جي ڪنهن تي اک ئي نه

تي ٻڌي. ان ڪري پريشان نہ ٿيڻ گهرجي ڇو تہ اهو لقاءُ سچي دنيا ۾ آهي. اديبن ۾ ائگريمينٽ Agreement نہ هئڻ جو سبب خيالن جي وسعت آهي يا ٻين لفظن ۾ گهڻ رخيون سوچون آهن.

ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ دشمن جي تعريف وٺندي آهي ۽ سڄڻن جو سچ ڪڙو لڳندو آهي . اهو ضرور ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ سچ ٿوهہ يا نم جي پنن جيان ڪڙو تہ ٿي سگهي ٿو پر مفيد آهي. جڏهن تہ ڪو ڪو زهر ڏاڍو مٺو مگر جيءُ جوکو هوندو آهي.

تنهنڪري هڪ اديب جو فرض آهي تہ سچ جي جستجو جاري رکي ،ان جو سواد چکندو رهي ڀل اهو نمڪين يا ڪڙو هجي ، ان ۾ ئي چڱائي آهي.

**منظور ڪوهيار**
هائوس نمبر 597 - C
لاهوري محلو لاڙڪاڻو

مشتاق سنڌي ڪهاڻيءَ جو نئون چهرو آهي نوخيز!

۽ في الحال سنڌي ڪهاڻيءَ تي " مشتاق" پڻ. مٽس بہ سنڌي ڪهاڻي، ڇا ڪڏهن ساڳيءَ ريت شدت سان مشتاق ٿيندي؟ اهو تہ وقت ٻڌائيندو. في الحال سندس هيءَ ڪهاڻي " ديوانگيءَ جو انت" ، هن جي بلڪل وقتائتي ڪوشش آهي.

وقت ...................؟ !.

جنهن بابت ڪهاڻيءَ ۾ اتاريل مشتاق جا هي سوال، جهڙوڪر اڄ جي هر ماڻهوءَ جا سوال آهن. " هي هڙتالون ڪڏهن ختم ٿينديون!؟ ، دهشت گردي ڪڏهن ختم ٿيندي ! ؟، ماڻهن جو ڊورن جيان ڪسجڻ ڪڏهن بند ٿيندو!؟.

۽ اهڙن سوالن جي ارد گرد ڪهاڻيءَ جو تانجو اُڻيندي، مشتاق حاضر دؤر جي هاڃيڪار حالتن کي پيش ڪري، جڻ پنهنجو پاڻ کي پنهنجي زماني جي نمائندگي ڪندڙ ليکڪ طور متعارف ڪرايو آهي.

هونئن جنهن زماني ۾ اسين رهائش پذير آهيون ، لڳي ٿو بہ هزار سال اڳ بہ اهو اهڙوئي هو. جڏهن مشتاق جي ڪهاڻي جي نائڪ وانگر ، گوتم ٻڌ ، ڪپل وستوءَ مان اٿي ڇٽي نڪتو هو؛ "مان شانتي ڳولي لهندس!" .

تنهن تي هن جي والد دلگير ٿيندي چيو هئس؛ "گوتم ! اهو سڀ ڪجهہ جنهن جي تلاش ۾ تون گهر ڇڏي وڃين پيو ، ملي وڃيئي تہ موٽي اچي مون کي بہ سيکارجانءِ ۽ جي مايوسي پلئہ پوئي تڏهن بہ موٽي واپس اچجانءِ ، ٻئي گڏجي ديوتائن آڏو قربان ٿي ويندا سين ."

مشتاق جي ڪهاڻي جو نائڪ بہ اهڙي ساڳي تلاش ۾ گهران نڪري ٿو.

۽ انجام !؟.

اهو بہ مشتاق جي ئي لفظن ۾ پڙهو؛

" چؤ واٽي تي ماڻهن جو انبوهہ نظر آيس. نهاريائين تہ رت سان لت پت لاش کي ڏٺائين. تڏهن يقين ڪرڻوئي پيس تہ ، هي اهو ئي هو، جنهن نفرت کان پاڪ پيار ، سک، امن ۽ شانتيءَ جي بستي اڏڻ جا خواب پنهنجي نيڻن ۾ سمايا هئا ۽ اڄ انهيءَ کي ئي نفرت جي ور چاڙهيو ويو هو ....."

۽ مشتاق جي هي ڪهاڻي، هن اڄوڪي دنيا جي ئي صورتحال جي ڪهاڻي آهي، جيڪا ناقابل يقين رفتار سان تباهيءَ ڏانهن وڌي رهي آهي. جنهن ۾ امن ، سڪون ، پيار ۽ انسانيت سڀ تهس نهس ٿي ويا آهن. اندا ڌنڌ طوفان آهي جنهن جي لپيٽ ۾ دنيا جو پورو گلوب اچي چڪو آهي، جنهن ۾ اسان جو هي امن جو خطو" سنڌ" بہ شامل آهي.

سنڌ جي اهڙي اڄوڪي صورتحال کي پنهنجيءَ ڪهاڻيءَ ذريعي سامهون آڻڻ تي.

مشتاق پرڳڙي ، منهنجا نوجوان ڪهاڻيڪار

شاباس، لک آفرين !.

**نصير مرزا**

# ديوانگيءَ جو انت

هي سوچن جي ساگر ۾ لڙهندو هلندو رهي ٿو.
سوچون هن جي دماغ ۾ گهر ناهينديون رهن ٿيون. سوچي ٿو هي هڙتالون ڪڏهن ختم ٿينديون، هي جلوس ۽ جلسا ڪيستائين هلندا رهندا، هي دهشتگردي ڪڏهن ختم ٿيندي ۽ ماڻهن جو ڍورن جيان ڪسجڻ ڪڏهن بند ٿيندو؟!.
ماڻهن ڪي اهڙي بيدرديءَ سان ڪُٺو وڃي ٿو جو ان جي ڄڻ ته ڪا به حيثيت ۽ اهميت ئي نه رهي آهي. پٿر ٿي ويا آهن ماڻهو، جو رت جي هولي ڪيڏن ٿا. ماڻهن ۾ احساس نالي ڪا شي ئي ناهي رهي. روز روز جي هڙتالن ۽ شهرن ۾ ڪرفيوجهڙين حالتن غريبن کان ٻن وقتن جي ماني کسي ورتي آهي. غريب بکون ڪاٽڻ تي مجبور ٿي ويا آهن.خوف ماڻهن جي ذهنن ۾ واسو ڪري ويهي رهيو آهي. ماڻهن جون ننڊون حرام ٿي ويون آهن ۽ سک ۽ چين ماڻهن کان کسجي ويو آهي. مستقل

بيچيني واري فضا جنم ورتو آهي، جيڪا هاڻ بدستور وڌندي ئي تي وڃي.
ماڻهو شام ٿيڻ سان ئي گهرن جا دروازا ڀيڪڙي ٿا ڇڏين، رات جو دير تائين دوستن سان ويهي ڪچهريون ڪرڻ وارو ۽ هڪ ٻئي جي ڏک سک ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ وارو ڪلچر هاڻ ختم ٿيندو پيو وڃي.
ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ تان اعتبار کڄي رهيو آهي، چئو طرف بي اعتباري واري فضا پکڙجندي پئي وڃي. ماڻهو پاڻ کي گهرن ۾ وڌيڪ محفوظ تصور ڪرڻ لڳا آهن، بنسبت گهرن کان ٻاهر رهڻ جي. ٻارن جي ٻاهر نڪرڻ ۽ ميدانن تي راند کيڏڻ تي بندشون وڌيون ويون آهن. جنهن جي ڪري ٻار ڊپريشن جا شڪار ٿين لڳا آهن.
آف!.. هيءَ زندگي ڪهڙي ٻواٽي تي اچي بيٺي آهي. ياد ٿو اچيس هڪ دفعي چؤنڪ تي اوچتو گولين جي برسات وسي هئي، جنهن ۾ لاتعداد ماڻهو مري ويا هئا، ڪي زخمي ٿيا هيا ۽ هي معجزاتي طور بچي ويو هو.....
هن جي خيالن جو سلسلو تڏهن ٽٽي ٿو جڏهن هڪ چوواٽي تي سلام ورائي هو گڏجيس ٿو. هو هميشه ائين ئي رستي ويندي هن کي ملندو آهي.
هن جو ڏس پتو ڇاهي؟. ڪافي دفعا پڇڻ تي به هن ناهي ٻڌايو. ڪڏهن ڪڏهن هن کي هن مان ڊپ به ٿيندو آهي. هڪ دفعي هن جو پيڇو به ڪيائين، اهو معلوم ڪرڻ لاءِ ته هو ڪير آهي ۽ ڪٿي ٿو رهي، پر هڪ گهٽي ۾ اچي هو ائين گم ٿي ويو، جيئن ڪنوڻ تجلو ڏئي گم ٿي ويندي آهي. هن کي الائي ڇو هو پراسرار لڳندو آهي. هن جون ڳالهيون پراسرار، هن جو لهجو پراسرار، هن جو چهرو پراسرار ۽ پاڻ سارو پراسرار لڳندو آهي. هي محسوس ڪندو آهي ته ڄڻ هو غلطيءَ وچان هن دؤر ۾ پيدا ٿي ويو هجي.
رستي تي گڏ هلندي پڇيس ٿو : ”تون رڳو رستن تي گهمندو رهندو

آهين، ڪو ڪم وغيره نہ ڪندو آهين ڇا؟".
" ڪندو آهيان".
" ڪهڙو؟".
" آئون پيار جو ڳولائو آهيان، سُک، امن، شانتي جو ڳولائو آهيان ۽ انهن کي ئي ڳوليندو رهندو آهيان".
" ڀلا ڀوءِ انهن مان ڪنهن کي ڳولي سگهيو آهين؟".
هڪدم چهري تي اداسي ۽ مايوسيءَ جا پاڇا نهرائي وجنس ٿا، گلي ۾ ڄڻ ڪجهہ ڦاسي پويس ٿو، ڀريل آواز سان نهايت ڳنڀير ٿيندي چوي ٿو: "اڃان تائين تہ ناڪام رهيو آهيان".
" تون ناڪام ئي رهندين، هتان جا ماڻهو پيار، امن، سک ۽ شانتي مان ڇا ڄاڻن، هت تہ هر ڪنهن کي پنهنجا مفاد عزيز آهن. هتي تہ هر ڪنهن کي پنهنجون خواهشون ۽ خوشيون پياريون آهن، هتي تہ هر ماڻهو ويساهہ وڃايل آهي. ڀلا اهڙي نگريءَ ۾ تون انهن کي ڪيئن ڳولي سگهندين؟!".
"اڃان آئون مايوس ڪونہ ٿيو آهيان. ڪجهہ ماڻهو اهڙا بہ آهن، جيڪي پيار محبت ورهائن ٿا، جيڪي ٻين جي سکن لاءِ پنهنجا سُک داءُ تي لڳائي ڇڏين ٿا ۽ سُک، امن، شانتي لاءِ پاڻ پتوڙين ٿا. مون کي پڪ آهي تہ هڪ ڏينهن انهن جي جدوجهد ضرور رنگ لائيندي".
"مون تہ ڪڏهن اهڙا ماڻهو ناهن ڏٺا، جيڪي ٻين جي خواهشن جو خيال ڪندا هجن ۽ پنهنجين خواهشن جا غلام نہ هجن؟!".
" آئون جو تنهنجي سامهون آهيان".
" پڪ سان ڀوءِ تون ديوانو آهين".
" سک، امن، پيار جي نگري آباد ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ وارا هميشہ ديوانا ئي تہ سڏبا آهن. منصور، جنهن کي سوليءَ تي چاڙهيو ويو، سقراط، جنهن زهر جو پيالو پيئڻ قبوليو هو، مخدوم بلاول، جنهن کي گهاڻي ۾ پيڙهيو ويو، اهي سڀ ديوانا ئي تہ هئا".

" ڪجهہ ڪونہ ورندئي، اهڙا سپنا ڏسڻ ڇڏي ڏي".

"سپنن ۽ اميدن تي ئي تہ دنيا قائم آهي، ڏسجانءِ تہ پنهجا سپنا هڪ نہ هڪ ڏينهن ساپيان ضرور ماڻيندا".

ائين چئي هو هڪ موڙ احڻ تي هن کان جدا ٿي ويو، ويندي مهل هن ڏنو هن جا نيڻ ديپڪ جيان ٻري پيا هئا.

ڪافي ڏينهن کان پوءِ هڪ شام ڏاري هي رستو وٺي وڃي رهيو هو تہ هڪ چؤواٽي تي ماڻهن جو انبوهہ نظر آيس. هي تڪڙو تڪڙو انبوهہ وٽ پڳو، ماڻهن کي ٻري ڪري جيئن ئي هيٺ نهاريائين تہ درد جي لهر جسم ۾ ڊوڙي ويس. ان سمي من ۾ محشر برپا ٿي پيس. پاڻ کي پڪ ڏيارڻ لاءِ هڪ ڀيرو ٻيهر انهيءَ رت سان لت پت لاش کي ڏٺائين. تڏهن يقين ڪرڻو ئي پيس تہ هي اهوئي هو، جنهن نفرت کان پاڪ پيار، سک، امن ۽ شانتي جي بستي اڏڻ جا خواب پنهنجي نيڻن ۾ سمايا هئا ۽ اڄ انهيءَ کي ئي نفرت جي ور چاڙهيو ويو هو. اتي بيٺل ماڻهو هر نئين ايندڙ کي ٻڌائي رهيا هئا تہ ٻہ دهشتگرد جيڪي موٽرسائيڪل تي سوار هئا، انهن هن تي گوليون وسايون ۽ رفو چڪر ٿي ويا.

هن اداس مرڪن جي ورڪا هن تي ڪئي ۽ چپن ۾ پڙڪيو : ديوانگيءَ جو انت اهوئي تہ ٿيندو آهي".

# مسٽر پي.ڪي ۽ اسلام

هن ننڍڙي شهر ۾ آئي مسٽر پي - ڪي ڪي
ڪجهہ ڏينهن ئي مس ٿيا هئا، پر هن انهن ٿورن ڏهاڙن ۾ ئي ماڻهن سان پنهنجا سُٺا تعلقات ناهي ورتا هئا. ملنسار طبيعت جي ڪري ماڻهو هن وٽ پاڻهي ئي ڇڪجي ٿي آيا.

ماڻهن کي ويهاري انهن کان حال احوال پڇڻ، ننڍي توڙي وڏي سان ساڳي عزت ۽ احترام سان پيش اچڻ، ڏکيي وقت ۾ ماڻهن کي پنهنجن مفيد مشورن سان مستفيض ڪرڻ ۽ پنهنجي وٽ آهر غريبن جي مالي سهائتا ڪرڻ هن جي طبيعت جون نمايان خوبيون هُيون. اُنهيءَ ڪري هي ماڻهن ۾ ڏينهون ڏينهن مقبول ٿيندو پئي ويو. سندس دڪان آڏو جيڪو بہ واقف گذرندو هو، پوءِ پلي هو ڪيترو بہ تڪڙو ڇو نہ هجي، پر هن جي دڪان تي لڙي ضرور ايندو هو. اها سندس حُسن ۽ سلوڪ جي خوبي هئي، جنهن ڪري ماڻهو هن وٽ پاڻهي ئي ڇڪجي ٿي آيا.

ماڻهو جڏهن هن ڪان سندس نانءُ، ذات ۽ اتو پتو پڇندا هئا تہ موت ۾ هي مرڪي چوندو هو، ” چا ايترو ڪافي ناهي تہ آءٌ انسان آهيان ۽ ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ بہ نہ، تنهن هوندي بہ توهان مونکي مسٽر پي - ڪراچي جي نانءُ سان سڏي سگهو ٿا“.

عباس کي اولاد نہ ٿو ٿئي، ماسي زينت کي سيني پٽن ڇڏي ڏنو آهي، مريم مڙس جي نشي پتي جي بندوبست ۽ ٻارن جي ماني ڳيي جي حاصلات لاءِ ٻين جي گهرن ۾ ڪم ڪندي آهي، اڪرم جهڙو سهڻو جوان ٽنگن ڪان معذور آهي، عثمان فطرت جا رنگ پسي نہ ٿو سگهي، جو هو نابين آهي. سليم پڙهي نہ ٿو سگهي ۽ ڪرسيون ان ڪري واڻيندو آهي جو هن کي بيمار ماءُ جي علاج ۽ ٻن وقتن جي ماني واسطي پئسن جي گهرج آهي. ۽ شمع ان ڪري ڏنڊو ڪندي آهي جو هن کي پنهنجين ٻن ننڍين ڀينرن ۽ هڪ ڀاءُ جو مستقبل سنوارڻو آهي. اهي ۽ ان جهڙا ٻيا واقعا مسٽر پي - کي کي دردن جي صليب تي ٽنگڻ لاءِ ئي ڪافي آهن. هن جو جيڪر وس هلي تہ هي انهن سيني جا درد گهڙي پلڪ ۾ ختم ڪري ڇڏي ۽ هنن کي احساس ڏياري تہ زندگي رڳو مسئلن سان مهاڏي اٽڪائڻ جو ئي نانءُ ڪونهي، پر زندگي ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ آهي.

مذهبن جي تہ هي سخت مخالفت ڪندو آهي. هن جي نظر ۾ مذهب ئي سمورن فسادن جي جڙ آهن. ۽ جيڪي بہ وڏيون وڏيون جنگيون لڳيون آهن ۽ لکن ۽ ڪروڙن ڪان وڌيڪ جيڪو ماڻهن جو ڪوس ٿيو آهي، انهيءَ جو ڪارڻ گهڻو ڪري مذهب ئي رهيا آهن. نہ صرف اهو بلڪ هن جي نظر ۾ مذهبن انسان ڪان آزاديءَ سان رهڻ جو حق ڪسي ورتو آهي. ۽ مذهبن جي پيٺ ڪئي عالم اڪابر ٻڻ چاڙهيا ويا آهن. ان ڪري هن جو خيال آهي تہ جيڪڏهن ٻين سيني نظرين کي ڇڏي اسان رڳو ” انسان پرستي“ جو نظريو اپنايون، هڪ ٻئي جي احساسن، جذبن، خواهشن جو خيال ڪيون، ڏکئي وقت ۾ هڪ ٻئي

جي ڍال بنجي وڃون تہ انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ هي ڌرتي سُک، امن آشتيءَ جو گهوارو بڻجي وڃي.

هو شهر جي سادن ۽ اوجهہ ماڻهن کي اڪثر سمجهائيندو رهندو آهي تہ جڏهن توهان جي گهر جو ڪو ڀاتي بيمار ٿي پئي تہ ان جي لاءِ ڪنهن مُلي کان تعويذ نہ ڪرائڻ بدران سرڪاري اسپتال مان سندس علاج ڪرايو. ڪنهن بہ قسم جي مذهبي، عقيدي واري خيرات ڪڍو تہ ان تي پاڙي جي ڪنهن يتيم، بيوهہ ۽ مفلس جو حق آهي. نہ ڪي پيٽ وڏن مُلن جو. الله جي ذات سان توهان پاڻ سڌو رابطو رکو، مُلن جي معرفت جو سهارو ڪڏهن بہ نہ وٺو. مولوي يا پيش امام کي صرف نماز جي حد تائين امام رکو. ۽ باقي هر مونجهاري لاءِ پنهنجي عقل جي امامت قبوليو. ۽ ياد رکو تہ الله ڪا ظالم هستي ناهي بلڪ هو تہ غفور ۽ رحيم آهي.

هي پنهنجي انهي نظريي جي اڪثر پرچار ڪندو رهندو آهي. هن جي انهيءَ پرچار کان وڌ ۾ وڌ جيڪڏهن ڪنهن کي خطرو آهي تہ اهو آهي پاڙي جي مسجد وارو مُلان عبدالرحمان.

ملان عبدالرحمان سوچيندو رهندو آهي تہ هي جيڪي ايترا سارا ماڻهو هن جي ويجهو ٿي رهيا آهن ۽ هن جي نظريي کان متاثر ٿي رهيا آهن، اهي جيڪڏهن سڀائي تعويذ لکرائڻ، زڪواة ڏيڻ، روزا رکڻ ۽ رکرائڻ ۽ نماز پڙهڻ ڇڏي ڏين تہ هن جو ڇا ٿيندو؟!. هن جي هيڏي ساري لئي لست ۽ نات بات تہ ختم ٿي ويندا. ان ڪري مُلان هن تي اڪثر جک ڪائيندو رهندو آهي، ۽ هن جي مخالفت ڪرڻ وقت ڪو بہ موقعو ۽ مهل هٿان نہ وڃائيندو آهي.

اهو ئي سبب آهي جو مسٽر پي - ڪي جي ڏينهون ڏينهن ماڻهن ۾ وڌندڙ مقبوليت کان خوفزده ٿيندي، ملان عبدالرحمان شهر جي سڀني مسجدن جي مولوين جي اڄ پنهنجي مسجد ۾ ميٽنگ ڪوٺائي آهي.

بس اسٽاپ واري مسجد جي مُلان غوث بخش چيو : " منهنجي خيال ۾ مسٽر پي - ڪي کي پوليس حوالي ڪرڻ گهرجي، پوليس هن جي مٿي مان پاڻهي هوا ڪڍي ڇڏيندي".

مين بازار واري مسجد جي مُلان امام الدين چيو : " هن جا هٿ ٻڌي، ڪارو منهن ڪري، گڏهه تي چاڙهي سڄي شهر ۾ گهمايو وڃي".

ناڪي واري مسجد جي مُلان حافظ مولا بخش چيو : "ڪجهه پيو سوچيو، اهڙو ڪجهه جنهن سان نانگ به مري ته لٺ به بچي".

اڪثر ڪري اهڙن موقعن تي پنهنجن مفيد مشورن سان مستفيظ ڪندڙ حافظ عثمان چيو : " حافظ مولا بخش نيڪ پيو چوي، اسان کي هريرو جذباتي ٿيڻ نه گهرجي ۽ اهڙن موقعن تي ذهانت مان ڪم وٺڻ گهرجي. اسان کي اهڙو " لائحہ عمل" جوڙڻ گهرجي جيڪو قانون جي دائري اندر پڻ هجي".

مولوي اسحاق جذباتي ٿيندي چيو : " پوءِ توهان ئي ڪٿي ٻڌايو ته اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟!.

حافظ عثمان پنهنجي ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيريندي چيو : " اسان کي سڀ کان پهرين چاڪنگ واري هٿيار مان ڪم وٺڻ گهرجي، ان بعد جلسا ۽ جلوس ڪڍيا وڃن ۽ آخر ۾ جي ڪم نه ٿئي ته ٻڪ هڙتال وارو هٿيار استعمال ڪرڻ گهرجي".

هن داد طلب نگاهن سان سڀني ڏانهن ڏٺو ته سڀ هن جي صلاح تي متفق ٿيندي نظر آيا.

ٻئي ڏينهن شهر جي سمورين ڀتين تي مسٽر پي - ڪي خلاف چاڪنگ نظر آئي : " اسلام دشمن عنصر پي - ڪي کي هن شهر مان فوري طور ڪڍيو وڃي، " " آمريڪا جو ايجنٽ نه کپي"، " پي - ڪي تي لعنت"، " شهر کي يهودي صفت ماڻهن کان پاڪ ۽ صاف بڻايو، " پي - ڪي هٽايو - اسلام بچايو ".

ان چاڪنگ مان جڏهن ڪو به ڪارتيل نه نڪتو ته اڳئين ڏينهن تي شهر

جي سيني مولوين، مولانا عبدالرحمان جي اڳواڻيءَ ۾ وڏو جلوس ڪڍيو ۽ مسٽر پي - ڪي خلاف نعرا هڻندي چونڪ تي آيا.

سڀ کان پهرين بس اسٽاپ واري مسجد جي مُلان غوث بخش تقرير ڪندي چيو : "منهنجا پيارا مسلمان ڀائرو! حديث شريف ۾ آهي ته جهاد ڪرڻ عين عبادت آهي، جهاد ڪرڻ وارا الله تبارڪ و تعاليٰ کي سڀ کان وڌيڪ عزيز ۽ پيارا هوندا آهن. جهاد ڪندي جيڪڏهن ڪوئي مري وڃي ته ان کي شهادت جو درجو ملندو آهي ۽ جيڪو بچي وڃي ان کي غازي جو رتبو ملندو آهي ( وچ هجوم مان ڪنهن لاٿڙيي رڙ ڪئي سبحان الله ) ان ڪري توهان اسان سيني مسلمان ڀائرن کي پي - ڪي کي هن شهر مان ڪڍڻ واري جهاد ۾ شريڪ ٿيڻ گهرجي ۽ ثوابِ دارين حاصل ڪرڻ گهرجي".

هن مائيڪ مولوي اسحاق حوالي ڪئي ۽ نلهه تان لهي ويو. فضا نعرن سان گونجي وئي. " اسلام دشمن عناصر - مرده باد"، "پي - ڪي کي هٽايو - اسلام بچايو".

مولوي اسحاق هٿ جي اشاري سان سيني کي ماٺ ٿيڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ تقرير ڪندي چوڻ لڳو : " منهنجا پيارا مسلمان ڀائرو! اِهُ مسٽر پي - ڪي کي چڱي طرح سڃاڻان، هو نهايت ڪميڻو، لوفر، بدمعاش ۽ آمريڪا جو ايجنٽ آهي. ( هجوم مان ڪنهن نعرو هنيو - "آمريڪا تي" پين سيني چيو " لعنت". ) نه صرف اهلو بلڪه هو شرابي ۽ رنڊي باز به آهي، ۽ هن جا ڪال گرل شمع سان به ناجائز واسطا آهن، هو اسلام جو دشمن ۽ ڪافرن جو ساٿي آهي. منهنجو وس هلي ته هن کي سرعام چونڪ تي ڦاهي چاڙهيان. اهڙي اسلام دشمن ماڻهو لاءِ، مون کي اوهان جهڙن سچن مسلمانن مان اها توقع آهي ته هن کي هن شهر مان ڪڍي ئي دم پٽيندؤ".

فضا هڪ ڀيرو ٻيهر نعرن سان گونجي وئي. ان بعد هڪ هڪ ٿي مولوي ايندا رهيا ۽ اسلام جي بچاءُ ۽ شان ۾ قصيده پڙهندا رهيا ۽

مسٽر پي - ڪي تي لعنت ڦٽڪار ڪندا رهيا.

آخر ۾ جلوس جي اڳواڻي ڪندڙ مولوي عبدالرحمان آيو ۽ نلڪي تي چڙهندي وقت ڪرندي ڪرندي بچيو. ٻين ٽيڪ ڏئي هن کي نلڪي تي چڙهڻ ۾ مدد ڪئي. مائيڪ سنڀاليندي عبدالرحمان چوڻ شروع ڪيو، " منهنجا نهايت عزيز ساٿيو ۽ مسلمان ڀائرو! اسلام جي خاتمي لاءِ ڏسو ته يهودين ڪيئن نه شهر شهر ۾ پنهنجا ايجنٽ ڇڏي ڏنا آهن، جيڪي انسانيت جي پرچار جي آڙ ۾ اسلام دشمنيءَ جهڙا ناپاڪ ڪم سرانجام ڏئي رهيا آهن. اسين انتظاميه تي واضح ڪرڻ ٿا چاهيون ته مهڙن ذليل، ڪميڻن، يهودي ايجنٽن کي هن شهر ۾ هاڻي اسين هڪ پل به وڌيڪ برداشت ڪري نه سگهنداسين. تنهنڪري مسٽر پي - ڪي جهڙن لعنتي يهودي صفت ماڻهن کي هن شهر مان فوري طور ڪڍيو وڃي".

مولوي جي هڪ شاگرد نعرو هنيو، " اسلام دشمن عناصر" - ٻين سڀني چيو " مرده باد". هن وري چيو " اسلام" - ٻين سڀني چيو " زنده آباد". هن وري چيو " پي - ڪي تي " ٻين سڀني چيو " لعنت"، هن وري چيو، " پي - ڪي هٽايو"، ٻين سڀني چيو: " اسلام بچايو".

مولوي هٿ جي اشاري سان سڀني کي خاموش ٿيڻ لاءِ چيو ۽ پنهنجي تقرير کي جاري رکندي چيو : " منهنجا سچا مسلمان ڀائرو! اکيون کوليو، سجاڳ ٿيو، يهودي صفت ماڻهو اسان کي هڪ ڀيرو ٻيهر چئني طرفن کان گهيري ويا آهن. ان ڪري جيڪڏهن اسان کي اسلام لاءِ ڪجهه ڪرڻو آهي، اسلام کي بچائڻو آهي ته پوءِ اٿو ته يهودين جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيون".

ملن جي جلسن، جلوسن هٽي وڃي هنڌ ڪيو ۽ چوٿين ڏينهن تي صبح جو يارهين ڏاري مولوي عبدالرحمان پوليس جي موبائيل ۾ چڙهي مسٽر پي - ڪي جي ڪتابن واري دڪان تي اچي لٿو. هٿ جي اشاري سان

هن پي - ڪي ڏانهن اشارو ڪندي اي ايس آءِ کي مسٽر پي - ڪي متعلق ٻڌايو.
پوليس جا جوان الرٽ ٿي ويا.
اي ايس آءِ اڳتي وڌيو ۽ مسٽر پي - ڪي کي وارنٽ ڏيکاريندي چيو، " مسٽر پي - ڪي! مون وٽ توهان جي گرفتاري جو وارنٽ آهي".
پي - ڪي خاموشيءَ سان پاڻ کي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو.
اتي بيٺل مولوي جي چاڙتن مان هڪڙي نعرو هنيو، " پي - ڪي" ٻين چيو " مرده باد". انهي چاڙتي وري چيو، " اسلام" ٻين سڀني چيو "زنده آباد". هن وري چيو ، " پي - ڪي تي" ٻين سڀني چيو " لعنت". پوليس وين ۾ ويهندي پي - ڪي جون اکيون پرجي آيون ۽ هو نعره هڻندڙ ماڻهن ڏانهن شڪايت ڀريل نيڻن سان نهاريندي، دل ۾ سوچڻ لڳو، اسلام تہ محبت واري ورتاءُ سان پيش اچڻ جي تلقين ٿو ڪري ۽ ڪنهن سان بہ نفرت واري ورتاءُ سان پيش اچڻ کان منع ٿو ڪري، پوءِ هي ڪهڙا مسلمان آهن، جيڪي اسلام جي پيروي بہ نہ ٿا ڪن؟!.

هيءَ ڪهاڻي هڪڙي اهڙي ايف.آء.آر آهي جيڪا سنڌ جي ان شاعر خلاف ڪٽجي وئي آهي. جيڪو پنهنجي ليکي، پنهنجي سماج، توڙي چوڌاري جي ماحول کان الڳ ٿلڳ، جڻ تہ ڪائنات جي هڪڙي اهڙي ڪنڊ ۾ رهي ٿو جتي هو لڳاتار پاڻ لڪائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو

پر هو پنهنجي ئي خواهش جي ٻوڏ ۾ لڙهندو اچي ڪناري پيڙو ٿئي ٿو.هن ڪهاڻيءَ ۾ چٽيل ڪردار جي دعوئي ليکڪ جي نظر ۾ اهڙو ڏوهہ آهي جنهن جي سزا بہ ڪيس اها پئي ملي جو هو پنهنجي چوڌاري همعصر شاعرن جي نظرن ۾ لتاڙيو ۽ لوڙيو پيو وڃي.

روانيءَ ۾ لکيل هي ڪهاڻي پڙهندي محسوس ٿئي ٿو تہ ليکڪ دوست مشتاق پرڳڙي جي هيءَ مشق ڪيس اوچو مقام ڏياري سگهي ٿي. مشق ئي آهي جنهن سان ٻوليءَ ۾ رنگ پرڻ جو ڏانءُ سکي سگهجي ٿو.

**جان خاصخيلي**

# مشهور ٽيڻ جو شوق

ولي محمد، جنهن کي اسين سڀ دوست ولو
چوندا آهيون، تنهن جي دماغ جا وائسر ڪجهه ڍلا آهن. هن کي هر
ٽئين، چوٿين مهيني ڪو نه ڪو نئون شوق جاڳندو آهي.
آئون ڪجهه ڏهاڙا ٻاهر ويل هئس، جڏهن واپس موٽيس ۽ دوستن سان
ملاقات ٿي ته انهن ٻڌايو : " ولوءَ کي وري دؤرو پيو آهي". پريشان
ٿيندي پڇيو مانس : " وري ڇا ٿيس؟".
چيائون : " ڇا وري ڇا ٿيٺو اٿس، همراهه کي وري نئون شوق جاڳيو آ
لکڻ جو ".
ڪِل ۾ ٻڌي ويس. ڪِلي ڪِلي جڏهن سامت ۾ آيس ته چيومان : "ولو ۽
لکڻ ۾ الڳ الڳ شيون آهن، جيڪي ڪڏهن به هڪ ٿي نه ٿيون

سگهن".
چيائون : " دنيا جو اهو انون عجوبو ٿي گذريو آهي، هاڻ ولو ۽ لکڻ ٻئي شيون گڏ ٿي ويون آهن. ۽ ويجهڙ ۾ تنهنجي دماغ جا وائسر ڊلا ڪرڻ جو ٻه ارادو رکن ٿيون".
چيومان : " اهو وري ڪيئن؟".
چيائون : " اهو ائين تہ صلاح مشوري لاءِ ولو تنهنجي ڳولا ۾ آهي".
چيومان : "مون کي بچايو".
ائين ڪندي دروازو کڙڪيو، آئون اٿيس ۽ جڏهن ٻاهر آيس تہ منهنجون وايون بتال ٿي ويون............... سامهون ولو بيٺو هو ۽ هن جي هٿ ۾ ادبي ڪتاب هئا.
حيران ٿيندي چيومانس: "ولو تنهنجي هٿ ۾ ادبي ڪتاب؟! تون تہ ڪتابن کان ائين ڀڄندو هئين، جيئن اسان جي نئين ٽهيءَ جا ليکڪ تنقيد کان ڀڄندا آهن".
کِلندي چيائين : " اندر اچڻ لاءِ بہ نہ چوندين ڇا؟".
دروازي تان پري ٿيندي چيم : "اچ، اچ".
ولو جڏهن اندر آيو ۽ ولو کي جڏهن سيني دوستن ڏٺو تہ سڀ اٿي کڙا ٿيا ۽ مون کان موڪلائڻ لڳا.
معصوميت واري لهجي ۽ التجا وارين نگاهن سان ڏسندي کين چيم : "ويهو نہ يار!". شرارت واري لهجي ۾ چيائون:" ولو ڪتان کان توسان ڪچهري ڪرڻ لاءِ سيڙجي آيو آهي، تنهنڪري تون ڀلي هن سان ڪچهري ڪر، اسين هلون ٿا".
ان کان اڳ جو آئون ترسڻ لاءِ وڌيڪ ڪجهہ چوان، هنن دروازي ڏانهن رخ ڪيو.
چند ساعتن کان پوءِ ڳنڀير ٿيندي ولو کي چيم : " آئون هي چا پيو ٻڌان ولو؟".
خوش ٿيندي چيائين: "نيڪ پيو ٻڌين".

چيومانس : ”ڪر خبر توکي اهو شوق ڪيئن جاڳيو؟“.
رازدارانہ انداز ۾ ويجهو ٿيندي چيائين : ”مشهور ٿيڻ لاءِ“.
چيومانس : ”مشهور ٿيڻ جا ٻيا بہ ڪوڙ طريقا آهن، پوءِ ڇو ويچاري ادب جي پويان هٿ ڌوئي پيو آهين؟“.
چيائين : ”مون کي اهوئي طريقو سؤلو ٿو لڳي“.
چيومانس : ”اها تنهنجي وس جي ڳالهہ ڪانهي، ادب ۾ تون ڪو بہ مقام ناهي ڪو نہ سگهندين، تنهنڪري انهيءَ ضد تان لهي وڃ“.
چيائين : ” آئون فيصلو ڪري چڪو آهيان ۽ انهيءَ تان هٽڻ جو ڪو بہ ارادو نہ اٿم“.
سمجهائيندي چيومانس: ” ڏس استاد بخاري قوم لاءِ ڪيترا نہ گيت رچيا ۽ آخري وقت ۾ جڏهن هن کي ڪئنسر جو مرض لڳو تہ هن جي ڪنهن بہ واهر نہ ڪئي، ساغر صديقيءَ جون راتيون فوٽ پاٿن تي سمهندي گذريون ۽ واجد جي پنهنجو گهر هجڻ واري آخري خواهش بہ پوري ٿي نہ سگهي. اديب جو ڪو بہ مستقبل ڪونهي، اجايو مفت ۾ مري ويندين. تنهنڪري انهيءَ ضد تان لهي وڃ“.
چيائين : ”مري ويندس پر انهيءَ ضد تان نہ لهندس“.
چيومانس : ” پڪو فيصلو ڪري چڪو آهين؟“.
چيائين : ”سئو فيصد پڪو“.
چيومانس : ”تہ پوءِ هاڻ ڇا ٿو چاهين؟“.
چيائين : ” مون کي صلاح ڏي تہ ڪهڙي صنف ۾ لکڻ شروع ڪيان؟“.
چند پل سوچڻ کان پوءِ چيم : ”تنهنجي انگريزي بہ سٺي آهي ۽ اسان وٽ انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو بہ اٽي ۾ لوڻ برابر آهي، تنهنڪري في الحال تون انگريزي لکڻين جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ شروع ڪري ڏي“.
منهنجي اها ڳالهہ دل سان وٺي لڳس ۽ همراهہ انهيءَ ڪم ۾ جنبي

ويو.
ڪافي ڏهاڙن کان پوءِ هڪ شام همراهه ڊوڙندو سهڪندو اچي، مون وٽ پهتو. اچڻ سان چيائين : " يار غضب ٿي ويو".
سندس پگهر ۾ شل چهري کي ڏسندي چيم : "ڪتل جڳهه ڪري پئي اٿئي ڇا؟".
چيائين : " نه".
" پلا اها ڪنارا سائيڪل چوري ٿي وئي اٿئي ڇا؟، جيڪا هڪ ٽين ڊبي واري پنج روپيا ڪلو جي حساب سان ڪپائڻ لاءِ چيو هيئي".
چيائين : " نه".
چيومانس: " پوءِ ڦاٽ به ڪٿي ته ڇا ٿيو آهي؟".
جڏهن سهڪو ڪجهه گهٽ ٿيس ۽ سامت ۾ آيو ته چيائين : "اسان جو جيڪو مهان ڪوي آهي نه، انهيءَ جي چوري پڪڙي اٿم".
چيومانس : " ڪٿي ڪٿي هڪ شاعر جا خيال ٻئي شاعر جي خيالن سان ملي ويندا آهن".
چيائين : " نه ائين ڪونهي، هُن هڪ، ٻه نه بلڪه سورنهن نظم چورايا آهن".
چيومانس : "پوءِ مشهور ٿيڻ جو اهو سٺو موقعو اٿئي. وارو ڪر ثبوت سان اهي شيون ڪنهن رسالي کي ڏياري موڪل".
همراهه دير ئي نه ڪئي ۽ اها تنقيد هڪڙي رسالي ۾ ولي محمد "خارش" جي نانءُ سان ڇپائي وڌي.
مون وٽ جڏهن اها تنقيد ڪٿي آيو ته، مٿان نالو ولي محمد "خارش" ڏسي چيومانس: "هي خارش ڪڏهن کان ٿي اٿئي؟".
خفا ٿيندي چيائين : " اهو منهنجوتخلص آهي".
چيومانس : "تخلص به اهو نظر آيئي؟".
چيائين : " هئا نه گهڻا، پر مون کي اهو وڻيو".
پڇيومانس : "انهيءَ جي وٽڻ جو سبب؟".

چيائين : ”اهڙي قسم جي تخلص وارا نالا هڪ دفعو پڙهڻ سان سيني کي ياد ٿي ويندا آهن“.
چيومانس : ” ولو هاڻ سياڻو ٿيندو پيو وڃين!“.
چيائين : ”توسان جو سنگت ۾ رهيو آهيان“.
پوٺ خراب ڪندي چيومانس : ”وري ائين نہ چئجانءِ“.
ڪنن کي هٿ لائيندي چيائين : ” ڪونہ چوندس“.
ڪجهہ پلن جي خاموشي کان پوءِ چيائين : ”هاڻ ٻڌاءِ ڇا ڪيان؟“.
چيومانس هاڻ پنهنجي تنقيد کي ڪيش ڪراءِ“.
ڪجهہ ٻہ نہ سمجهندي چيائين : ” ڪيئن؟“.
چيومانس : ” هاڻ بابا بسم الله ڪري تون بہ شاعري ڪرڻ شروع ڪر ۽ وچ رسالن کي موڪليندو“.
چيائين : ”ڇپيندا؟“.
چيومانس : ” مهان ڪوئي تي تنقيد ڪرڻ کان پوءِ تنهنجي هر شي اڳهامي ويندي“.
همراهہ نظم لکڻ شروع ڪيا ۽ هر طرف ” خارش“، ”خارش“ ٿيڻ لڳي.
جڏهن پنجن ڏهن شاعرن هن جي شاعري تي تنقيد ڪندي، هن کي پرڏيهي ماحول جو عڪاس ٿي ڪونيو ۽ هن جي شاعري کي پسند نہ ٿي ڪيو تہ، هن انهن جي راءِ کي بيلنس ڪرڻ لاءِ ٽن چئن فرضي نالن سان پنهنجي شاعريءَ جي حق ۾ خط ڇپائي ٿي ورتا.
هڪ ڏينهن ” خارش“ صاحب مون وٽ اخبار کڻي آيو، ڪالر ناهيندي چيائين : ”منهنجو هن ۾ انٽرويو لڳو آهي، اچي پڙهہ“.
انٽرويو پڙهي جڏهن بس ڪيم تہ چيومانس : ” پيو سڀ نيڪ آهي، پر هي پهرئين نمبر کان نائين نمبر تائين، جيڪو پاڻ کي نثري نظمن جو شاعر ڳڻايو اٿئي ۽ ان کان پوءِ ٻين شاعرن جا نمبر اڃن ٿا چيو اٿئي، اهو تہ نيڪ نہ آهي“.

چيائين : " مزئي خير آ".

چيومانس : " خير وري ڏوڙ آ. توکان سنا نظم تہ فلاڻا، فلاڻا، فلاڻا، شاعر لکي رهيا آهن، ۽ منهنجي نظر ۾ تہ نو نمبر شاعر کان پوءِ تنهنجو نمبر ٿو اچي".

شڪي ٿيندي چيائين : " يار هرو ڀرو اهڙو ويل شاعر بہ ڪو نہ آهيان".

مذاق ڪندي چيومانس : " يار! آئون ڀاڻ کي انين، نائين نمبر تي نثري نظمن جو شاعر سمجهندو هئس، پر تو تہ ماڳهين نو نمبر والاري مون کي بہ ڏکي پري ڪري، الائي ڪٿي اچلائي ڇڏيو آهي".

چيائين : "ڀاڻ ۾ آهيون يار! اسان جو بہ ڪو ليکو آهي".

چيومانس : " ڀلا انٽرويوءِ ائين چوڻ جو خيال ڪيئن آيئي؟ هاڻ تہ ٻيا شاعر تنهنجي پويان هٿ ڌوئي پئجي ويندا."

چيائين : " مان چا ۾ راضي آهيان، بحثن ۽ خبرن ۾ رهڻ جو حق سياستدانن جيان اسان کي بہ تہ آهي نہ".

چيومانس: " خارش تون اڳتي ويندين، تمام گهڻو اڳتي ويندين".

خارش مهرباني چئي اٿي کڙو ٿيو ۽ ڪتاب ڪٺندي خدا حافظ چئي مون کان موڪلايائين.

مشتاق جون اڪثر ڪهاڻيون مون پڙهيون آهن. مشتاق جي خوبي اها آهي ته هو، بي ڊپو آهي. جنسي نفسيات جهڙن ڏکين موضوعن کان عام موضوعن تائين لکي چڪو آهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ باگڙين جو ذڪر آهي ۽ باگڙي هڪ اهڙي ڪميونٽي ، جيڪا سدائين هجرن ۾ هوندي آهي.

ڪهاڻيءَ جو ٿيم آهي، اهو ئي روايتي ته هڪڙو شهري ماڻهو، پڙهيو لکيو ۽ اشراف، اهو هڪ باگڙياڻي جي عشق ۾ مبتلا ٿئي ٿو ۽ آخر اهو ئي Tragic اختتام.

هن ڪهاڻيءَ جي باري ۾ راءِ ڪي اڳتي وڌائڻ کان اڳ ان ڳالهه جو اقرار ڪرڻ ضروري آهي ته هي ڪهاڻي رڳو Fiction ناهي، يا (ڪن نقادن موجب) Fantacy نه آهي، پر منهنجي ڄاڻ/سمجهه موجب واقعي سچي پچي ۽ حقيقي ورتا آهي.

ڏاڍو ڏکيو آهي، هڪ حقيقت/ واقعي کي ڪهاڻي جو جامو پهرائڻ! تمام ڏکيو آهي. مشتاق ڪوشش ته ڪئي آهي، بلڪه ويهن ئي آڱرين جا زور پڻ لاتا اٿائين، پر اها فنڪاراڻا اٿت نه ڪري سگهيو آهي. شين کي حقيقت جو رنگ ڏيڻ ۾ ڀرپور نموني ڪامياب ٿي نه سگهيو آهي.

ڪهاڻيءَ جو عنوان وڻجاري ۽ باگڙياڻي (هيروئن) جو نالو (ٻئي) ٻنهي حالتن ۾ مشتاق زوري ڏنا آهن. مشتاق ڪهاڻي کي جيترو ڊگهو ڪيو آهي، اوتري ٽريٽمينٽ ڪونهي.

هن عام ۽ روايتي قسم جي ڪهاڻيءَ ۾ آخر ۾ ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي ۽ اهو ڏک تيستائين ٿيندو، جيستائين اسان مايوس ماڻهن جا داستان ائين انجام کي پهچندا.

مشتاق کي گهرجي ها ته ڪا اهڙي ڪهاڻي لکي، جنهن ۾ ڪو ذوالفقار، ڪنهن وڻجاريءَ سان شادي ڪري ٿو ڏيکاري ۽ پوءِ ......

اها مڙسي ذوالفقار جهڙا " ڪردار" ڪن نه ڪن پر مشتاق جهڙو چرياڻ ليکڪ ڪندو ته مزو اچي ويندو.

**طارق قريشي**

# وڻجاري

"بابو: خير ڏي!".

مون اخبار تان نظرون هٽائيندي جيئن ئي هن ڏانهن ڏٺو تہ بس ڏسندو ئي رهجي ويس. هوءَ ايتري حسين هئي، جيترو هڪ انسان وٽ خوبصورتيءَ جو تصور هوندو آهي.

ٻيهر پنهنجي صدا ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي چيائين : "بابو! خير ڏي!".

هن جي نيڻن ۾ نهاريندي چيم: " گهڻا ڏيانءِ؟".

جبل تان ڪرندڙ آبشار جهڙي سُريلي کِل کلندي چيائين : "جيڪي ڏين".

مون کيسي ۾ هٿ هنيو تہ پنجين پنجين جا ڇهہ نوٽ ٻاهر نڪري آيا.

هن جي هٿ تريءَ تي رکندي چيم : "ڪافي آهن؟".

نوٽ ونندي چيائين : "گهڻا آهن".

هوءَ وڃڻ لاءِ مُڙي تہ روڪيندي چيو مانس : "ڳالهہ ٻُڌ وري ڪڏهن ايندينءَ؟".

ڇپن تي مُرڪ تري آيس ( ڄڻ ڪنهن باغ ۾ مکڙيون ٽڙي پيون

هجن ) "سپاٽي اچان؟".
دل ۾ آيم تہ چوانس : "ڪنهن ڪافر سپاٽي ڏني آهي. ويهي رهہ تہ پنهنجي نيڻن جي اُڃ اُجهايان". پر دل جي ڳالهہ زبان تي آئي نہ سگهيم ۽ چيو مانس : "ها سپاٽي ضرور اچجانءِ".
اهو ڏينهن مون لاءِ جبل جيڏو ٿي پيو. دل ۾ آيو تہ سج کي سيڪنڊن ۾ هٿن سان ڪٽي وڃي اولهہ جي هنج ۾ سُمهاري اچان ۽ ٿوري دير بعد وري ڪٽي وڃي اوڀر وٽ ڇڏي اچان. ۽ پوءِ دوست جي ساڳي فوٽو اسٽوڊيو واري دُڪان تي اچي هن جي اچڻ جو اوسيئڙو ڪيان.
اوسيئڙو ڇا ٿيندو آهي، جيتوڻيڪ مون کي اڳ خبر هئي، پر اوسيئڙو ڪيئن ڪٽبو آهي ان جو پتو هاڻي مون کي پئجي رهيو هو. الائي ڪيئن اهو ڏينهن گذريو هو. رات ڪٽي هئي، صبح ٿيو هو ۽ آئون ٽانگي تي چڙهي خيرپور ناٿن شاهہ آيو هوس ۽ فوٽو اسٽوڊيو تي پهچي هن جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳو هئس.
هوءَ جيڏي مهل آئي تہ مون کي ائين لڳو ڄڻ گلشن ۾ بهار اچي وئي هجي. ڦڪي جوڙي ۾ هوءَ اَپسرا لڳي رهي هئي. ڪليل وار، چپن تي سُرخي، نرڙ تي بنديا، ڳچيءَ ۾ سائو رئو، هن جي خوبصورتيءَ ۾ وڌيڪ اضافو آڻي رهيا هئا.
ڪنن ۾ رس اوتيندڙ آواز سان چيائين : "بابو! خير ڏي".
کيسي ۾ هٿ هنيم ۽ پہ ڏهين ڏهين جا نوٽ ڪڍي هُن جي هٿ ترِيءَ تي رکندي چيم : "منهنجو نالو بابو نہ پر ذوالفقار آهي".
هوءَ ٽڪا بئي، مون کي لڳو ڄڻ مندر ۾ گهنڊڙيون وڃي ويون هجن.
"پلا مون سان بازي کنديئن؟". من جي ڳالهہ زبان تي اچي وئي.
"چوندا سڀ آهن. نيائي سگهندين بابو؟".
"آزمائي ڏس اسين نيائڻ وارن مان آهيون".
"چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ وڏو فرق ٿيندو آهي بابو".
"توکي چيم نہ تہ منهنجو نالو بابو نہ پر ذوالفقار آهي، ۽ بيو تہ سڀ

ماڻهو هڪجهڙا نہ ٿيندا آهن".

"خير اهو تہ وقت ٻڌائيندو، پر ايترو تہ ٻڌاءِ تون مون سان ئي ياري جو ٿو رکڻ چاهين؟".

چيم : " سڀ ماڻهو هڪجهڙا نہ ٿيندا آهن، تون جنهن قسم جو ماڻهو مون کي سمجهين ٿي، ان قسم جو ماڻهو مان نہ آهيان. منهنجي تو ۾ ڪنهن بہ قسم جي لالچ ۽ لوڀ ڪانهي. بس ڪجهہ ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جن کي ڏسي اکيون ڇنڀڻ وساري ويهنديون آهن، من مندر ۾ گهنڊڙيون وڄڻ لڳنديون آهن ۽ اندران ڪو ئي زور زور سان چوڻ لڳندو آهي، اهو ئي ماڻهو آهي. اها ئي شخصيت آهي جنهن لاءِ توکي هن جهان ۾ موڪليو ويو آهي ۽ جنهن جي ملڻ سان تومان اڌوري پڻي جو احساس ختم ٿي ويندو".

" هڪ ڳالهہ چوائين؟".

" هڪ ڇا هزار چئو!".

مرڪن جي ورڪا ڪندي چوڻ لڳي: " آئون توکي ذلفي ڪري سڏيان؟".

چيم : "تون مون کي پيار مان قلفي ڪري بہ سڏي سگهين ٿي، مون کي خراب نہ لڳندو".

فضا هن جي ٽهڪڙن جي ترنم ۾ ٻڏي وئي.

" ها تو پنهنجو نانءُ تہ ڪو نہ ٻڌايو؟".

"منهنجو نالو " وڻجاري" آهي".

ماحول ۾ ڪيتري دير تائين سانت ڇانئجي وئي. سانت کي ٽوڙيندي چيم: "ٻڌائي جيڪڏهن هن وقت جيئرو هجي ها تہ " سر سامونڊي" ۾ اضافو ڪندي، " وڻجاري" يعني توتي بہ بيت ضرور لکي ها."

چيائين :" اهڙا نصيب ڪٿي ".

چيم : " نصيب نهندي دير بہ نہ لڳندي آهي".

ڳنڀير ٿيندي چيائين : " هڪ ڳالهہ چوائين؟".

چيم : "هزار ڇئو".
مُرڪندي چيائين : " مون کي چاهڻ لڳو آهين؟".
چيم : "توکي نہ چاهڻ منهنجي وس ۾ ئي ناهي رهيو".
حيران ٿيندي چيائين : " هڪڙي ڏينهن ۾ مون سان ايترو پيار ٿي ويو اٿئي؟!".
چيم : " محبت لاءِ ڏينهن، هفتا، مهينا ۽ سال مقرر نہ هوندا آهن، محبت تہ ڪنهن هڪ سيڪنڊ، لمحي ۽ پل ۾ ٿي ويندي آهي".
منهنجي نيڻن ۾ نهاريندي شوخيءَ وچان چيائين : "مان ڪيتري خوبصورت آهيان؟".
چيم : " شاهہ جي وائي جيتري، اکين کي ڪيرو ڪنڌ آبشار جيتري، گلاب جي گل جيتري ۽ چنڊ جي چانڊوڪيءَ جيتري".
ڪِلندي چيائين : " ذلفي! فلمون بہ ڏسندو آهين ڇا؟".
سندس اجائي سوال تي مُنجهندي چيم : "نہ".
" تہ پوءِ ايترا ڊائلاگ ڪٿان آڻيندو آهين؟".
من ۾ جڻ ڪنهن ٻرڇي هڻي وڌي، ڳنڀير ٿيندي چيم : "تون منهنجي من جي سچائين کي محض فلمي ڊائلاگن سان ڀيٽي رهي آهين!".
ڇهري تي سنجيدگي تري آيس، چوڻ لڳي: "مون تہ توسان ائين ئي مذاق پئي ڪئي".
چيم : " زندگي هيل تائين مون سان مذاق ئي تہ پئي ڪيا آهن". ڇا اهي مذاق ڪافي ناهن جو تون انهن ۾ هيڪاندو اضافو ڪري رهي آهين!؟".
شرمندگيءَ جي احساس وچان ڪنڌ جُهڪي ويس.
چند پلن بعد چيائين : " ڇڳو آءُ هلان ٿي".
"وري ڪڏهن ايندينءَ؟".
"سڀاڻي اچان؟".
" نہ پَرين اچجانءِ سڀاڻي آءُ اسڪول ويندس. روز روز موڪل ڪرڻ

نيڪ نہ ٿو لڳي".
" اڃا تہ تون ماستر آهين؟".
" ها آئون استاد " عرف" ماستر آهيان".
"چڱو آئون پَرينءَ ايندي يس".
هو ڇا هلي وئي، پاڻ سان گڏ منهنجو سُک، چين، قرار بہ جڻ گڏ کڻي وئي. اهو ۽ ٻيو ڏينهن منهنجو الائي ڪيئن گذريو. ٽئين ڏينهن آءٌ ٿوري دير سان دوست جي دڪان تي آيس. دوست ٻُڌايو تہ کُجهہ دير اڳ هوءَ آئي هئي، تنهنجي پڇا ڪيائين، ٻڌايومانس تہ اڃان ڪو نہ آيو آهي تہ هوءَ هلي وئي.
مون کي پنهنجي دير سان اچڻ تي سخت ڪاوڙ اچي رهي هئي. سوچيم اسڪول کان بہ موڪل ڪيم ۽ هن سان ملي بہ نہ سگهيس.
چند ساعتن کان پوءِ دليپ چيو : " هي ڇا ڪري رهيو آهين؟".
ورائي پڇيو مانس : " ڇا ڪري رهيو آهيان؟".
چيائين : "اڃان پڇين ٿو ڇا ڪري رهيو آهيان!، خبر اٿئي هوءَ ڪير آهي؟".
چيم : " ها خبر اٿم تہ هوءَ انسان آهي".
" پر ان کان علاوه هن جي ٻي سڃاڻپ بہ آهي".
" ڪهڙي سڃاڻپ جي ڳالهہ ڪري رهيو آهين؟".
" هن جي ٻي سڃاڻپ باگڙيڻي آهي".
" آءٌ انسان کان علاوه ٻي ڪنهن بہ سڃاڻپ کي ترجيح نہ ڏيندو آهيان".
" پر جنهن معاشري ۾ تون رهين ٿو، ان جا بہ هڪڙا پنهنجا رواج آهن، ريتون، رسمون، اصول ۽ پابنديون آهن. ان ڪري هن معاشري جو هڪ فرد هجڻ جي حيثيت ۾ توتي بہ ڪي جوابداريون عائد ٿين ٿيون. ۽ انهن جي پاسداري توتي فرض ٿئي ٿي".
"آءٌ نٿو مڃان اهڙي معاشري کي جيڪو ٻن فردن جي خوشين تي راتاها

هٽي ٿــو، آءٌ نـہ ٿــو مــجان اهڙين ريتن، رســمن، رواجن ۽ پابندين کي جيڪي ڀن دلين کان خوشين جو حق ڇنن ٿيون".

" پر تــورو ســوچ تـہ مــاڻهــو ڇا چوندا تـہ تون هڪــڙي باگڙياڻيءَ ســان عشق ڪري رهيو آهين؟".

" دليپ! پيار رسمن، رواجن، ماڻهن ۽ سرحدن کي نـہ ڏسندو آهي. مون کي ان سان ڪا بہ غرض ناهي تہ ماڻهو ڇا چوندا. مون کي تہ ان سان غرض آهي تہ منهنجي دل ڇا ٿي چوي، ڇا ٿي چاهي".

اوچتــو مـتــان وڻجاري اچي بيـنـي. اســان جي ڳالهين جو سلسلو منقطع ٿي ويو ۽ آئون وڻجاري کي اندر وٺي ويس.

بئنچ تي ويهڻ شرط چيائين:" ذلفي! خير ڏي".

چيومانس : " منهنجو ڪيسو تنهنجي بلي آهي".

چيائين : " نـہ پاڻ ڪڍي ڏي".

چيــومــانس : " جڏهن توکي اجازت ڏني اٿم تـہ پوءِ ڊڄي ڇا کــان رهي آهين؟".

هن ڪيسي ۾ هٿ هنيو ۽ پنن سان گڏ پنجين جو نوٽ ڪڍي آئي.

چيائين : " بس ڪيسي ۾ هي پنج روپيا اٿئي؟".

چيومانس : " اج 25 تاريخ آهي ۽ اسان ماسترن جا ڪيسا 20 کان پوءِ خالي ٿي ويندا آهن".

" ۽ هي ايترا پنا ڇاجي ڪري کنيا اٿئي؟".

" انهن ۾ منهنجا شعر آهن".

" ڇا تون شاعري بہ ڪندو آهين؟".

چيم : " ها آءٌ شاعري بہ ڪندو آهيان".

" ڀلا تنهنجي شاعري جلال چانڊيــي ڳائي آهي؟".

" نہ".

" چئبو تہ اجان نئون شاعر آهين".

کِل ۾ ڀڏي ويس. چيم : " ها اجان نئون شاعر آهيان".

هن شلوار جي کيسي مان سو جو نوٽ ڪڍيو ۽ هٿن ۾ پڪڙيل پنن ۽ پنجين جي نوٽ سان ملائي منهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏيو. مون ڪيس موٽائي ڏيڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر هن واپس نہ ورتو. ان ڪري مجبورن مون کي سو روپيا رکڻا پيا.

چند پلن جي خاموشي ڪان پوءِ هُن کي چيم : "وڻجاري هن ڪان اڳي تون ڪٿي رهندي هئين ؟".

چيائين : "لاڙڪاڻي ۾

" ان کان اڳ؟".

" حيدرآباد ۾".

" ان کان اڳ، ؟".

" ڪراچي ۾".

" ڀلا ٻين ڪهڙن شهرن ۾ رهي آهين؟".

" دادو، مورو، ميهڙ، دولتپور. مطلب تہ جيڪو بہ شهر پناهہ ڏيندو آهي، اتي رهي پوندا آهيون".

" ڇئبو تہ گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيتو اٿئي؟".

" وڻجارن جي نصيب ۾ هڪ هنڌ رهڻ لکيل ئي ڪٿي هوندو آهي".

"چڱو هاڻ آءٌ هلان؟".

۽ مون نہ چاهيندي بہ هن کي وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي.

جمع تي گلزار آيو. شاخ جي گڏجاڻي هئي. مون سان ڏاڍو ٺ..ري آ. ملندي ئي چيائين : " اڙي لعنتي آءٌ هي ڇا پيو ٻُڌان؟".

" ڇا پيو ٻُڌين؟".

"ٻُڌان پيو تہ هڪڙي باگڙياڻيءَ سان عشق پيو ڪرين!".

چيو مانس : "باگڙياڻي سان عشق ڪرڻ تي ڪرفيو لڳو آهي ڇا؟".

" ڪرفيو تہ ناهي لڳو پر ڪو چڱو در تہ تاڙين ها".

چيم : " عشق نہ پُڇي ذات".

چيائين : "پر ماڻهو تہ ڏسن ۽ پڇن ذات".

”پيارا دلين جي شهر ۾ ماڻهن ۽ ذاتين جو ڇا وڃي؟، دل تہ پاڳل ٿيندي آ نہ!“

چيائين : ”تہ پوءِ اهڙي لوسي دل ڇو ڏاري اٿئي؟“.

چيم : ”ڏاربا ڪُتا آهن، دليون تہ ملنديون آهن“.

”ڇڏ انهن ڳالهين کي ٻڌاءِ تہ پڙهڻ لاءِ ڇا ڪـــٽي آيو آهين؟“. جان ڇڏائيندي چيم.

”غزل“.

”پوءِ اُت تہ هلئون گڏجاڻيءَ تي“.

گهٽن ڏينهن پڇاڻان، آءٌ ڪلاس وٺي رهيو هوس تہ اسان جي اسڪـول جي پٽيوالي اچي ٻڌايو : ” سائين! ٻاهر اوهان جو ڪو مهمان آيو آهي“.

چيومانس : ”پوءِ هيڏانهن وٺي اچينس ها نہ “.

چيائين : ”توهان کي ٻاهر سڏي ٿو“.

آءٌ اسـڪـول جو مين گـيٽ ٽپي ٻاهر آيس تہ هوءَ بيـنـي هئي. منهنجا ٽپ ئي نـري ويا. پاسي تي وٺـي وڃي چيومـانس : ” مِـولائڻ ڇو ٿي منهنجي رهي کـهي عـزت مٽيءَ ۾ ملائڻ چاهين؟. هي بہ جڳهہ آ ملڻ جي، آءٌ شهر ڪو نہ اچان ها ڇا؟، هتي توسان گڏ استاد برادري، شاگرد ۽ ٻيا واقف ڏسندا تہ ڇا چوندا؟“.

”ذلفي! پيار بہ ڪرين ٿو ۽ بدناميءَ کان بہ ڊڄين ٿو!. ٻہ گـدرا مُٺ ۾ نهندا آهن؟“.

سمجهائيندي چيومـانس : ”وڻجاري! چوين تہ نـيڪ ٿي، پر هت اچڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي توکي؟“.

” ٽن ڏينهن کان مون کي ناهين مليو، اچان پيچين ٿو، مون کي ڪهڙي ضرورت هئي هتي اچڻ جي، ڇا ملڻ جي سڪ صرف توهان مردن کي ئي ٿيندي آهي، اسان عورتن کي نہ!“. هن جون اکيون پرجي آيون ۽ آءٌ هن کان نظرون چورائڻ لڳس.

"وڻجاري! مون سان به ته مجبوريون آهن".
"ڪهڙيون مجبوريون آهن توسان؟".
"ڪالهه هيڊ ماسترمون کي گهرايو هو پنهنجي آفيس ۾، ۽ الٽيميٽم ڏنائين ته تنهنجون موڪلون وڌنديون پيون وڃن، ٻيو ته تون موڪل کان سواءِ به غير حاضر رهڻ لڳو آهين، تنهنڪري پنهنجي چال سڌار نه ته ٻي صورت ۾ آءٌ تنهنجي رپورٽ ڪندس".
" تون سچ پيو چوين؟".
" آءٌ توسان به ڪوڙ ڳالهائي سگهان ٿو!".
"سڀاڻي شهر ايندين؟".
" ها ضرور ايندس".
"واعدو".
" پڪو واعدو".
" ته پوءِ آءٌ هلان ٿي". ۽ هوءَ هلي وئي.
ٻئي ڏينهن دڪان تي ملي.
"عيد مٿان پئي اچي، مون کي ڇا وٺي ڏيندين؟".
" ڇا وٺي ڏيانءِ؟".
"وڳو".
"نيڪ آ تون ٿوري دير ترسي اچ، آئون وڳو وٺي ٿو رکان".
آءٌ ڪپڙن جي دڪان تي آيس، هن لاءِ وڳو خريد ڪيم ۽ فوٽو اسٽوڊيو تي موٽي آيس.
دليپ معنيٰ خيز انداز ۾ چيو : "پيارا ڪنهن جي لاءِ ڪپڙو ورتو اٿئي؟".
"وڻجاريءَ لاءِ".
" هڪ ڳالهه چوانءِ".
"چئو!".
"مائينڊ ته نه ڪندين؟".

" دوستن جي ڳالهين تي بہ مائيند ڪبو آهي ڇا؟".
"توکي خبر آ تہ وڻجاري توکان سواءِ ٻين مردن ڏي بہ ويندي آهي؟".
" ها خبر اٿم".
" هن جو اهو عمل توکي خراب ناهي لڳندو؟".
"نہ".
" ڀلا سٺو لڳندو آهي؟".
"نہ".
" تہ پوءِ..........؟".
" ڏس دليپ! هن جي پنهنجي زندگي آهي، ۽ هر انســـان کي پنهنجي زندگي پنهنجي مرضيءَ سان گزارڻ جو حق حاصل آهي".
"ذوالفقار! تون اسان جو دوست آهين. ۽ هڪ دوست جو فرض آهي تہ ٻئي دوست کي سمجهائي، جيڪڏهن هو غلط قدم کڻي ٿو. ذوالفقار! هوءَ توکي ڪَٽي پئي. جيڪڏهن پئسہ نہ ڪارائيندينس تہ اچڻ بہ بند ڪري ڇڏيندئي. هونءَ بہ اهڙو عشق ڪهڙي ڪم جو جيڪو بدنامي بہ ڏئي ۽ پئسہ بہ ويرائي. ڏس! سراب جي پويان، نہ ڊوڙ. ڪجهہ ڪو نہ ورندئي، مون کي ڏک صرف ان ڳالهہ جو ٿئي ٿو تہ هڪ سلجهيل فرد ۽ معزز پيشي سان منسلڪ هجڻ جي ناتي ۾ توتي ڪوڙ ساريون ذميداريون عائد ٿين ٿيون ۽ معاشري ۾ تنهنجي هڪڙي الڳ سڃاڻپ آهي، تون پنهنجون سڀ سٺايون هڪ ٽڪي جي ٻاگڙياڻيءَ پويان ڇو ٿو وڃائين ! ؟".
"دليپ! پنهنجا دوستاڻا واسطا آهن، ان بنياد تي تون وڻجاريءَ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڳالهائي ويو آهين. ۽ آءُ اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ تون منهنجي ڀلائي ڪارڻ ئي سڀ ڪُجهہ چئين ٿو. پر دلين جي دنيا ۾ دليل ڪو نہ هلندا آهن. ان ڪري آئون توکي وينتي ڪندس تہ آئنده وڻجاريءَ متعلق اهڙيون ڳالهيون نہ ڪجانءِ، جن سان منهنجي دل آزاري ٿئي، وڻجاري جيئن بہ آهي، جهڙي بہ آهي، منهنجي دل جي راڻي آهي. ۽

آءُ ان لاءِ ڪجهه بہ ڪري سگهان ٿو".

اسان جي گفتگوءَ کي بريڪ تڏهن لڳي جڏهن وڻجاري دڪان تي چڙهي آئي ۽ اسين پوئين پورشن ۾ هليا وياسين.

وڻجاريءَ کي وڳو ڏيندي چيم : "اچي هي تنهنجي لاءِ وٺي آيو آهيان".

وڻجاري شاپنگ بيگ مان وڳو ڪڍي ڏنو ۽ ڪِل ۾ ٻڌي وئي. آئون ڪکو وڪو ٿي هن کي ڏسڻ لڳس ۽ هوءَ ڪِلندي رهي. سندس ڪِل کي بريڪ ڏيڻ لاءِ چيم : "ٻنگ بي آئي آهين ڇا؟".

چيائين : "نہ".

" تہ پوءِ ايترو کِلين ڇو ٿي؟".

"ڪِلان ٿي تہ هي کهڙو وڳو وٺي آيو آهين".

" ڇو خراب آ ڇا". مهانگو ريشمي وڳو گلن تي وٺي آيو آهيان پورن ٽي سؤ روپين ۾".

" پر مون کي ناهي پاڻو".

سمجهائيندي چيومانس : "ڏس وڻجاري مون کي زال تہ آهي ڪا نہ جو ان لاءِ ڪڏهن ڪپڙو خريد ڪيو هجيم، ۽ نہ وري ڪڏهن گهروارن لاءِ ڪپڙو خريد ڪرڻ جو اتفاق ٿيو آهي، ان ڪري مون کي جيڪو وڻيو، اهو وٺي آيو آهيان هاڻي جهڙو بہ آهي توکي پاڻو آهي".

چيائين : "نہ دڪان واري کان مٽرائي ڏي".

چيم : "اٺ ٻلا هل!".

هوءَ اٿي بيٺي ۽ اسين گڏجي نڪري آياسين. الائي ڪيترن واقفن ڏٺو هوندو، مٽن مائٽن ۽ سنگتين ساٿين ڏٺو هوندو، پر آئون هر ڳالهہ کان بي نياز ٿي ويو هوس. منهنجي ذهن تي تہ بس وڻجاريءَ جا لفظ ٻُري رهيا هئا، "عشق بہ ڪرين ٿو ۽ بدناميءَ کان بہ ڊڄين ٿو".

دڪان وارو واقف هو، مون کي باگڙياڻيءَ سان گڏ ڏسي حيران ٿي ويو، ڪپڙو تہ مٽائي ڏنائين پر هن جون چيندڙ نظرون، جن ۾ سوالن جو اڻ کٽ سلسلو هو: "ماستر تون تہ اهڙو ڪو نہ هئين، تون

ٻه اهڙو ٿي وئين!، آئون توکي ته اهڙو ڪو نه سمجهندو هئس، تنهنجي شرافت جا مثال ته تنهنجي ڳوٺ وارا، مٽ مائٽ، دوست ۽ واقف سڀ ڏيندا هئا" . ۽ ٻيا انيڪ سوال هئا، جن ڪان بچڻ لاءِ آءٌ هر هر نظرون چورائي رهيو هوس.

شام جو دير سان گهر پهتس، گهر ۾ اها ڳالهه ٻاهه جيان پکڙجي وئي هئي. بابي منهن ۾ پوندو گهروڙيندي چيو : " اڙي! ڪارو منهن به اِتي ڪرٽو هئي. اسان به جوانيءَ ۾ اڙٻنگ هئاسين، پر تو وانگر ته پنهنجو ڪارو منهن ڪو نه ڪيوسين. ٻيو نه ته منهنجي عزت جو ئي ڪجهه خيال ڪرين ها. اڙي ٻيا در ڪُنا هيئي جو وڃي باگڙياڻيءَ سان ڪارو منهن ڪيئي. ڪارو منهن ته پنهنجي جڳهه تي پر وتين ٿو بازار ۾ هن کي گڏ گهمائيندو. اڙي ڪجهه ته شرم ڪر ماستر ٿي پاڻ تي ۽ مون تي وتين ٿو ماٺهو ڪِلائيندو".

بابو ڪاوڙ ۾ نه ڄاڻ الائي ٻيــو ڇا ڇا چوندو رهيــو ۽ آئون ڪنڌ هيٺ ڪيون ٻڌندو رهيس، مون کي خبر هئي ته گهڙي ڪان پوءِ بابي جي ڪاوڙ ڍري ٿي ويندي. بابو مون سان ايترو ئي فري آ، جيترو هڪ دوست ٻئي دوست سان فري هوندو آهي. بابي مون تي ڪڏهن به پابندين جا بند ناهن ٻڌا. جيتوڻيڪ هو ٻهراڙيءَ جي ماحول ۾ پليو آهي، پوءِ به روشن خيال ماڻهو آهي. ڪنهن دور ۾ شاعري به ڪندو هو. پر پوءِ الائي ڪهڙن سببن جي ڪري شاعري ڇڏي ڏنائين. يا وري شايد شاعري هن کي ڇڏي ڏنو. بحرحال جڏهن ڪاوڙ ڍري ٿيس ته چيم : "بابا تو جهڙي روشن خيال ماڻهو کي اڄ ڇا ٿي ويو آهي؟".

تڏو شوڪارو ڀريندي چوڻ لڳو : " ذوالفقار! اڄ تائين مون توکي آزاد ڇڏيو آهي، مون توتي ڪي به پابنديون ناهن مڙهيون، پر اڄ تو ان جو ناجائز فائدو وٺندي هڪ باگڙياڻيءَ سان واسطا وڌايا آهن. سياڻي تون نه ڄاڻ الائي ڇا ڇا ڪندين!".

بابي جو گلو ڀرجي آيو هو.

"بابا! تو ڪڏهن عشق ڪيو آهي؟".
منهنجي اهڙي اوچتي سوال تي مون ۾ نظرون کپائي ڇڏيائين.
مون ٻيهر پنهنجو سوال ورجايو: "بابا! تو ڪڏهن عشق ڪيو آهي؟".
" ها ڪيو آهي". ۽ سواليہ نظرون مون ۾ کُپائي ڇڏيائين.
مون سندس سواليہ نظرن کي سمجهندي جواب ۾ چيو : "بابا! مون کي بہ هن سان عشق ٿي ويو آهي".
ڪيتري ئي دير تائين ماحول ۾ سانت ڇانئجي وئي. ڄڻ بابو ڪنهن ڪشمڪش ۾ ڦاسي پيو هجي.
ڪافي دير کان پوءِ چيائين : "ذوالفقار! آئون چاهيان ٿو دلين تي ڪنهن جو بہ زور ناهي هلندو ان ڪري تون عشق ڀلي ڪر، پر هُن سان شادي ڪرڻ لاءِ ڪڏهن سوچجانءِ بہ نہ. هڪ پيءُ هجڻ جي حيثيت ۾ جيڪڏهن تون منهنجي انهيءَ فيصلي کي قبول ڪرين تہ نيڪ آهي نہ تہ ٻي صورت ۾ وساري ڇڏجانءِ تہ آئون تنهنجو پيءُ آهيان".
"بابا! تون جيئن چوندين تيئن ٿيندو".
چوڻ لاءِ تہ آءٌ چئي ويس پر منهنجي اندر جي انسان ان فيصلي تي اطمينان ظاهر نہ ڪيو. "اسين ڪيترا فيصلا اندر جي انسان کي ماري ڪندا آهيون، ۽ ڪيترونہ ڏکيو ٿيندو آهي اهڙو فيصلو جنهن ۾ اندر جي انسان جي رضامندي شامل ناهي هوندي". ان جو اندازو مون کي پهريون دفعو هاڻ ٿي رهيو هو.
ٻن ڏينهن بعد هو اسٽوڊيو تي آئي. ڳرانڌڙي پائيندي چيائين :
"ذلفي ! توکان هڪڙي ڳالهہ پڇان؟".
چيومانس : "پُڇ".
چيائين : "سچ سچ ٻڌائيندين؟".
چيم :"اجان تائين مون تي اعتبار نہ آيو اٿئي؟".
" نہ اهڙي تہ ڳالهہ ناهي".
" تہ پوءِ پُڇ !".

" توکي مون سان ڪيترو پيار آهي؟" .
چيم : "جيئن سمنڊ جي گهرائي کي ماپي نٿو سگهجي، تيئن منهنجي پيار جي گهرائي به ماپي نٿي سگهجي" .
پنهنجي ٻانهن جو هار منهنجي ڳچيءَ ۾ وجهندي چيائين : "پوءِ ٻه ڪجهه ته ٻڌاءِ؟" .
مون ڪيس ڇڪي پنهنجي سيني سان لائيندي چيو : "مون توسان ايترو پيار ڪيو آهي، جيترو چڪور کي چنڊ سان هوندو آهي، ڪنهن عاشق کي پنائي جي ٻيٽ سان هوندو آهي، پرواني کي شمع سان هوندو آهي، ديش پريمي کي پنهنجي ڌرتيءَ سان هوندو آهي ۽ مون توسان ايترو پيار ڪيو آهي، جيترو پيار مجنون ليليٰ سان ڪندو هو" .
"پوءِ هميشه لاءِ مون کي پنهنجو بڻائي ڇو نه ٿو ڇڏين؟" .
"تون هميشه لاءِ منهنجي ئي ته آهين" .
"ائين نه " .
" ته پوءِ باقي ڪيئن؟" .
" مون سان شادي ڪري هميشه هميشه لاءِ مون کي پنهنجو بڻائي وٺ" .
آئون سوچن جي ساگر ۾ ٻڏي ويس. بابي جا لفظ منهنجي ذهن تي هٿوڙا بڻجي وسڻ لڳا : "ذوالفقار! تون عشق ڀلي ڪر، پر هن سان شادي ڪرڻ لاءِ ڪڏهن سوچجانءِ به نه" .
" ڇا ٿو سوچين؟" . وڻجاري پاڻ ڏانهن منهنجو ڌيان ڇڪائيندي چيو.
" سوچيم پئي حالتون اسان سان ئي ايتريون ويساهه گهاتيون ڇو ڪنديون آهن؟" .
" ارادا ۽ عزم پختا هجن ته حالتن کي بدلائي به سگهبو آهي" .
"پر جن جي پيرن ۾ مجبورين جون سنگهرون پيل هجن، اهي حالتن کي بدلائي ڪٿي سگهندا آهن" .
ڪجهه لمحن لاءِ ماحول ۾ سانت ڇانئجي وئي، سوچيم وڻجاري جي

شخصيت بہ عجيب آهي، ڪڏهن ايڏيون گهريون ڳالهيون ڪرڻ لڳندي آهي، جو يقين ئي نـاهي ايندو تہ وڻجاري ٻئي ڳالهـــائي. ڪڏهن وري اهڙيون مٺاڄريون ڳالهيون ڪرڻ لڳندي آهي جو محسوس ٿيندو آهي تہ چڻ ڪا ٻهراڙي جي عام عورت هجي.

"پوءِ ڇا ٿو چوين؟".

" ڇا جي باري ۾؟".

"شادي جي باري ۾".

"مون کي سوچڻ لاءِ ڪُجهہ مهلت ڏي.

" تون ڀلي سوچ، پر جلدي سوچي جواب ڏجانءِ".

چيم : " زندگي ڀر جي فيصلن ۾ ڪجهہ وقت تہ لڳندو آهي".

چيائين: " نيڪ آهي، تون ڀلي سوچي سمجهي جواب ڏجانءِ".

وقت مـون کي اهڙي بہ واٽي تي آڻي بيهـاريو، جتـان ڪنهن هڪ رستي جو تعين ڪرڻ مون لئہ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو. آءٌ ڪشمڪش جي سوليءَ تي ٽنگجي پيس. مـون ڪنهن بہ صـورت ۾ وڻجاريءَ کي وڃائڻ نہ ٿي چاهيو ۽ نہ وري بابي جي حڪم جي نافرماني ڪرڻ ٿي چاهي. آئون ڇا ڪيـان، ڪاڏي وڃان، سوچي سوچي چِتو ٿي پيس. مـون ٿي لڳو چڻ آئون چريو ٿي ويندس يا دمـاغ جون نسـون ڦـاٽي پونديون. منهنجون راتين جون ننڊون حـرام ٿي ويون، سُک چين ڦِٽي ويو. طبيعت ۾ بيزاري ۽ چڙچڙائپ گهر ڪرڻ لڳي. اسڪول، گهر توڙي ٻاهر ڪٿي بہ مزو نہ ٿي آيو. سوچيم ڪجهہ عرصو اهڙيون حالتون رهيون تہ پوءِ پڪ سان چريو ٿي پوندس.

ٽن ڏينهن کـان پوءِ وڻجاري ملي، ڏسندي ئي چيـائين : " هي پنهنجي ڪهڙي حالت ڪري ڇڏي اٿئي؟".

چپن تي مُرڪ آڻيندي چيم : "جو ڇا ٿيو آهي مون کي، نيڪ ٺاڪ تہ آهيان". الائي ڇو پنهنجي مُرڪ بہ اوپري لڳم.

"وارن کي ڪنگي ڪا نہ ڪئي اٿـئي، ڪپڙا اُجرا ڪو نہ پهريا اٿئي،

پيرن ۾ بوٽ به ڪو نه پاتو اٿئي، ۽ تنهنجيون اکيون به ٻڌائن ٿيون جڻ
پن ٿن راتين کان ننڊ به نه ڪئي هجئي".
چيمر: "اکين کي ڇاهي، اکيون ته هميشه دوکو ڏينديون آهن، اسين ڏسندا ڪجهه آهيون ۽ هوندو وري ٻيو ڪجهه آهي، باقي رهي ڳالهه ڪنگي نه ڏيڻ جي، ڪپڙا اُجرا نه پهرڻ جي ۽ بوٽ نه پائڻ جي ته ڪڏهن ڪڏهن مستن جيان رهڻ تي به دل چاهيندي آهي ۽ اسين مست بنجي پوندا آهيون".
"اُهو ته نيڪ آهي پر دنياداري ڪي به ڏسڻو آهي نه ۽ دنيا سان گڏ به ته هلڻو آهي نه".
دنياداري ئي ته اهڙا حال ڪيا آهن. دل جي ڳالهه زبان تي آڻڻ چاهيم، پر نه آڻي سگهيس. "اسين ڪوڙ سارين ڳالهيون چوڻ چاهيندا آهيون پر الائي ڇو چئي نه سگهندا آهيون".
"ڪهڙين سوچن ۾ پئجي وئين؟".
سوچن کي بريڪ ڏيندي چيم: "وڻجاري! سوچن جي ئي ته واحد دنيا آهي، جنهن ۾ سڀ اختيار اسان کي حاصل هوندا آهن".
"پلا هڪڙي ڳالهه چوانءِ؟". پنهنجي مخصوص انداز ۾ مرڪندي چيائين.
ڊڄندي چيم: "سَو چئو".
"پلا مون تي به شاعري ڪئي اٿئي؟".
چيمر: "جڏهن تون اجان مون کي ملي ئي نه هئينءَ، تڏهن کان ئي منهنجي شاعري جا سمورا رستا توکان شروع ٿيندا هئا ۽ توتي ئي ختم ٿيندا..".
اکين کي عجيب اند... ر گهمائيندي (جڻ منهنجي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي هجيس) چيائين: "پلا ڪُجهه ٻُڌاءِ".
مون کيس به تي تازا غزل ٻُڌايا، جيڪي مون هن جي ئي پسمنظر ۾ لکيا هئا.
غزل ٻڌڻ کان پوءِ حيرت وچان چيائين: "اهي تو پاڻ لکيا آهن؟!".

چيم : ” تون منهنجي هر ڳالهہ کي شڪ جي نگاهہ سان ڇو ڏسندي آهين؟ “ .
چيائين : ” ذلفي! هيل تائين زماني مون کي اهو ئي ڪجهہ تہ ڏنو آهي “ .
منهنجي وجود جي سڄي عمارت ڏچي وئي، اندر ۾ ڪجهہ ڀُرندي محسوس ڪيم، آواز ڳرو ٿي ويو، آواز جي لرزش تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪندي چيم : ” وڻجاري! تون مون کي زماني جي سڀني ماڻهن سان ڀيٽي رهي آهين؟ “ .
چيائين : ” ذلفي! تون اهڙو تہ ڪو نہ آهين، پر اهو بہ ڇاڻان ٿي تہ ماڻهن کي ڦرندي دير بہ نہ لڳندي آهي “ .
سوچيم هن جو بہ اُنهيءَ ۾ ڪهڙو ڏوهہ آهي، جنهن ماڻهوءَ جي پاند ۾ زماني ويساهہ گهاتين جا سڪا وڌا هجن، ان جي سوچڻ جو انداز اهڙو نہ ٿيندو تہ ٻيو ڪهڙو ٿيندو.
ڪئي پل خاموشي جي نظر ٿي ويا.
” ڀوءِ ڇا سوچيو اٿئي؟ “ . ڊگهي ٿيندڙ خاموشيءَ ۾ سوال جو پٿر اڇلايائين.
” ڇا جي باري ۾؟ “ . ڪجهہ بہ نہ سمجهندي چيم.
” شاديءَجي باري ۾ “ .
ڳنڀير ٿيندي چيومانس : ” سوچيان پيو “ .
نيٽن ۾ نهاريندي چيائين : ” سوچون جڏهن گهريون ٿي ويندڀون آهن، تڏهن فيصلا ڪمزور ٿي پوندا آهن “ .
” ڄاڻان ٿو، پر ڪجهہ فيصلا اهڙا هوندا آهن، جن لاءِ گهڻو سوچڻو پوندو آهي “ .
” نيڪ آهي، تون ڀلي سوچ آءٌ هلان ٿي “ .
آئون هن کي تاريندو رهيس، تاريندو رهيس، ايستائين جو مهيني کان مٿي ڏينهن گذري ويا.
هڪ ڏينهن هو اسٽوڊيو تي آئي، ڏاڍي منجهيل هئيءِ منهن مان

پريشاني پئي بکيس.
منهنجي نيڻن ۾ نهاريندي چيائين : " ذلفي! ڀوءِ ڇا سوچيو اٿئي شاديءَ جي باري ۾ ؟".
نظرون چورائيندي چيم : "اجان تائين ڪنهن فيصلي تي نہ پُجي سگھيو آهيان".
"ذلفي! تو هيستائين گھڻو ٽال مٽول کان ڪم ورتو آهي. هاڻ مون کي صاف صاف ٻڌاءِ تہ مون سان شادي ڪندين يا نہ ؟".
چيومانس : "مون کي ڪجھہ مهلت ڏي".
ضد ڪندي چيائين :" نہ هينئر جو هينئر مون کي ٻڌاءِ".
چيو مانس : " اهڙي ڳالهہ جي مون کان تڪڙي تقاضا ڇو ٿي ڪرين، جيڪا منهنجي وس ۾ ئي نہ هجي".
چيائين : " نہ ذلفي! هاڻي گھڻي دير ٿي وئي آهي، ان کان وڌيڪ وقت مان توکي نٿي ڏئي سگھان".
هن جي ضد آڏو هٿيار ڦٽاڪندي چيم : "نيڪ آ ٻن ڏينهن بعد آئون توکي پنهنجي فيصلي کان آگاهہ ڪندس".
چيائين : " ٻن ڏينهن جو مطلب صرف ٻہ ڏينهن".
چيم : " ها صرف ٻہ ڏينهن".

اهي ٻہ ڏينهن مون لاءِ ٻن صدين جيڏا ٿي پيا، انهن ٻن ڏينهن ۾ مون ٻن صدين جيڏو درد ڀوڳيو. سوچيم رات بابي کي چوندس : " هو منهنجي دل ۾، ڌڙڪن ۾، منهنجي رڳ رڳ ۾ رت ۾ شامل ٿي مون سان گڏ ڊوڙي رهي آهي. آئون هن کان سواءِ نامڪمل ۽ اڌورو آهيان. هن جو هئڻ منهنجي هئڻ جو ڪارڻ آهي. هن کان سواءِ آئون جي ڪو نہ سگھندس. مون کان منهنجي جيئڻ جو ڪارڻ نہ ڦُر ۽ مون کي هُنَ سان شادي ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏ". پر نہ چئي سگھيس. چوڻ جي همت ئي ڪا نہ ٿي سگھي. ان ڪري بہ جو ڄاتم ٿي تہ بابي طرفان موٽ ۾ انڪار کان سواءِ ڪجھہ بہ پلئہ نہ پوندو ۽ بابي جو انڪار

ڪڏهن بہ اقرار ۾ تبديل تي نہ سگهندو. چوڻ ۽ نہ چوڻ جي ٻڏتر ۾ ٻہ ڏينهن گذري ويا. ٽئين ڏينهن هوءَ اسٽوڊيو تي آئي، سندس نيڻن ۾ ٻري ٻري تائين ويراني ئي ويراني ڏٺم.

"پوءِ ڇا سوچيو اٿئي؟".

آئون ڪڇان جهڙي ڀت. ڪئي پل سانت جي نظر تي ويا.

لفظ لفظ تي زور ڏيندي چيائين : "ڪهڙو فيصلو ڪيو اٿئي ذلفي!".

مــوت ۾ آئون چُپ رهيس. "جڏهن چوڻ لاءِ ڪُجهــ بہ نہ بچندو آهي تڏهن ماڻهو چُپ ئي تہ رهندو آهي".

گلي مان ونئي دوڙاڙيندي چيائين : "ٻُڌائين ڇو نہ ٿو ذلفي؟!".

چيومانس : "سياڻي ٻُڌائيندو سانءِ".

ســسڪندي چيــائين : " تنهنجي اها سيــاڻي ڪڏهن بہ نہ ايندي. توکي چيو هوم نہ تہ ٻن ڏينهن جو مطلب صرف ٻہ ڏينهن، ۽ تو چيو هو ها صرف ٻہ ڏينهن. ان ڪري مون کي اڄ ٻُڌاءِ. صرف اڄ".

"وڻجاري! تون ايڏي اتاولي ڇو پئي ٿين. چيم نہ تہ توکي ســــيـــاڻي ٻُڌائيندس". مون جان ڇڏائيندي چيو.

چيائين :" نہ ذلفي اڄ، اڄ صرف اڄ".

آئون سيــاڻي سيــاڻي ڪندو رهيس، ۽ هو اڄ اڄ ڪندي رهي، جڏهن ڏٺائين تہ ڪو بہ ڪڙتيل نہ نڪرندو تہ اُٿي بيٺي ۽ وڃڻ لڳي، ٻہ قدم ڪٽي پنتي مُڙي نهاريائين. سندس نيڻن ۾ الائي ڇا هو. جيڪو هن کي روڪڻ لاءِ مون کي مجبور ڪري رهيو هو. پر ان سمي آئون ڪنور ٿي پيس ۽ هن جي نيڻن جون سموريون التجائون ٺڏي ڇڏيم ۽ هو هلي وئي.

ٻہ ڏينهن شدت سان هن جو اوسيئڙو ڪيم. پر هوءَ نہ آئي. سوچيم متان سياڻي اچي، ائين سياڻي ڪندي، ٽي ڏينهن ٻيا بہ گذري ويا. پر هوءَ نہ آئي. سوچيم شايد مون کان ناراض آهي. ان ڪري هلي وڃي هُنَ کي پرچائجي. مون کي پڪ هئي تہ، منهنجي هلي وڃڻ سان

هُن جي ناراضگي ختم ٿي ويندي. مون شهر کان ٻاهر وڻجاريءَ جي جهوپڙن ڏانهن رُخ ڪيو. جڏهن اتي پهتس ته پري پري تائين ويراني ئي ويراني نظر آيم. صرف ٻه جهوپڙا هئا، پر انهن مان ڪو ٻه وڻجاريءَ جو نه هو.

ان سمي دل موهن جو دڙو ٿي پئي. من مڪلي ٿي پيو. اندر آويءَ جان پچندي محسوس ڪيم، پاڻ کي آٿت ڏيندي سوچيم ائين نه ٿو ٿي سگهي، وڻجاري مون کي ڇڏي، نٿي وڃي سگهي. آئون خيال پچائيندو جهوپڙن وٽ اچي پهتس. هڪ جهوپڙي مان هڪ عورت نڪري آئي، جنهن کي وڻجاريءَ سان گڏ آئون ڪڏهن ڪڏهن ڏسندو هئس. وڻجاري هُن جو نالو "جانڪي ديوي" ٻڌايو هو. ويجهي وڃي جانڪي ديوي کان پڇيم : "وڻجاري ڪٿي آ؟".

"هوءَ هلي وئي".

منهنجو من هيروشيما ۽ ناگاساڪي ٿي ويو. پاڻ تي هزارين ايٽم بم ڪرندي محسوس ڪيم، "ڪاڏي وئي؟". آواز جي لرزش تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪندي چيم.

" بابُو! اسان خانه بدوشن جو ڪو ٺڪاڻو ئي ڪٿي هوندو آهي، بس جيڪو به شهر مناسب لڳندو آهي، اتي ڪجهه ڏينهن لاءِ ٽڪي پوندا آهيون".

وڻجاري. سان آخري ملاقات وارو منظر منهنجي ذهن تي تري آيو. ڪيڏو نه اصرار ڪيو هو، ان ڏينهن هُن منهنجي فيصلي کان آگاهي حاصل ڪرڻ لاءِ. ۽ آئون ڪيڏو نه ڪنور ٿي پيو هوس جو هن جون سموريون التجائون ٺڪرائي ڇڏيون هئم.

اف.............. درد جي پوري لهر منهنجي جسم ۾ ڊوڙي وئي. منهنجا قدم ڳرا ٿيندا ويا. ۽ آئون ان جواري جيان واپس وريس، جيڪو پنهنجي زندگيءَ جي سموري جمع پونجي جوا ۾ هاري ٿڪل قدمن سان واپس ورندو آهي.

سنڌيءَ ڪهاڻيءَ بابت هلندڙ بحث هاڻي ڪافي پراڻو ٿي چڪو آهي ۽ بنان ڪنهن نتيجي جي ختم به ٿي چڪو آهي جيتوڻيڪ عالمي ليول تي ڪهاڻيءَ بابت هاڻ بحث، ڪجهه پين رخن تي ٿئي ٿو، پر جيئن ته اسانجي سماج جيئان ، اسان جو ادب به جامد آهي . تنهنڪري جيڪڏهن انهيءَ ۾ ڪو پٿر اڇلي ٿو ته انهيءَ ۾ ايرندڙ لهرون ، اسان جي برداشت کان ٻاهر هونديون آهن.

" مشتاق پرڪڙي " به اسانجي نئين ٽهيءَ جي انهن ايرندڙ ڪهاڻيڪارن ۾ شامل آهي، جيڪي بنا ڪنهن سهاري ۽ سفارش جي هن ڪلها گس دؤر ۾ ڪلها هڻي اڳيان نڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن.

" جواني ڪيڏو جلدي گذري وڃي ٿي " هڪ ڀرپور تاثر ڇڏيندڙ ڪهاڻي آهي ، جنهن ۾ وڏيرڪي سماج جي هڪ معمولي جهلڪ سان گڏ اسان جي مجموعي سماجي حالتن جي به عڪاسي ٿيل آهي. جيئن ڪهاڻيءَ جو نالو خود پنهنجي پس منظر ۾ هڪ وڏي معنيٰ رکي ٿو، تيئن ڪهاڻيءَ جا ڊئلاگ به جاندار آهن. البت انهيءَ ڪهاڻيءَ کي وڌائڻ جي اڃا به ڪافي گنجائش موجود آهي.

هن ننڍڙي ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ مون کي محسوس ٿيو ته مشتاق وٽ ڪهاڻي ڪٿڻ جو سٺو ڏانءُ آهي، پر ڪيس اڃا قلم جي گهڻي مشق جي گهرج سان گڏ، پنهنجي ڏانءُ کي مطالعي سان به اجاري اڃو ڪري ته واهه جو ڪم ٿي وڃي. باقي رهيو مشاهدو ، سو ته مشتاق ڪندو ئي ٿو رهي. جنهن جو ثبوت هي ڪهاڻي جو آهي.

**يوسف سنڌي**

# جواني ڪيڏو جلدي گذري
# وڃي ٿي

اڄ صبح ساڻ ئي هڪ چنڊي جي منهن پئي هئي.
سندس وڏا شهپر، ويڪري پيشاني، ڳچيءَ ۾ سونو لاڪيٽ، آڱرين ۾ سونيون منڊيون ۽ مٿي تي ٽوپ ڏسي پڪ ٿي وئي هئس ته هن کان ڪجهه نه ڪجهه ضرور ملندو. هن پنهنجي آواز ۾ نماڻائي اوتي چيو هوس : ”ادا! رب سموريون مشڪلاتون آسان ڪندئي، سدائين سکيو هوندين، پيا محتاج هوندئي... رب جي نانءُ تي خير ڏي“.
هن منهن ۾ سونڊ وجهي چيو هوس :” آءٌ توکي ادا ٿو لڳان؟! . شرم ڪو نه ٿو اچئي، ڪني بد ذات عورت مون کي پنهنجو ڀاءُ ٿي چئين!؟“ .
موت ۾ هي چپ رهي هئي ۽ چاٽي ورتو هئائين ته وڏيڪ ڪجهه چوڻ سان پئسا ته ڪو نه ملندا پر گاريون ضرور ملنديون. ان بعد هي هڪ دڪاندار ڏانهن لڙي وئي هئي.

هن ٽورو پري ٿي جاءِ ڏنس.
هڪ نظر هن تي وڌائين. هوءَ وڌ ۾ وڌ ويهن سالن جي ٿي لڳي.
"سيٺ خرچي ڏي". رس ڀريو آواز سيٺ جي ڪنن سان ٽڪرايو.
"ڪوڙ خرچي - پر ڪالهه تون ڪو نه آئينءَ".
" اڄ ته آئي هان نه".
سيٺ مُرڪندي ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ هن جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي ڪيس اوطاق ۾ وٺي ويو.
ان سمي ڏک جي لهر هن جي جسم ۾ ڊوڙي وئي.
هن پنهنجي ڍلندڙ جوانيءَ تي هڪ نظر وڌي ۽ پوءِ ٿــڌو شــوڪارو ڀريندي چپن ۾ پڙڪي : "اف! جواني ڪيڏو جلدي گذري وڃي ٿي".

اڪثر ادب دوستن جو خيال آهي تہ سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي اڄ ڪلهہ پوين پساهن ۾ آهي ۽ گهٽ لکجي رهي آهي پر مان سندن انهيءَ خيال سان سهمت نہ آهيان، ڇو تہ سنڌي ادب ۾ ڪيترائي اهڙا نوان نالا آهن، جيڪي سنڌي ڪهاڻي تي طبع آزمائي ڪري رهيا آهن ۽ منجهس نوان تجربا ڪري ڪيس نئين جلا بخشي رهيا آهن. ان ڳالهہ جو ثبوت سنڌ جا سمورا رسالا ۽ اخبارون آهن، جن ۾ ڪثرت سان سنڌي ڪهاڻي ڇپجي رهي آهي. ان ڏس ۾ نوجوان ڪهاڻيڪارن جا ڪتاب بہ اهميت جا حامل آهن.

مشتاق پرڳڙي بہ اهڙن نئين ٽهي جي ڪهاڻيڪارن ۾ پنهنجن ڪهاڻين جي حوالي سان هڪ سٺي ڪهاڻيڪار طور سامهون آيو آهي ۽ سنڌي ادب ۾ پنهنجي جاءِ ناهڻ لاءِ لڳاتار محنت ڪري رهيو آهي. سندس محنت ۽ لگن ڪي ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هي نوجوان اڳتي هلي نمائندہ ڪهاڻيڪار ثابت ٿيندو.

سندس ڪهاڻين ۾ خاص ڪري هي ڪهاڻي " سلهہ ٺياس" جيڪا سادي پر معنيٰ ، بهترين ۽ اثر ڇڏيندڙ ڪهاڻي آهي .........

هن ڪهاڻيءَ جو ڪردار اشفاق آس ۽ نراس جي ٽڪندي اندر گهمي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هڪ پاسي ڪيس سلهہ جو مرض آهي ، جيڪو آخري مرحلي ۾ آهي ، ٻئي پاسي سندس محبت ۽ ٻئين پاسي وري ڪردار ڪي جيئڻ جي تمنا آهي. بيماري هن ڪهاڻيءَ جي مک ڪردار جي موت جو ڪارڻ بڻجي ٿي. ۽ سندس محبت ۽ جيئڻ جي تمنا دم توڙين ٿيون. پوئتي سندس محبت ۽ عزيز وڃي بچن ٿا. خبر ناهي تہ ڀاءُ مشتاق هن ڪردار ڪي ڇاڪاڻ ماريو. جڏهن تہ سلهہ اڄ ڪلهہ قابل علاج مرض آهي. ٿئي تہ ائين ها تہ ڪيس بيماريءَ جي بستري تان صحتمند ٿيندي ڏيکاري ها. ٻئي پاسي ڪهاڻي جو اختتام ڪهاڻيءَ جي هيروئن ثميرہ جي ڳوڙهن لڪائڻ سان ٿئي ٿو، جيڪو ڏاڍو اثرائتو آهي. ڪردار جي مرڻ سان ڪيترين زندگين جو نقصان ٿئي ٿو. هڪ پاسي اميد ڏسندڙ ماءُ ۽ ننڍو ڀاءُ ......... ٻئي پاسي ثميرہ ، جنهن سان هن گڏ جيئڻ ۽ مرڻ جا وچن ڪيا هئا....... جيستوڻيڪ هن ڪهاڻيءَ جا ڪردار احساس محرومي جا شڪار آهن تڏهن بہ هي ڪهاڻي پر اثر ۽ جاندار آهي . هتي هڪ ڳالهہ جي وضاحت ضروري سمجهان ٿو تہ سلهہ جي بيماري صرف زڪام ، کنگهہ ۽ ڇاتي ونجڻ سان شروع نہ ٿيندي آهي ، بلڪہ کنگهہ جو مسلسل رهڻ ، بخار جو مستقل رهڻ ، شام جي وقت ۾ پگهر جو اچڻ ، ٿڪاوٽ محسوس ٿيڻ ۽ وزن جو گهٽجڻ ، ڪمزوري محسوس ڪرڻ ۽ بعد ۾ کهنگهاري ۾ رت جو اچڻ پڻ شامل هوندو آهي تنهن ڪري سلهہ جي سڃاڻپ بہ ڊاڪٽر جلدي ڪري وٺندا آهن بعض اوقات لاپرواهي سبب آخري مرحلي تائين تشخيص ٿيندي آهي ۽ بيماريءَ جي خبر پوندي آهي.

مان اميد ٿو ڪريان مشتاق پرڳڙيءَ مان تہ هو اڃا بہ وڌيڪ محنت ڪندو ۽ پنهنجي قلم سان ، پنهنجي ڪهاڻين سان ادب ۾ هڪ سگهارو نالو بڻبو.

رجب آزاد

# سلھ ـ تياس

جيئن ئي سج نڪري نروار ٿيو هو ته، انهيءَ
سان گڏ هن جون اکيون به کلي پيون. ننڊ جا خمار ٽٽڻ بعد جيئن ئي هن جي دماغ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ته درد جي پوري لهر هن جي جسم ۾ ڊوڙي وئي ۽ هن کي پاڻ سميت آس پاس جي سموري ماحول کان وحشت ٿيڻ لڳي.

هي سوچڻ لڳو آخر ڪائنات ۾ سندس تخليق جي ڪهڙي ضرورت هئي رب کي. جڏهن هن کي زندگيءَ جون ڪجهه بهارون ئي ڏيکارڻيون هيون، ته پوءِ پيدا ئي ڇو ٿي ڪيائين؟!. ڇا صرف انهيءَ لاءِ ته شعور سنڀالينديءَ ئي درد جي آڳ ۾ جلندو رهي، ٻجرندو رهي!!. مايوسي ۽ درد جي ڪيفيت ڪان هن جون اکيون پرجي آيون ته پاسي ۾ ويٺل امڙ جو به جيءُ جُهري پيو ۽ پاڻ سنڀالي هن کي آٿت ڏيندي چوڻ لڳي: ”نه

روءِ پٽ! تنهنجي روئڻ جا ڏينهن پورا ٿي ويا. ختم ٿي ويا. ڪالهه ڊاڪٽر چيو پئي تہ اسين بيماريءَ تي قابو پائي وٺنداسين".

"امان! ڊاڪٽر تہ سيني جي دل رکڻ لاءِ ائين چوندا آهن. تہ جيئن مريض حوصلا بلند رکي. ڪجهہ ڏينهن وڌيڪ زنده رهي تہ جيئن سندن خرچ پاڻي نهندو رهي".

"نہ ابا! ائين نہ چئہ . ڊاڪٽر ڏاڍو قابل ماڻهو آهي ۽ انهيءَ مرض کان ڪوڙ سارا مريض آجا ڪرايا اٿائين".

"امان! اهي معمولي ڪيس هوندا ۽ پهرين مرحلي ۾ هوندا. هتي تہ بس ڄاڻي باقي تي ڪم آهي".

"نہ ابا نراس نہ ٿيءُ. مايوسي تہ گناهہ آهي نہ".

"پر امان روشنيءَ جو ڪرڻو بہ نظر اچي تہ اميد جي دامن کي بہ نہ ڇڏجي نہ".

هن کي شروع شروع ۾ بخار، زڪام ۽ کنگهہ ٿي هئي ۽ انهيءَ سان گڏ هن جي ڇاتي بہ وڃي وئي هئي، پر هن انهيءَ ڏانهن ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو هو. ۽ جڏهن سيني ۾ تڪليف وڌي وئي هيس تہ پوءِ هن ڊاڪٽر سان رجوع ڪيو هو ۽ جڏهن پوءِ مرض جي سڃاڻپ ٿي هئي، تڏهن ڪافي دير ٿي وئي هئي ۽ هي مڪمل سلهہ جي مرض ۾ جڪڙجي چڪو هو.

هن جي ماءُ هن کي ڏاڍيون دلداريون ۽ آٿتون ڏيندي هئي تہ بس اجهو مرض ختم ٿيو ۽ پاڻ هتان وري پنهنجي شهر واپس هلنداسين ۽ تنهنجي شادي جلد ثميرا سان ڪرائينداسين. پوءِ وري ساڳيون خوشيون موٽي اينديون. ساڳين مسرتن وارا ڏينهن هوندا ۽ ڀرپور خوشين ۾ گذرندا. بس تون رڳو همت ڪر. ڪجهہ ڏينهن جي ئي تہ ڳالهہ آهي.

موت ۾ هي ماءُ جي دل رکڻ لاءِ مُرڪي پوندو هو ۽ معنيٰ خيز انداز ۾ چوڻ لڳندو هو : "ها امان! واقعي ڪجهہ ڏينهن جي ئي ڳالهہ آهي".

هن کي جڏهن رت جي پهرين اُلٽي آئي هئي، تڏهن هن ڇاتي ورتو هو

تہ زندگيءَ جي سرحد ڇاڻ ڪُٿي ۽ موت جي سرحد اچڻ واري آهي. هيستائين بہ هي جيئرو هو تہ شايد، ڊاڪٽرن، پنهنجي امڙ، دوستن، ۽ عزيزن جي دلدارين جي ڪري ئي جيئرو هو. هن جي من ۾ هڪ خواهش شدت سان اُڀري هئي تہ هي هڪ وار ثميرا کي جيءَ ڀري ڏسي، هن سان ڪچهري ڪري پوءِ ڀلي سندس روح پرواز ڪري وڃي. هن کي پڪ هئي تہ سندس اها خواهش پوري ضرور ٿيندي ۽ هڪ وار ثميرا هن کي ڏسڻ، هن سان ملڻ ضرور ايندي. هيل تائين سندس جيئڻ جا وڏي ، وڏا ڏڏ بہ اهي ئي هئا شايد.

هي ثميرا کي ڏاڍو چاهيندو هو. ۽ هوءَ بہ هن کي ڏاڍو چاهيندي هئي. ٻنهي هڪ ٻئي لاءِ جيئڻ مرڻ جا وچن ۽ ٻئي ڪنهن جو بہ نہ ٿيڻ لاءِ قسم کنيا هئا. هنن ٻنهي کي پڪ هئي تہ سندن راهہ ۾ آيل هر رڪاوٽ دور ٿي ويندي ۽ هو هميشہ هميشہ لاءِ هڪ ٻئي جا ساٿي بنجي ويندا. بظاهر لڳو بہ ائين ٿي، ان ڪري جو ٻنهي کي پنهنجي پسند جو ساٿي چونڊڻ جي بہ ڪنهن حد تائين آزادي حاصل هئي، پر وقت جي مُٺ ۾ شايد سندن پسند جا سِڪا موجود نہ هئا ۽ ائين سلهہ جو مرض، ٻنهي جي پسند جي سايپائن آڏو مضبوط ديوار بنجي پيو هو.

هي گذريل ڪيترن ڏينهن کان سلهہ واري وارڊ ۾ بستري نمبر چار تي سُتي زندگي ۽ موت جي پاڻ ۾ ويڙهہ ڏسي رهيو هو. هن کي الائي ڇو پڪ ٿي وئي هئي تہ زندگي موت هٿان شڪست کائي ويندي ۽ انهيءَ سان گڏ هن جون سندر آشائون ۽ پڻ پيو سڀ ڪجهہ مٽيءَ ۾ ملي ويندو.

سلهہ جو مرض هن کي روز بہ روز اندران کائي رهيو هو ۽ هي ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو هو.هن جا جيڪي ڀريل ڳل هوندا هئا. انهن تان ماس روڙجي ويو هوس ۽ ڳلن ۾ چُڪهہ پئجي ويا هئس، جنهن جي ڪري هڏڀانيون ظاهر ٿي پيون هوس. هن جو رنگ لهندڙ سج جي هيڊاڻ مائل ٿي ويو هو، سندس ٻانهون جن سان هي ڪنهن کي ٻک وجهندو هو تہ

ڇڏائڻ مشڪل ٿي ويندو هو، انهن ۾ هاڻ ست ئي نہ رهيو هو. ۽ هي جيڪو پاڻ کي بستري تي اڇليندو هو تہ ننڊ جي ديوي هن کي حسين خوابن جي دنيا ۾ وٺي ويندي هئي. پر اڄ انهيءَ ننڊ لاءِ بہ هي گورين جو محتاج ٿي پيو هو ۽ خواب بہ هن کان موڪلائڻ لڳا هئا.
”زندگيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي انسان ڪڏهن ايترو تہ ڪمزور ٿي ويندو آهي، جو هو چاهيندي بہ ڪجهہ نہ ڪري سگهندو آهي. ۽ اهو ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهڻ وارو خيال انسان کي اڃان بہ وڌيڪ ڏکي ڪري وجهندو آهي ۽ زندگي صفا زهر لڳڻ لڳندي آهي“.
هن کي بہ زندگي صفا زهر لڳڻ لڳي هئي، پر ساڳي وقت موت کان بہ پئو ٿيندو هئس. اصل ۾ هن کي زندگي سان بي انتها پيار هو، پر سلهہ جون اذيتون ڀوڳڻ ڪري زندگي هن لاءِ صفا زهر ٿي پئي هئي. باقي زنده رهڻ جي خواهش اڄ بہ ١ ن جي من ۾ پوري شدت سان موجود هئي، بلڪہ اڳي کان بہ وڌيڪ زور وٺي وئي هئي.
ان وقت شام جا پنج ٿيا هئا. هي پنهنجي من کي بهلائڻ لاءِ هڪ رسالي جا ورق اٿلائي پٿلائي رهيو هو. هن کي محسوس ٿيو تہ ڪير هلندو اچي هن جي بيڊ جي پرسان اچي بيٺو آهي. هن رسالي تان نظرون هٽائيندي پنهنجي ذهن جي انهي خيال جي تصديق لاءِ جيئن ئي سامهون نهاريو تہ، بس نهاريندو ئي رهجي ويو. هن کي يقين ئي نہ ٿي آيو تہ ڪو سامهون واقعي بہ ثميرا بيٺي آهي. اها ثميرا جنهن کي هن هڪ هڪ پل ۾ هزارين ڀيرا ياد ڪيو آهي........ خوشيءَ جي شدت کان هن جون اکيون ڀرجي آيون ۽ هن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا.
” نہ روءُ اشفاق! آئون پنهنجو جيون ڏئي بہ توکي بچائي وٺنديس“.
ثميرا هن جي نيڻن ۾ نهاريندي چيو.
” ڇري تون سمجهين ٿي تہ آئون موت کان ڊڄان ٿو؟!..... هي ڳوڙها تہ تنهنجي اچڻ جي خوشيءَ ۾ ننڍڙو نذرانو آهن. تمام گهڻي خوشيءَ وچان بہ تہ ڳوڙها ڳڙي پوندا آهن نہ “.

اوچتو هن کي پنهنجي بيوقوفي جو احساس ٿيو تہ شڪي ٿيندي هن کي چيائين:”تون بيٺي ڇو آهين؟ ويهہ نہ“. ۽ هو پاسي ۾ پيل بئنچ تي ويهي رهي، هي تڪ ٻڌي هن کي ڏسندي پنهنجي من جي اُڃ اجهــائڻ لڳو ۽ ثميرا وري هن متعلق سوچيندي ڏکي ٿيڻ لڳي ۽ درد هن جي من ۾ لهڻ لڳو.

هوءَ سوچڻ لڳي تہ ڪيڏو نہ ڪمزور ٿي ويو آهي ۽ چهرو بہ ڪيئن نہ هيڊو ٿي ويو اٿس. هن کي اهڙي حالت ۾ ڏسڻ هن کان نہ پڄڳو تہ هن پنهنجون نظرون هن جي چهــري تان هٽــائي ڇڏيون. اڄ بہ هوءَ هن کي ڏسڻ نہ اچي ها، پر اشفاق جي پاءُ هن کي چيو هو تہ اشفاق روز توکي ساريندو آهي ۽ تنهنجي اچڻ جو هن کي شدت سان اوسيئڙو آهي. تون هڪ وار اچي هن کي ڏسي وڃ. ۽ اڄ هي هن کي اهڙي حــالت ۾ ڏسڻ جي پاڻ ۾ ست نہ ساريندي بہ، هن جي خواهش جو مان رکڻ لاءِ هلي آئي هئي.

ثميرا سوچڻ لڳي تہ اي ڪاش ائين ٿي سگهي ها جيڪر، ڪير پنهنجي زندگي ڏئي ٻئي کي بچائي سگهي ها تہ پوءِ آئون بہ پنهنجي زندگي ڏئي اشفــاق کي بچائي وٺــان ها. هن جي نہ هجڻ جو تصور ڪري ئي ڏکي وئي. اوچتــو درد ســان ڀِر هلڪـــڙي دانهن ٿي تہ هن جي خيـــالن جو تسلسل ٽٽي پيو ۽ هوءَ بجليءَ جي رفتار جيان اشفاق مٿان اچي بيٺي ۽ سندس هٿ کي پڪـــڙي پڇڻ لڳي : ”ڇا ٿــيو اشـفــاق....... ڇا ٿـــيو اشفاق!؟“ موٽ ۾ هو سيني تي هٿ رکندي مشڪل سان چئي سگهيو تہ سيني ۾ سور پيو ٿئي.

هن جي ماءُ ۽ پاءُ بہ هن مٿان اچي بيٺا. ۽ پنهي هڪ ئي وقت هن کان پڇيو تہ :”ڇا ٿـيو اشفـاق؟.. .ڇا ٿـيو اشفــاق؟“. مـوٽ ۾ هي درد جي شدت کان ڪجهہ بہ نہ چئي سگهيو. هن جو ساهہ منجهڻ لڳو تہ وڏا وڏا ســاهہ کڻڻ لڳو. اشفــاق جو پــاءُ ڊاڪـٽـرن کي وٺڻ لاءِ ڀڳو... هن پنهنجي مـــاءُ کي پـــاڪر وجهندي ۽ سندس ســيني ۾ پاڻ لڪـــائڻ جي

ناڪام ڪوشش ڪندي ۽ وڏا وڏا ساهہ کڻندي چيو: ”امان....
امان....مان جيئڻ چاهيان ٿو... مون کي بچائي وٺ....مون کي.....
بچائي وٺ“. انهيءَ سان گڏ هن کي رت جي الٽي آئي ۽ هن جو جسم
ڍرو ٿي ويو.

هن کي ماءُ جيئن ئي سڏو ڪيو تہ هن کان رڙ نڪري وئي ۽ هوءَ اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳي. ۽ هي ڊاڪٽرن جي پهچڻ کان اڳ ئي پنهنجي من اندر جون خواهشون، اندر ۾ ئي سانڍي هن دنيا کي الوداع چئي چُڪو هو.

ان گهڙيءَ ثميرا جي من اندر ۾ مچ ٻري پيو، هن جي رڳ رڳ ۾ پيڙائون گردش ڪرڻ لڳيون. هن کي لڳو تہ سندس وجود جو اڌ حصو، ڪنهن ڪپي جڻ تہ ڌار ڪري ڇڏيو هجي. درد جي شدت کان هن کي چُپ لڳي وئي، هن جا چپ ڦڙڪڻ لڳا ۽ اندر ۾ لڳل باهہ جڏهن ڳوڙهن رستي ظاهر ٿيڻ لڳي تہ هن انهيءَ کي ضبط جو بند ڏيڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي اکيون بند ڪري ڇڏيون.

مشتاق پرڳڙي منهنجو دوست آهي. هر دل عزيز دوست. اسان پنهنجي جو ادبي سفر روزانو آفتاب جي ادبي صفحن کان ٿيندو، هن دڳ تي پهتو آهي ( اها رم جهم جي ڏکي /اڙانگي ۽ ور وکڙ راه).

اسان پنهنجي ادبي سفر جي پهرين وک شاعريءَ جي دڳ تان کنئي، ان بعد ڪهاڻين جو دروازو به پنهنجي گڏجي کڙڪايو. سنت ٿي پوءِ اسان پنهنجي محسوس ڪيو ته اسان پنهنجيءَ ڪي جيڪڏهن ادب ۾ ٿوري ٽڪي جاءِ ولارڻي آهي ته پوءِ اسان پنهنجيءَ کي انهن پنهنجي رستن مان ڪنهن هڪ رستي کي چونڊڻو پوندو. ۽ پوءِ مون شاعريءَ جو دڳ جهليو، ۽ مشتاق پنهنجي لاءِ ڪهاڻين وارو رستو ئي موزون ڄاتو.

منهنجي خيال ۾ ائين ڪري مشتاق تمام سٺو ڪيو، ڇاڪاڻ جو هي شاعريءَ کي ئي ڇهنيو رهي ها ته پوءِ اڄ مشتاق اسان کي ڪٿي به نظر نه اچي ها.

ڇو؟.

ڇو ته هي شاعريءَ جي پر پيچ رستن ۾ ڪٿي نه ڪٿي ضرور گم ٿي وڃي ها.

مشتاق جي هي ڪهاڻي ' هار- جيت' هڪ سچي /کري ۽ نهايت ئي پيار ڪندڙ نوجوان جي ڪهاڻي آهي. جنهن کي هر طرف کان مايوسيون / نراسايون ۽ نا اُميديون پلئه پون ٿيون، تنهن ڪري هو هڪ جيت جي حاصلات لاءِ خودڪشي جو رستو چونڊي ٿو، ۽ خودڪشي ڪري ڇڏي ٿو.

بهر حال گهٽي پڻاڻ جي ضرورت ڪانهي ، اهو هڪ نقطو جنهن تي ڳالهه کي ختم ڪجي اهو ، اهو ته مشتاق اسان جي اِفسانوي ادب ۾ هڪ ڏانءُ جو واڌارو آهي.

جيڪڏهن مشتاق انهيءَ لگن ۽ چاهه سان لکندو رهيو ته هڪ ڏينهن هن جو نانءُ سٺن ليکيارن ۾ شماريو ويندو، ان ڪري جو مشتاق جي ڪهاڻين ۾ اهي سموريون خوبيون موجود آهن ، جيڪي هڪ سٺي ڪهاڻيڪار ۾ هونديون آهن.

**ذوالفقار گاڏهي**

# هار - جيت

اج ستين رات هئي، جو هي دوستن ڏانهن کو نہ وڃي رهيو هو. انهن دوستن ڏانهن جن کي واقعي دوست چئبو آهي، جيڪي دوستيءَ ۾ سڀ ڪجهہ ڪري گذرندا آهن. ۽ انهن لاءِ دوستي سڀني رشتن کان اُتم رشتو هوندي آهي.

تمام گهٽي پڙهڪڻ، رولاڪيون ڪرڻ ۽ زماني جون هيٺايون متايون ڏسڻ کان پوءِ، هن جي ملاقات شاهد سان ٿي هئي. شاهد کي ڏسي هن کي لڳو هو تہ اهڙائي ماڻهو آهن، جن جي ڪري ڪائنات اندر رنگ آهن، خوشبوئون آهن. شاهد جا دوست بہ هن کي شاهد جيترائي مخلص ۽ پيار ڪندڙ لڳا هئا.

رات واري ماني کان پوءِ شاهد جي اوطاق تي، ۱ات دير تائين روز هنن جا ڪچهرا ٿيندا هئا. فلمن کان وٺندي روز مره جا واقعا، پيار محبت، ادب، تاريخ ۽ سياست تي هنن جا پاڻ ۾ ڏگها ڏگها بحث ٿيندا هئا. باقاعده دليلن جي جنگ هلندي هئي ۽ پوءِ بحث ۾ هارائيندڙ دوست کي هوٽل تان ماني ڪارائڻ کان وٺندي، ٻئي جي هارائڻ تائين هُوٽ جو

نشانو بنجڻو پوندو هو.

ڪافي سارا ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ به ۽ مشهور فلاسافرن، وڏن وڏن اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جون چوٽيون ياد ڪرڻ کان پوءِ به الائي ڇو هي هر دفعي بحث ۾ هارائي ويندو هو. هارائڻ کان پوءِ دوستن طرفان ڏنل نئين موضوع تي، هي نئين سر وڏي جوش، جذبي ۽ ولولي سان تياري ڪرڻ لڳندو هو، پر پوءِ به الائي ڇو شڪست هن جو مقدر بڻجندي هئي.

هڪ دفعي بحث جو موضوع سياست هئي. هن جي مخالفت ۾ اشفاق هو. اشفاق سياست ڪرڻ جي مخالفت ۾ دليل ڏنا هئا، جڏهن ته هن سياست ڪرڻ جي حمايت ۾ دليل ڏنا هئا. هن جو چوڻ هو، "اڄ جي هر نوجوان توڙي پڪي پوڙهي کي سياست ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو سياست ئي اهو پليٽ فارم آهي، جنهن تان اسين پنهنجو آواز اٿاري، پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪري سوڀارا ٿي سگهون ٿا".

موٽ ۾ اشفاق جا دليل هئا، "سياست اڄ تاءِ اسان کي لاشن جا تحفا ڏنا آهن. يونيورسٽين کان وٺي، ڪاليجن، اسڪولن ۽ مزدورن هارين تائين سياست ۾ حصو وٺندڙ ماڻهن جي حصي ۾ اڄ تائين ڇا آيو آهي؟! ذلت، رسوائي، جيل، ڪوڙا ۽ ڦاهيون. جدوجهد هر دفعي شاگرد ۽ مزدور طبقو ڪندو آهي ۽ کٽيو هميشه جاگيردار، زميندار، پير ۽ مير ڪائيندا آهن. ان ڪري اسان جي ماڻهن کي، خاص ڪري نوجوانن کي سياست کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. ۽ پنهنجون سموريون توانائيون ۽ صلاحيتون تعليم، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ تي خرچ ڪرڻ گهرجن".

دليلن جي باقاعده جنگ هلي هئي ۽ ڪلاڪ ڏيڍ جي بحث کان پوءِ فيصلو اشفاق جي حق ۾ ٿيو هو ۽ هي مات کائي ويو هو.

ائين هڪ ٻئي دفعي "محبت" تي هن جو شاهد سان مقابلو ٿيو هو. هن جو چوڻ هو، "سچي محبت اڄ جي دور ۾ ڪٿي به ناهي رهي". جڏهن ته شاهد جو چوڻ هو، "سچي محبت اڄ به موجود آهي".

سچي محبت لاءِ شاهد ثبوت پيش ڪيا هئا ۽ هن کي هڪ پيرو پيهر شڪست جو منهن ڏسڻو پيو هو.

هن زندگي ۾ تمام گهڻو هارايو ۽ وڃايو هو، ۽ هاڻ هڪ ٻي هار جو متحمل ٿي نٿي سگهيو. هن ڇا ڇا نہ هارايو ۽ وڃايو هو. پنهنجو پيار، پنهنجا والدين، پنهنجو گهر، پنهنجو نهايت پيارو هڪ دوست ۽ پنهنجا آدرش. جيڪي سمجهوتن جي ور چڙهي ويا هئا. هاڻ هن ڪنهن بہ صورت ۾ هارائڻ نہ ٿي چاهيو. " هار" هن جي چيڙ بنجي پئي هئي ۽ هڪ " جيت" هن جي حاصلات جو تمام وڏو مقصد.

هن هڪ جيت سان سمورين هارن جو بدلو وٺڻ ٿي چاهيو. انهيءَ لاءِ هي سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار هو. اهوئي سبب هو جو هي گذريل ڇهن راتين کان پنهنجن دوستن ڏانهن ڪو نہ وڃي رهيو هو. هي آخري رات هئي ۽ ان بعد ايندڙ رات هن کي دوستن جي سامهون ثابت ڪرڻو هو تہ، "زندگي ختم ڪرڻ تمام سولي آهي. جڏهن تہ زندگيءَ جي سمورين ڪڙين سچائين سان زنده رهڻ انتهائي مشڪل آهي".

هي گذريل ڇهن ڏينهن ۽ راتين کان انهيءَ منجهيل سُٽ کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، پر ناڪام وڃي رهيو هو. مايوسي هن کي هاڻ وڻ ويڙهي جيان وڪوڙڻ لڳي هئي. ۽ هن کي لڳي رهيو هو تہ هڪ "جيت" جي تمنا هن جي حسرت ئي بڻي رهندي ۽ هي ڪڏهن بہ "جيت" جي جبل جي چوٽي فتح ڪري نہ سگهندو.

هن کي ياد اچڻ لڳو ماضي. ڪيڏو نہ چاهيندو هو هي پروين کي. هن جي هر ادا تي فدا ٿيڻ لاءِ هر وقت تيار رهندو هو. هن جي نيڻن ۾ هن ڪائنات جا سمورا رنگ ۽ خوشبوءِ ڏنيون هيون. پر صدين کان هلندڙ فرسوده ريتن رواجن هن کان پروين کسي ورتي هئي. پروين جي والدين اهو چئي ، هن جي والدين کي موٽائي ڇڏيو هو تہ اسين ذات برادري کان ٻاهر سنگ نہ ڏيندا آهيون. تڏهن پهريون دفعو هن کي زندگي بي معنيٰ لڳي هئي.

ٻيو دفعو زندگي هن کي تڏهن بي معنيٰ لڳي هئي، جڏهن هڪ

روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ سندس ماءُ پيءُ هن کي اڪيلو ڪري هن جهان ۾ ڇڏي ويا هئا. ڪيڏو نه رنو هو هي. عرش تائين هن جون دانهون ويون هيون. پر ڪا به دانهن سندس والدين کي موٽائي سگهڻ ۾ سڦل ٿي نه سگهي هئي.

ٽيون دفعو هن کي زندگي تڏهن بي معنيٰ لڳي هئي جڏهن هڪ دوست جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو هوس ۽ هن کي اي بي نيگيٽو رت جي ضرورت هئي. وڏي جاکوڙ ۽ ڀڄ ڀڄان کان پوءِ، جڏهن هي رت جي بوتل حاصل ڪري اسپتال پهتو هو، تڏهن ڪافي دير ٿي چُڪي هئي ۽ هن جو دوست هن کي الوداع چئي چڪو هو.

ان بعد هي ڏاڍو ڀٽڪيو هو. سگريٽ پيئڻ، پنهنجي عادت بنائي ڇڏي هئائين. شيو وڌائي ڇڏي هئائين، ڪپڙن پائڻ، کائڻ پيئڻ، اٿڻ ويهڻ ۽ هر شي تان توجهه هٽائي ڇڏي هئائين. سڪون جي تلاش ۾ هي در در ڀٽڪيو هو، پر هن کي سڪون ڪٿان به نه ملي سگهيو هو. ائين رولاڪيون ڪندي، هن جي شاهد ۽ ان جي دوستن سان ملاقات ٿي هئي، جيڪي هن کي آهستي آهستي زندگي ڏانهن ڪنهن حد تائين موٽائڻ ۾ سڦل ٿيا هئا.

هوا جي تيز جهونڪي تي، دريءَ جا ٻئي تاڪ جڏهن پاڻ ۾ ٽڪرائجن ٿا ته کڙڪي تي هي ڇرڪ ڀري ماضيءَ کان حال ڏانهن موٽ کائي ٿو. وڏو ساهه ڀريندي، هي ٽيبل تي رکيل پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍي دُکائي ٿو.

سگريٽ جا وڏا وڏا ڪش وٺندي سوچي ٿو، ڪجهه ماڻهن جي مقدر ۾ رڳو هارائڻ ئي چو لکيل هوندو آهي. ۽ هو رڳو هارائڻ لاءِ ئي چو پيدا ٿيندا آهن؟!..................

مايوسي جي انتها تي پهچي، مٿي تي ٻئي هٿ ڏئي ويهي رهي ٿو. هن جي ذهن ۾ ڪيئي سوچون ايندي رهن ٿيون ۽ موٽ کائيندي رهن ٿيون. اوچتو هڪ سوچ هن جي ذهن ۾ بجلي جيان ڊوڙي وڃي ٿي ۽ هن کي سُرهائي بخشي ڇڏي ٿي. هي ڪرسي تان اٿي

ٿو ۽ ٻين ۽ پنو ڪٽي دوستن ڏانهن ڇٽ لکڻ لڳي ٿو.

دوستو!

”زندگي ختم ڪرڻ انتهائي سولي آهي، جڏهن تہ زندگيءَ جي سمورين ڪڙين سچائين سان زنده رهڻ انتهائي مشڪل“.

هي هيٺان پنهنجو نالو لکي صحيح ڪري ٿو. ۽ پوءِ ان ڇٽ جي مٿان اهڙي طرح ڪتاب رکي ٿو، جيئن اها پري کان نظر اچي سگهي. ان بعد هي ڪيٽ مان ننڊ جي گورين جي شيشي ڪٽي ٿو، مسڪراهٽ هن جي چپن جا تاڪ کولي وجي ٿي ۽ هي سموريون گوريون هڪ جيت جي حاصلات لاءِ ڦڪي مٿان پاڻي بي چڏي ٿو.

نسيم کرل جي موت کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي جي حوالي سان ٿورا نانءُ ئي صحيح پر تمام سٺا نانءُ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ مڃتا ماڻي چُڪا آهن. منظور ڪوهيار، عزيز ڪنگراڻي، طارق قريشي، جان خاصخيلي، ضراب حيدر ۽ ٻيا ڪوڙ سٺا نانءُ آهن. انهن پڪن پختن ۽ سگهارن ناون ۾ هڪ نانءُ مشتاق پرڳڙي جو بہ شامل آهي.

مشتاق مٿين ڪهاڻيڪارن جي ڀيٽ ۾ اجا نئون نانءُ آهي ۽ هُن جي ڪيليبر جهڙو ليکڪ نہ آهي ، پر مشتاق جون ڪهاڻيون مٿين ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين جي ڪيليبر جهڙيون ضرور آهن. مشتاق جون ڪي ڪي ڪهاڻيون اهڙيون بہ آهن جيڪي مٿين ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين کان وڌيڪ سٺيون، معياري ۽ سگهاريون پڻ آهن . مشتاق وٽ ڪهاڻي لکڻ جو سٺو ڏانءُ آهي . مشتاق وٽ جيڪو ڪهاڻي لکڻ جو ڏانءُ ۽ انداز آهي، اهو ٻين ڪهاڻيڪارن کان مختلف ۽ نرالو آهي . مشتاق جون جيڪي ڪهاڻيون منهنجي نظر مان گذريون آهن اهي سڀئي ڪهاڻيون موضوع، پلاٽ ۽ تشبيهن جي حوالي سان انتهائي خوبصورت ۽ وڻندڙ آهن . مشتاق جي هي ڪهاڻي " هڪ مست جي پرسرار مسڪراهٽ ۽ آءُ" بہ هڪ خوبصورت ۽ وڻندڙ ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻي جو نانءُ بہ دل کي ڇهندڙ ۽ مقصد وارو آهي. مشتاق جي هي ڪهاڻي ڪنهن هلڪي ڦلڪي ذهن جي سمجهڻ کان مٿاهين آهي ۽ هن ڪهاڻي ۾ فلسفي جا اهڃاڻ پڻ نظر چِن ٿا. جنهن موضوع تي مشتاق هي ڪهاڻي لکي آهي، اهو موضوع ۾ڪل نئون ۽ نڪور آهي.

مشتاق جي هن ڪهاڻي ۾ ڪٿي بہ جهول نظر نٿو اچي، مشتاق جي ڪهاڻي جي شروعات، ڪردارن جي گفتگو، ڪهاڻي جو وچ وارو حصو ۽ پڇاڙي دل جي تارن کي ڇهندڙ آهي.

مشتاق جنهن لگن ۽ چاهہ سان لکندو پيو اچي ان کي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ اهو ڏينهن پري ناهي جو مشتاق جو نانءُ سنڌي ادب ۾ ڪهاڻين جي حوالي سان آڀ ۾ روشن تاري جيان چمڪڻ لڳندو.

مشتاق جي ڪهاڻي تي منهنجي هي ننڍڙي راءِ ڪو پڪو سرٽيفڪيٽ نہ آهي، نہ ئي آخري راءِ آهي. منهنجي هي راءِ هڪ عام پڙهندڙ جي راءِ آهي.

**وفا صالح راڄپر**

# هڪ مست جي پراسرار مسڪراهٽ ۽ آءٌ

هميشه وانگر هُو سيد نور محمد شاهه جي قبرستان ۾، هڪ قبر جي پاسي ۾ ويٺو، ننڍڙي ڪاٺيءَ سا زمين ڪوٽي رهيو آهي. مون کي ائين لڳو ڄڻ هو پنهنجي گذرندڙ ڏينهن، ننڍپڻ يا جوانيءَ کي زمين مان ڳولي ڪوٽي ڪڍڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هجي.

سندس عمر پنجاهه کان سٺ سالن جي وچ ۾، سندس وار تمام وڏا، گدلا، تيل ۽ مٽيءَ جي ملي وڃڻ ڪري چڪيون چڪيون ٿيل، ڀڃ ٿيل، بهشانو وڏي ويڪري، اکيون ٻرندڙ ۽ ڪپڙن تي ايترو ته مير جو تهه چڙهيل جو رنگ جي خبر نه پوندڙ.

آئون هن جي پاسي ۾ اچي ويهان ٿو ۽ کنگهڪار ڪري هن کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو. پر هو مون ڏانهن ڌيان ئي نٿو ڏئي، ۽ ڪاٺيءَ سان زمين ڪوٽيندو رهي ٿو. آءٌ هن کي ڳالهائڻ لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، هن کان پڇان ٿو: ” ملنگ ڇا پيو ڪرين؟“.

موٽ ۾ هو هڪ جهٽڪي لاءِ زمين ڪوٽڻ بند ڪري ٿو ۽ مون کي چتائي

ڏسي ٿــو. ڇڻ منهنجو هن کي ائين چوڻ ۾ پــر ۾ اچي ويهڻ ناگــوار لڳو هجي. ۽ پوءِ هو وري پنهنجي ڪِرت کي لڳي ويجي ٿو.

هي هميشه ائين ئي ڪندو آهي. اول تہ منهنجي ڪنهن ڳالهہ يا ســـوال تـي ڌيان ئي نـہ ڏيندو آهي، يا وڌ ۾ وڌ ايتـــرو ڪندو آهي تـہ منهنجي ڪنهن ڳالهہ يا سوال تي، مون کي چتائي ڏسڻ کان پوءِ مُرڪي پوندو آهي. "اهڙي مرڪ جنهن ۾ معنائن جا هزارين راز پوشيده هوندا آهن". سندس اها مُرڪ ايتري ئي پراسرار هوندي آهي، جيتري سندس شخصيت پراسرار آهي.

هن متعلق ڪيترائي قصا مشهور آهن. ڪُجهہ ماڻهن جو چوڻ آهي، هي پهرين تمام گهڻو دولتمند هو ۽ ايترو ئي مغرور پڻ. جيترو ڪنهن دولتمند کي هجڻ گهرجي. ڇڻ مغروري ۽ دولتمند هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم هجن. هن کي اولاد ۾ صرف هڪ پٽ ئي هو. جنهن کي ڀَري جوانيءَ ۾ ڪئنسر جهڙو موذي مـرض لڳو هو. پنهنجي پُٽ جي حياتي بچائڻ لاءِ هن پاڻيءَ جيان پئسو وهايو هو. پر اهو پئسو جنهن تي ايتـرو غرور ۽ فـخر هوس، سـو بہ سندس پُٽ جي حـيـاتي بچائڻ ۾ سڦل ٿي نـہ سگهيو. ائين پوءِ هن گوشہ نشيني واري زندگي گذارڻ کي ئي ترجيح ڏني هئي. ڪجهہ مـاڻهن جو وري خيال آهي تہ پُٽ جي مـرڻ واري صدمي جي ڪري اهڙا حال تي ويا اٿس. جڏهن تہ ڪُجهہ مـاڻهو وري هـن کي C.I.A. يا ٻي ڪـنهن خفيہ اداري جو ايجنٽ سمـجهندا آهن.

انهن ڳالهين ۾ ڪيتري صداقت آهي، اها تہ خدا کي خبر آهي. پر هڪ ڳالهہ جي مون کي پڪ آهي ۽ ماڻهن جي اڪثريت واري اِن راءِ کي مون رد ڪيو آهي تہ ڪو هي چريو آهي. ها البتہ آءٌ انهن ٿورن مـاڻهن جي راءِ سان ڪنهن حد تائين سهمت ضرور آهيان تہ هي درويش، مست، مولائي يا سودائي قسم جو ماڻهو آهي.

ماڻهو هن کي چريو، مـولائي، مست، درويش، سـودائي، بيوقوف ۽ ٻين

ڪيترن ئي مختلف نانوَن سان مخاطب ٿيندا آهن. موت ۾ هي اڪثر چپ رهندو هي. يا پوءِ انهن ڪي چتائي ڏسڻ ڪان پوءِ مُرڪي پوندو آهي. " اهڙي مُرڪ، جنهن ۾ معنائن جا هزارين راز پوشيده هوندا آهن". مون اهڙي پراسرار مُرڪ اڄ تائين ڪٿي به ڏٺي ناهي.
هن کي ڳالهائيندي اڄ تائين ڪنهن به ڏٺو ناهي. ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته هي پيدائشي گونگو آهي. جڏهن ته ڪجهه ماڻهن جي چوڻ مطابق پُٽ جي مرڻ واري صدمي هن کان ڳالهائڻ جي سگهه کسي ورتي آهي. هي اڪثر ڪري خلائن ۾ گُهوريندي نظر ايندو آهي. ڄڻ دل ئي دل ۾ هوائن سان ڳالهيون ڪندو آهي. ڪجهه ماڻهو هن کي پهتل پير سمجهندا آهن. هو هن وٽ اچي نهايت نياز ۽ نوڙت سان هن کي چوندا آهن : " مرشد! اسان جون مرادون پوريون ڪر ". موت ۾ هي پراسرار مُرڪ مُرڪي پوندو آهي. " اهڙي مُرڪ جنهن ۾ معنائن جا هزارين راز پوشيده هوندا آهن". ۽ ان بعد جڏهن هو هن جي پيرن کي ڇهڻ لاءِ جهڪندا آهن ته هي يڪدم خوفزده ٿي پوئين پير ڊوڙندو آهي. ماڻهو سندس ائين ڪرڻ کي به هن جي ادا ۽ وڏائي سمجهندا آهن.

هن کي جيڪڏهن ڪير کائڻ لاءِ مانيَ ڏيندو آهي ته وٺي کائيندو آهي. ان کان وڌيڪ جي طلب هن ڪڏهن به ناهي ڪئي. ڪجهه ماڻهو هن آڏو سَون، هزارن جي نوٽن جون دستيون رکي هن کي چوندا آهن : " مرشد ! اسان جي طرفان هي حقير نذرانو قبول ڪر". موت ۾ هي مُرڪڻ تي ئي اڪتفا ڪندو آهي. " اهڙي مُرڪ جنهن ۾ معنائن جا هزارين راز پوشيده هوندا آهن".
گهڻي وقت کان قبرستان ۾ رهڻ ڪري، هاڻي هي قبرستان جو ئي هڪ حصو لڳندو آهي. هي اڪثر جنهن قبر جي پير ۾ ويٺل نظر ايندو آهي، ماڻهن جي چوڻ مطابق سا سندس پُٽ جي ئي آهي. اڄ صبح جو جڏهن آءُ هن جي پير ۾ اچي وينس، تڏهن به هي ساڳيءَ قبر جي پير ۾ وينو

هو ۽ خلاف معمول خلائن ۾ گهورڻ بدران، ڪانيءَ سان زمين ڪوتي رهيو هو. مون هن کي ڳالهرائڻ لاءِ وڏا وس ڪيا آهن. پر هي به پنهنجي هوڏ تان ناهي هٽيو. مون کي سندس جنهن ڳالهه هن جي ويجهو تيڻ تي مجبور ڪيو، سا هئي هن جو خاموش رهڻ ۽ ڪن ڳالهين تي ماٺهن کي چتائي ڏسڻ ڪان پوءِ مُرڪي پوڻ." اهڙي مُرڪ جنهن ۾ معنائن جا هزارين راز پوشيده هوندا آهن".

آءٌ سندس انهيءَ خاموشي ۽ پراسرار مسڪراهٽ جو اونت لهڻ لاءِ هن جي ويجهو تيڻ لڳو هوس. پر هن جي ويجهو اچي به مون کي ائين لڳندو آهي، جڻ آءٌ هن ڪان ڪوهين ڏور هُجان. هزارين ڪوششون ڪرڻ جي باوجود به آءٌ هن کي هڪ لفظ ڳالهائڻ تي مجبور ڪري نه سگهيو آهيان. ۽ هن ڪان اهو معلوم ڪرڻ ۾ سقل تي نه سگهيو آهيان ته " تون خاموش ڇو رهندو آهين، ۽ ماٺهن کي چتائي ڏسڻ ڪان پوءِ اهڙي مُرڪ ڪيئن مُرڪي سگهندو آهين، جنهن ۾ معنائن جا هزارين راز پوشيده هوندا آهن؟".

آءٌ سندس انهيءَ مُرڪ جو ڀيد لهڻ لاءِ هڪ ڀيرو ٻيهر سوالن جو ڇار اڇليندي هن ڪان پُڇان ٿو : " رات جنهن وقت زوردار برسات پئي هئي، ان وقت تون ڪٿي هئين؟". هڪ پل لاءِ هن زمين کوٽڻ بند ڪئي ۽ ٻئي پل وري زمين کوٽڻ کي لڳي ويو.

مون وري هن ڪان پُڇيو : " ڪجهه ماٺهن ڪان ٻُڌو اٿم ته پهرين تون وڏو دولتمند هئين؟". هن منهنجي سوال ڏانهن ڌيان ئي نه ڏنو ۽ زمين کوٽيندو رهيو.

مون هن ڪان وري پُڇيو : " ماٺهو جڏهن توکي چريو، مست، موالي، سودائي، بيوقوف ۽ ٻين ڪيترن ئي نانوَن سان مخاطب ٿيندا آهن، تڏهن توکي ڪاوڙ ڇو نه لڳندي آهي؟". هن ڪنڌ کڻي مون کي چتائي ڏنو ۽ پوءِ مُرڪي ڏنائين : " اهڙي مُرڪ جنهن ۾ معنائن جا هزارين راز پوشيده هوندا آهن".

مون هن کان پڇيو : ” تون اهڙي مُرڪ ڪيئن مُرڪي سگهندو آهين، جنهن ۾ معنائن جا هزارين راز پوشيده هوندا آهن؟“. هن مون ڏانهن ڌيان ئي نہ ڏنو.

مون وري هن کان پڇيو : ” ڪُجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ تون پيدائشي گونگو آهين؟. جڏهن تہ ڪُجهہ ماڻهن جي خيال مطابق پُٽ جي مرڻ واري صدمي توکان ڳالهائڻ جي سگهہ کسي ورتي آهي؟، انهن ڳالهين ۾ ڪيتري صداقت آهي؟“. هن مون ڏانهن ڌيان ئي نہ ڏنو.

مون سوالن جي سلسلي کي جاري رکندي هن کان پڇيو : ”تون ڪير آهين، ڪٿان آيو آهين، ڳالهائين ڇو نٿو، پاڻ تي خاموشيءَ جو تَهہ ڇو چاڙهي رکيو اٿئي ۽ تون اهڙي مُرڪ ڪيئن مُرڪي سگهندو آهين، جنهن ۾ معنائن جا هزارين راز پوشيده هوندا آهن؟!“.

مون سوالن مٿان سوال ڪري هن کي جنجهوڙڻ چاهيو تہ جيئن هي اهو سڀ ڪُجهہ ٻڌائي ڇڏي، جيڪو سالن کان سيني ۾ دفن ڪيو ويٺو آهي. موٽ ۾ هن مون کي چتائي ڏسڻ کان پوءِ مُرڪڻ تي ئي اڪتفا ڪيو. ” اهڙي مُرڪ جنهن ۾ معنائن جا هزارين راز پوشيده هوندا آهن“.

مون وڏو ساهہ پريندي نهايت ڳنڀيرتا مان سوچيو، ” آئون هن جي خاموشيءَ ان پراسرار مُسڪراهٽ جو ڀيد ڪڏهن بہ معلوم ڪري نہ سگهندس، جنهن ۾ معنائن جا هزارين راز پوشيده هوندا آهن“. ايتري ۾ ڇهن نوجوانن جو ٽولو، جيڪو سيد نور محمد شاهہ بخاريءَ جي زيارت تي آيو هو، اسان جي ڀرمان گذريو. انهيءَ ٽولي مان هڪ نوجوان جيڪو سيني کان ٽپ ٽاپ تي لڳو، تنهن اسان ڏانهن اشارو ڪندي چيو : ”هو سامهون ڏسو بہ چريا“.

ان ٽولي تي ٻين نوجوانن ٽهڪڙن سان هن جو ساٿ ڏنو. ان وقت منهنجي چپن تي مسڪراهٽ ڦهلجي وئي. مون ڪنڌ ورائي ڏنو تہ مست جي چپن تي بہ ساڳي مسڪراهٽ ڦهليل هئي.

”ان وقت مون مست جي خاموشيءَ پراسرار مسڪراهٽ جو ڀيد ڄاڻي ورتو“.

# هڪ رات جي ڪٿا

رات اڌ ڪـان وڌيڪ گـذري وئي هئي، پر ننڊ
هن جي نيڻن کان ڪوهين ڏور هئي. سوچن جا سلسلا هن جي ننڊ آڏو
ديوار بنجي ٿي بيٺا. هن جون نظرون ڪمري جو طواف ڪري، پاسي
واري بيـڊ تـي سـتل سندس ڀـيڻ تي اچي ٿـي ٽِڪـيـون. سندس گـول
ڇاتيون، اڇو رنگ، سنهڙي چيلهه ۽ خوبصورت چپ، هن کي سيڪس
اپيل ڪري رهيا هئا. هن جو ايمان گهڙي گهڙي ڏگمگائي رهيو هو. دل
هر هر پئي سَٽ ڪـاڍس تـه پنهنجي بيـڊ تان اُٿي هن جي پـر ۾ وڃي
سمهي ۽ کيس ڀاڪر ۾ ڀري وٺي. ان کان پوءِ پنهي هٿن سان ڇاتين
کي پڪـڙي، تـورو زور سـان ڀِڪـوڙي، پوءِ پئي هٿ سندس لسي ۽
ترڪٽي بدن تي ڦـيـريندو رهي. ان بعـد پنهنجا چپ هن جي چپن تي
رکي، هن جي چپن جو سمورو امرت چوسي وٺي. ۽ پوءِ آخر ۾ هن جو
اڱڻ چوڙي، پنهنجي منزل کي وڃي رَسي.
دماغ ائين ڪرڻ کان هر هر ٿي روڪيس.
دماغ چيس ٿي : ”خبردار ٿيءُ ! هوءَ تنهنجي ڀيڻ آهي. ڇا تون ايڏو بي
غيرت ٿي پيو آهين، جو پنهنجي ڀيڻ سان اهو ڪجهه ڪندين، جيڪو

سوچڻ بہ گناهہ تصور ڪيو ويندو آهي؟!".
موت ۾ دماغ کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين ٿي : " پر هوء منهنجي ماءُ جائي ڪانهي".
دماغ حبس : "جا ٿي پيو جي هوءَ تنهنجي ماءُ جائي ڪانهي، پر پيءُ جائي تہ آهي نہ ".
دماغ کي چيائين : "آءٌ رشتن کي ڪو نہ ٿو مڃان. انسان مزي ماڻڻ لاءِ پيدا ٿيو آهي ۽ هن کي پنهنجو هڪ هڪ پل ماڻڻ گهرجي".
دماغ چيس : "هي مغرب ناهي، جتي مرد ڪنهن سان بہ جنسي لاڳاپا قائم رکڻ چاهي تہ رکي سگهي ٿو. پوءِ اڳلي سندس ڀيڻ ئي ڪٿي جو نہ هجي، هي مشرق آهي، هتان جا پنهنجا رواج آهن، قدر آهن ۽ ثقافت آهي. هتي ائين سوچڻ بہ گناهہ تصور ڪيو ويندو آهي. تون پنهنجي قيامت ڪاري نہ ڪر!".
هي انهن سوچن ڪان پنهنجو پاند ڇڏائڻ لاءِ بيڊ تان اٿي ٿو ۽ فرج مان پاڻي جي بوتل ڪڍي منهن تي چاڙهي ڇڏي ٿو. جڏهن ٿڌو پاڻي نڙيءَ مان لهيس ٿو تہ پاڻ کي ڪجهہ رليڪس محسوس ڪري ٿو. ڪمري ۾ گهٽ ۽ ٻوسٽ جو احساس ٿيڻ لڳيس ٿو تہ ٻاهر آڱنڌ تي نڪري اچي ٿو ۽ قميص جا مٿيان ٻئي بٽڻ کولي ڇدي ٿو. واءُ جي جهوٽي لڳڻ سان راحت جو احساس ٿئيس ٿو.
سوچڻ لڳي ٿو تہ آءٌ هي ڇا ڪري رهيو هوس!!. امان ۽ بابي وارا مائٽن جي شادي ڪائي موٽي اچن ها ۽ انهن کي خبر پوي ها تہ منهنجي منهن ۾ ڇا رهي ها ۽ آءٌ سماج ۾ ڪنڌ ڪٿي ڪيئن گهمي سگهان ها.
مون ڀيڻ جي هڪ پاءُ لاءِ پيار کي ڪيڏو نہ غلط رنگ ڏنو. هوءَ مون کي هڪ ڀاءُ جي حيثيت ۾ پيار ڀرين نگاهن سان نهاريندي رهي ۽ آءٌ وري سندس نيڻن ۾ سمايل ان پيار کي، ٻئي پيار جو رنگ ڏيندو رهيس. اُف آءٌ ڪيڏو نہ غلط نڪتس. ۽ شام ڌاري جڏهن امان وارن سان شادي تي وڃڻ ڪان اهو چئي انڪار ڪيائين تہ منهنجي طبيعت

خراب آهي، مــــتي ۾ سُور آهي تـہ آءُ ان ڪي بہ شڪ جي نگاهن ســـان ڏسندو رهيس. ۽ جڏهن رات واري مـاني ڪـائڻ ڪـان پوءِ چيـائين : " ادا مـون ڪي رات جو اڪيـلائپ ۾ ڊپ ٿـيندو آهي، آءُ تنهنجي ڪـمـري ۾ سمهان؟"، تڏهن بہ آءُ سمجهندو رهيس تہ هوءَ مون کي ٻين نظرن سان ڏسندي رهي ٿي.

آءُ ڪيڏو نہ نيچ ۽ ڪميڻو آهيان، جو هن جي بي غرض ۽ اڻ مٽي پيار کي ڪيـــڏو نـہ غلط رنگ ڏيندو رهيس. اُف خدايا! آءُ هي ڇا ڪري رهيـو هوس؟!. هن ٻنهي هٿن سـان مـٿي کي پڪـڙيندي پنهنجو پاڻ کي چيو : "منهنجي ڀيڻ سيمـان کي جڏهن خبر پوي ها تـہ، سندس جسم تي سُرندڙ هي اُهي هٿ آهن، جيڪي شفقت وچان مٿي تي رکبا آهن، هي اُهي هٿ آهن جيـڪي عـزت جا رکـوالا هوندا آهن. ۽ هي اُهي هٿ آهن، جيڪي هڪ ڀيڻ کي تحفظ جي ضمانت جو احساس ڏياريندا آهن تہ هن جي دل تي ڇا گذري ها!!؟؟.

هڪ لحظي ۾ آءُ هن جي نظرن ۾ ايتـــرو تـہ ڪري پوان ها، جو وري هڪ لک هڪ هزار دفعـا ڪوشش ڪرڻ جي باوجود بہ هن جو مـانُ ۽ اعتبار موٽائي نہ سگهان هان. هوءَ جيڪـا منهنجي ڪمري کي صاف سٿرو رکندي آهي، منهنجا بي ترتيب ڪتاب ترتيب سان ڪري رکندي آهي، مون کي صبح جو پوري ٽائيم تي ننڊ مان اٿاريندي آهي ۽ مون لاءِ ناشتو آڻڻ ڪان ويندي منهنجي هر ضرورت جو خيال رکندي آهي.

گـذريل سيـاري ۾ مـون کي سئيـٽر ڏيندي چيـو هئـائين : " اڇي وٺ ادا! مون تولئہ پنهنجي هٿن سان ٺاهيو آهي".

مون هُن ڏانهن نهاريندي چيو هو : "تون منهنجو ايترو خيال ڇو رکندي آهين؟".

موت ۾ سموري جَهان جو پيار نيڻن ۾ سمائي چيو هئائين : " آخر بہ تہ تون منهنجو پيارو ڀاءُ آهين نہ ".

اهڙي فرشتا صفت ڀيڻ لاءِ مون اهڙا ذليل خيال پنهنجي دل ۾ ڪيئن

آندا؟!. لعنت آ مون تي ۽ منهنجي زندگيءَ تي.
هي پاڻ تي لعنت ملامت ڪندو ڪمري ۾ آيو. پاڻ کي بيڊ تي اڇلائڻ کان اڳ ۾ خيال آيس تہ، منجهند ڏاري مليل خط ڪتاب ۾ اِنهيءَ خيال سان رکيو هئائين تہ واند ڪائي ۾ آرام سان کولي پڙهندو. هن شيلف ۾ پيل ڪتاب مان خط ڪڍي کوليو ۽ پڙهڻ لڳو. جيئن جيئن خط پڙهندو ويو، تيئن تيئن سرهائي من ۾ اوتجندي ٿي ويس.
هن جي هڪ پرستار هن کي خط لکيو هو، جنهن ۾ هن جي فن جي ڏاڍي تعريف ڪئي هئائين. هن لکيو هوس : "اوهان جون ناهيل تصويرون ڏسي ائين لڳندو آهي، ڄڻ ڪنهن ڪئميرا سان فوٽو ڇڪي ورتا هجن. اوهان جون ناهيل تصويرون زندگيءَ جي قريب تر لڳنديون آهن. مون کي ائين لڳندو آهي ڄڻ اوهان وٽ ڪو جادوئي برش آهي، جيڪو سماج ۾ ٿيندڙ وارتائن جي ڇٽي پٽي عڪاسي ڪري ٿو. پيا بہ کوڙ سارا تعريفي جملا هئس. پنهنجي ڪاميابيءَ تي مُرڪندي خط پڙهي لفافي ۾ وڌائين پوءِ لفافو ساڳي ڪتاب ۾ وجهي، ڪتاب شيلف ۾ رکي ڇڏيائين. پنهنجي بيڊ ڏانهن ايندي، هن هڪ نظر گهڙيال تي وڌي، جتي ٽي وڄي رهيا هئا.
سوچيائين رات ڪافي وهامي وئي آهي، هاڻ سُمهڻ گهرجي. هن بتي وسائي ۽ بيڊ تي آهلجي پيو.
ڪيئي پل بيڊ تي سُتي گذري ويس.
اوچتو پنيءَ تي لرزندڙ هٿ لڳس. پاسو ورايائين تہ گول ڇاتيون سيني سان ٽڪرائجي ويس. هن هڪ لحظي ۾ ڇاٽي ورتو تہ اهو جسم سندس پيڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو بہ ٿي نٿو سگهي.
هن پيڻ جي لرزندڙ هٿن کي پڪڙيندي چيو: "خير تہ آهي نہ ادي، ڇا ٿيو؟".
موٽ ۾ پيڻ ڪنبندڙ آواز ۾ چيس : " ادا ڏاڍو خوفناڪ خواب ڏٺو اٿم، مون کي پنهنجي، سيني ۾ لڪائي ڇڏ، مون کي ڏاڍو ڊپ ٿو ٿئي".

پيٽ کي ٻانهن ۾ پڪوڙيندي چيائين : ”مان آهيان نہ اديا! تون ڪو بہ ڊپ نہ ڪر، ڪو بہ فڪر نہ ڪر“.

ٻاءُ جي ٻانهن جي حصار ۾ ايندي هوءَ هن جي پنيءَ تي آهستي آهستي هٿ گهمائڻ لڳي. ان کان پوءِ ٻاءُ جا ٻئي هٿ پڪڙي، پنهنجي گول گول ڇاتين تي رکي ڇڏيائين. اجان بہ جڏهن ٻاءُ کي خاموش ڏٺائين تہ هن جي سيني تي هٿ گهمائيندي، گهمائيندي، هن جي مخصوص مردانہ عضوي تي هٿ رکي ڇڏيائين.

هن جا وحشي جذبا يڪدم ڀڙڪو کائي جاڳي پيا، جن کي ڪجهہ دير اڳ زوريءَ ٿڦڪيون ڏئي سمهاريو هئائين.

هن پنهنجا ٻئي هٿ هن جي جسم تي گسائڻ شروع ڪيا ۽ پوءِ هن جي منهن ڏانهن ويجهو ٿيندي، پنهنجا چپ، هن جي چپن تي رکي ڇڏيائين.

سندس چپن کي چمندو، ڳچيءَ کان ٿيندو، هن جي ڏُنَ وٽ اچي پڳو. هن هٿ سان، هن جي اڳٺ کي ڳوليو ۽ پوءِ هڪ سَٽ سان اڳٺ ڇوڙيندي، هن اهو ڪجهہ ڪري ڇڏيو، جيڪو هن کي نہ ڪرڻ ڪپندو هو. ڪڏهن بہ نہ ڪرڻ ڪپندو هو.

# چاھتون پائڻ جي اوسيئڙي ۾ ٿي وجود

ڪاليج کان موٽندي جڏهن هي بس اسٽاپ تي پهتو تہ هن کي خبر پئي تہ سندس ڳوٺ وڃڻ واري بس پنج منٽ اڳ نڪري وئي آهي. هن کي افسوس تہ گهڻو ٿيو پر هاڻي ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو، سواءِ بس جو انتظار ڪرڻ جي. بس جو انتظار ڪندي ويهہ منٽ ئي گذريا هئا جو هڪ ٽانگو، هن جي پرسان اچي بيٺو ۽ ٽانگي مان جڏهن اچي ڊريس پهريل ڪاليجي ڇوڪريون لٿيون تہ هي انهن مان هڪ ڇوڪريءَ کي ڏسندي ئي پنڊ پهڻ ٿي ويو.

هن کي حيرت ان ڪري ڪا نہ ٿي هئي جو هوءَ بيحد حسين هئي، پر هن کي حيرت ان ڪري ٿي هئي جو انهيءَ ڇوڪريءَ کي ڪيترائي ڀيرا اڳ هي خواب ۾ بہ ڏسي چڪو هو.

هي سوچڻ لڳو ڇا خواب ائين بہ حقيقت جو روپ ڌاريندا آهن ۽ خوابن ۾ ڏٺل چهرن کي آئيڊيل بنائيندي حقيقت جي دنيا ۾ ائين بہ

پَسي سگهبو آهي، هن کي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ مان جواب مليو ته ها ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي، جيڪڏهن ائين نه ٿئي ته پوءِ حيرتون جنم ئي نه وٺن ۽ انهن جو وجود ئي نه رهي.

هن کي ان خواب جهڙي ڪيفيت مان جاڳ اوڏي مهل ٿي، جڏهن بس جي هارن جو تيز آواز هن جي ڪنن سان ٽڪرايو ۽ هي ڇرڪ ڀري پنهنجي دنيا ۾ موٽي آيو. جيڪڏهن بس ڊرائيور هارن نه وڄائي ها ته شايد اها بس به هن کان مِس ٿي وڃي ها. هي جڏهن بس جي اڳئين دروازي کان چڙهيو ته هن کي هوءَ به دروازي جي بلڪل سامهون واري سيٽ تي پنهنجي سهيلين جي وچ ۾ نظر آئي.

هن کي ڏسندي ئي هن جي من ۾، هڪ خواهش ان ٻار جيان ڪَر موڙي جاڳي پئي جيڪو رانديڪن جي دڪان آڏو گذرندي، اوچتو ڪنهن خوبصورت رانديڪي کي شيشي مان ڏسي انهيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ بيهي رهندو آهي. هي به ان ٻار جيان دروازي تي بيهي رهيو. پر جلد ئي هن کي اتان هٽي، پوئتي وڃي سيٽ تي ويهڻو پيو، جڏهن بس ڪنڊيڪٽر: " اڳتي هلو بابا اڳتي هلو" جا لفظ ورجايا.

پنهنجي ڳوٺ وٽ جڏهن هي بس مان لٿو ته هن کي ائين لڳو ڄڻ، هن جي ڪا قيمتي شيءَ بس ۾ رهجي وئي هجي.

گهر پهچڻ تي هي وياڪل وياڪل ۽ اداس هو. هن جي دل ڪنهن به شي ۾ نٿي لڳي ۽ بي چيني هن کي وڻ ويڙهي وانگر وڪوڙڻ لڳي. ڏينهن ته جيئن تيئن ڪري گذاري ويو، پر رات گذارڻ هن لاءِ مسئلو ٿي پئي. هن اکيون بند ٿي ڪيون ته هوءَ هن جي سامهون اچي ٿي بيٺي ۽ اکيون کوليائين ٿي ته هن جا خيال، هن جون سوچون، هن کي پنهنجي حصار ۾ ٿي جڪڙڻ لڳيون. هن کي ياد ڪندي، تصور ۾ پسندي، رات جي پوئين پهر هن جي اک لڳي وئي.

صبح جو جڏهن هي اٿيو ته اکيون ڳاڙهيون لال، ۽ سڄي بُت ۾ سور هئس. هڪ ڀيرو ٻيهر ساڳي بيچيني ڪر موڙي جاڳي پئي ۽ هن

کي پنهنجي حصار ۾ جڪڙڻ لڳي.

هو جلدي ۾ تيار ٿي، ناشتو ڪري ڪاليج پهتو، پر هن جي اتي به دل نہ لڳي هن کي لڳو تہ هڪ نظر هن پري ڇهري هن کي ڏسي، هن جو سُک چين ڪسي ورتو آهي. ڪاليج ۾ هن کي آرام نہ آيو تہ هي اتان ڪلاڪ کن اڳ ۾ ئي هليو آيو ۽ بس اسٽاپ تي پهچي هن جو انتظار ڪرڻ لڳو. جڏهن هوءَ آئي تہ هن کي لڳو ڄڻ چين هن کي واپس ملي ويو هجي. هن جي اچڻ سان هن کي محسوس ٿيو ڄڻ صدين کان هي هن جي اوسيئڙي ۾ هو. ۽ اهو اوسيئڙو، هن جي اچڻ سان ختم ٿي ويو هجي.

هي جڏهن ڳوٺ پهتو تہ وري هن سان ساڳي حالت ٿيڻ لڳي. بيچيني، بيقراري، لڇ پڇ ۽ اندر جي آنڌ مانڌ هن کي وري پنهنجي حصار ۾ گهيرڻ لڳي.

هن کي محسوس ٿيو تہ هوءَ آهي تہ مان آهيان، ڪائنات جيءَ سموري خوبصورتي آهي ۽ سڀ ڪجهہ آهي. پر جي هوءَ ناهي تہ پوءِ ڪجهہ بہ ناهي، نہ خوبصورتي، نہ هي پاڻ ۽ نہ وري هن جي زندگيءَ جي ڪا اهميت آهي.

صبح جو جڏهن هي ڪاليج پهتو هو تہ بغير ناشتي جي. ان ڪري جو هاڻ هن کي بُک سميت بي ڪنهن بہ شي جو احساس نہ رهيو هو. هن کي بس ڪو خيال هو ۽ ڪجهہ ياد هو تہ اها هئي هوءَ جيڪا هن جي هاڻ زندگي هئي، هن جي دل جي ڌڙڪڻ جو ڪارڻ هئي.

ڪوڙ ڏينهن هن جا ان ڪيفيت ۾ گذري ويا. هن سوچيو تہ ائين آخر ڪيستائين ٿيندو رهندو تہ عشق جي آڳ ۾ هي اڪيلو جلندو رهندو ۽ هن کي خبر ئي نہ پوندي. ان ڪري هن سوچيو تہ هن کي پنهنجي خيالن کان آگاهہ ڪرڻ گهرجي. هن کي ٻڌائڻ گهرجي تہ : " ڪير تنهنجي اچڻ جي راهہ روز تڪيندو آهي، ۽ جيستائين تون هن کي نظر نہ ايندي آهين، تيستائين هن کي هڪ پل بہ قرار نہ ايندو آهي. ۽

هو توسان ايترو تہ پيار ڪندو آهي، ايترو تہ پيار ڪندو آهي، جو دنيا ۾ ٻئي ڪنهن بہ ڪنهن سان ايترو پيار نہ ڪيو هوندو". انهيءَ ڏس ۾ هن خط تہ لکيو پر هن تائين خط پڄائڻ ، هن لاءِ مسئلو ٿئي پيو.

نيٺ هڪ ڏينهن هن دل ٻڌي هن کي خط ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن ڪان اهو خط هن جي سهيلي گهريو. هن چيو: "هي خط اوهان لاءِ نہ پر اوهان جي سهيلي لاءِ آهي". جنهن تي هن چيو: "ڳالهہ ساڳي آهي" ۽ خط هن جي هٿ مان کسي ورتو.

اڄ اها هن جي سهيلي، هن سان فري ٿي ڳالهائيندي آهي، ان جي ڳالهائڻ مان صاف محسوس ٿيندو آهي تہ هوءَ، هن کي چاهي ٿي، پر هي انهيءَ کي موٽ نہ ٿو ڏئي، ان ڪري جو هي پنهنجي دل هٿان مجبور آهي، ۽ هي انهيءَ کي ٿو چاهي جيڪا هن جي سهيلي آهي. ( جنهن کي هن خط ڏيڻ چاهيو هو، پر هن وٺڻ گوارا نہ ڪيو هو) ۽ اڄ ڪلهہ اداس رهڻ لڳي آهي. شايد هن کي بہ پنهنجي چاهت جي منزل ملي نہ سگهي آهي. ائين ٿئي پنهنجون، پنهنجون چاهتون پائڻ جي اوسيئڙي ۾ آهن ۽ اوسيئڙو وري بہ ڏکيو ٿيندو پيو وڃي.......... ڏکيو ٿيندو پيو وڃي!!.

# جستجو

كجهہ ڏينهن کان هي سخت پريشان آهي، ان ڪري جو هن جي ذهن ۾ هڪ سوال اڀري آيو آهي تہ ، " زندگي ڇا آهي؟". هن جي ذهن ۾ جڏهن بہ ڪو سوال ڪر کڻندو آهي، يا ڪو بہ ذهني مونجهارو پيدا ٿيندو اٿس، تہ پوءِ جيستائين انهيءَ سوال يا مونجهاري جو حل تلاش ڪري نہ وٺندو آهي، تيستائين هن کي هڪ پل بہ قرار نہ ايندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هي " زندگي ڇا آهي؟". معلوم ڪرڻ لاءِ پڻ ڪافي ڏينهن کان سخت پريشان ۽ ذهني ڇڪتاڻ ۾ ورتل آهي.

هن انهيءَ سوال جي جواب جي حاصلات لاءِ پنهنجي ذهن کي ڪافي ڊوڙايو آهي. پر هن کي ڪو بہ مطمئن ڪندڙ جواب ملي نہ سگهيو آهي. ڪنهن پل هن کي خيال ايندو آهي تہ زندگي ڏکن ۽ سکن جو مجموعو آهي، تہ ڪنهن پل وري هن کي خيال ايندو آهي تہ زندگي رڳو دردن جو نانءُ آهي. ڪنهن پل وري هن کي خيال ايندو آهي تہ زندگي حسين خوابن جي تعبيرن ملڻ جو نانءُ آهي، تہ ڪنهن پل وري هن کي خيال ايندو آهي تہ زندگي دردن جي انبار کي مُرڪن جي غلاف ۾ ويڙهي ٿهڪن ڏيڻ جو نانءُ آهي. ڪنهن پل هن کي خيال ايندو آهي تہ

زندگي محبوب جي زلفن جي ڇانوَ ۾ گذرندڙ پلن جو نالو آهي، تہ ڪنهن پل وري هن کي خيال ايندو آهي تہ زندگي محبوب جي جدائين ۾ تڙپي تڙپي گهارڻ جو نالو آهي. غرض تہ هن جي ذهن ۾ ڪيئي خيال ايندا رهيا آهن، پر هي ڪنهن بہ خيال تي، ڪنهن بہ سوچ تي مطمئن ٿي نہ سگهيو آهي.

هي سوچي ٿو زندگي جي حل لاءِ هاڻ ٻين کان مدد وٺڻ گهرجي. انهيءَ ڏس ۾ هي گهران نڪري پوي ٿو.

سڀ کان پهرين هن جي نظر، هڪ پندرهن سالن جي ڇوڪري تي پوي ٿي، جيڪو فٽ پاٿ تي بوٽ پالش ڪري رهيو آهي. هي ان وٽ پهچي سلام ورائي ٿو ۽ پوءِ سڌو سنئون پنهنجي مقصد ڏانهن ايندي هن کان پڇي ٿو : ”زندگي تنهنجي نظر ۾ ڇا آهي؟“. موٽ ۾ هو هن کي چتائي ڏسي ٿو ۽ پوءِ هڪ اهڙي طنزيہ مُرڪ مُرڪي ٿو، ڄڻ هن کي زندگي کان لاتعداد شڪايتون هجن ۽ پوءِ هو چوي ٿو : ”زندگي صبح جو سوير اُٿي ٻين جي بوٽن کي چمڪائڻ جي بدلي ۾ ٻن وقتن جي ماني حاصل ڪرڻ ۽ ان آس تي زنده رهڻ تہ اسان جا ڏينهن بہ ڪڏهن بدلبا، جو نالو آهي“.

هي انهيءَ جواب تي ڪجهہ پل سوچي ٿو ۽ پوءِ مطمئن نہ ٿيندي اڳتي هلڻ لڳي ٿو. ڪجهہ اڳتي وڃي هي هڪ نابين پينو فقير کي الله جي نالو تي خيرات گهرڻ جي صدا هڻندي ڏسي ٿو. هي فقير وٽ پهچي کيسي مان روپئي جو نوٽ ڪڍي، فقير جي هٿ ترئ تي رکي ٿو ۽ پوءِ هن کان پڇي ٿو : ”چاچا! تنهنجي نظر ۾ زندگي ڇا آهي؟“. فقير چند ساعتن لاءِ خاموش ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ ٿڌو ساهہ ڀريندي چوڻ لڳي ٿو : ”پوپٽن، گلن، دريائن، شام جو پنهنجي پنهنجي ماڳن ڏانهن ورندڙ ڪونجن جي خوبصورت قطارن، سمندن، باغن ۽ قدرت جي ٻين مڙني خوبصورتين کي، پنهنجي اکين سان ڏسڻ ۽ انهن مان ڀرپور لطف حاصل ڪرڻ جو نالو ئي زندگي آهي“.

هي انهيءَ جواب تي اهڙي مُرڪ مُرڪي ٿــو، جيـڪـا هڪ ئي وقت ڪيـترين ئي ڪيـفيتن جو اظهـار ڪندي آهي. ۽ پوءِ هي اڳتي وڌڻ لڳي ٿو. ان ڪري جو هن کي فقير جو جواب بہ متاثر ڪري نہ سگهيو هو. اڳتي وڃي هن کي هڪ پينٽ شرٽ ۾ ٽيهن سالن جو نوجوان نظر اچي ٿو. هي انهيءَ وٽ پهچي، هڪ منٽ چئي نوجوان کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪري ٿــو ۽ پوءِ هن کــان پُڇي ٿــو : " اوهان جي نظر ۾ زندگي ڇا آهي؟" . نوجوان منهنَ ڪان ونئي پيرن تائين هن جو جائزو وٺي ٿو ۽ پوءِ هن کان پُڇي ٿو : " ڇا اوهين صحافي آهيو؟" . ائين ئي سمجهو. نوجوان چند سيـڪنڊن لاءِ خامـوش ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ چوڻ لڳي ٿـو : " هڪ عدد عاليشان بنگلي ۾ رهڻ، هر سال ڪار بدلائڻ، هر ٽئين چوٿين مهيني نئين گرل فرينڊ جو هجڻ ۽ هر ٻئي مهيني آمريڪا، بئنڪاڪ، سنگاپور ۽ ٻيـا ٻاهريان ملڪ گـهـمڻ ۽ اُتان خوب شـاپنگ ڪرڻ جو نـانءُ ئي زندگي آهي" .

هي انهيءَ جواب تي بہ مطمئن نہ ٿـو ٿـئي ۽ اڳتي وڌڻ لڳي ٿـو. اڳتي وڃي هي هڪ ماٺهوءَ کي سامهون ڪان ايندي ڏسي ٿو. ۽ جيڪا ڳالهہ هن کي ڏيان ڇڪائڻ جو سبب بنجي ٿي، اُها اِها هوندي آهي تہ هن جي هٿ ۾ ڪو ادبي ڪتـاب هوندو آهي. هو جڏهن هن جي ويجهـو پهـچي ٿو تہ هي هـن کي هـڪ منـٽ بيهـڻ لاءِ چونـدي، پڇي ٿو: "سـائين! اوهان ڇا ڪندا آهـيـو؟" . هو پيـرن کـان ونئي مـٿي تائين هن جو جائزو وٺندي چوي ٿـو : " مـان شاعـر آهيـان ۽ شاعـري ڪندو آهيـان" . ( هي معاشري جي هڪ سچاڻ فرد سان ملندي دل ئي دل ۾ خوش ٿئي ٿو ۽ هڪ اُميد جو ڪرڻو هن جي من مان ڦٽي نڪري ٿو. تہ هاڻ شايد هن کي زندگي بابت مطمئن ڪندڙ جواب ملي سگهي) هـي هن کان پُڇي ٿو : "سائين ! اوهان جي نظر ۾ زندگي ڇـا آهي؟" . شاعر ڪجهہ وقت سـوچن جي سـاگـر ۾ ٻڏي وڃي ٿـو ۽ پوءِ ڳنيـيـر ٿي چوڻ لڳي ٿـو : " زندگي هڪ ڪنوار آهي، جيـڪـا پنهـنجي گهوٽ "مـوت" جي انتظار

۾ آهي“.

هي انهي جواب تي بہ مطمئن نہ ٿو ٿئي ۽ اڪتي وڃڻ لڳي ٿو. هي زندگي متعلق مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ماڻهن سان ملندو رهي ٿو ۽ انهن کان زندگيءَ بابت پُڇا ڪندو رهي ٿو، ۽ مطمئن نہ ٿيندي اڪتي وڌندو رهي ٿو، وڌندو رهي ٿو. ايستائين جو شام ٿي وڃي ٿي ۽ هي زندگي جي جبل جي چوٽي فتح ڪرڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو.

هي جوا ۾ سڀ پيسا هارائيندڙ جواريءَ جيان ٿڪل قدمن سان فليٽ ڏانهن وري ٿو. فليٽ تي پهچي ٿڪاوٽ دور ڪرڻ لاءِ هي چانهہ ٺاهي ٿو. صوفا کي ٽيڪ ڏئي آرام سان ويهندي، چانهہ جي سِپ پيري ٽيپ چالو ٿو ڪري. ٽيپ جو آواز خاموشيءَ کي چيري ٿو ۽ زندگيءَ سان وابستہ غزل جا هي ٻول، هن جي ڪنن سان ٽڪرائجن ٿا:

تُو نهين تو زندگي ۾ اور ڪيا رهہ جائيگا
دُور تڪ تنهائيون ڪا سلسلہ رهہ جائيگا
درد ڪي ساري تهين اور ساري حادثي
سب ڌوان هوجائينگي اِڪ واقعہ رهہ جائيگا

هن کي مزو نہ ٿو اچي تہ ٽيپ جي فارورڊ ڪرڻ واري بٽڻ کي دٻائي ڇڏي ٿو. ڪيسٽ تيزيءَ سان اڪتي ٽيڻ لڳي ٿي. چند سيڪنڊن کان پوءِ هو وري پلي جي بٽڻ کي دٻائي ٿو. هن دفعي هي ٻول هن جي ڪنن تي پون ٿا:

يہ بتادي مجهي زندگي
پيار ڪي راهہ ڪي همسفر
ڪس طرح بن گئي اجنبي
ڦول ڪيون ساري مرجها گئي
ڪس لئي بُجهہ گئي چاندني
يہ بتادي مُجهي زندگي

هن کي مــزو نـ تــو اچي تہ ٽيپ بند ڪري ڇڏي ٿــو. هي سگريٽ دُکائي، صوفا کي ٽيڪ ڏئي، سگريٽ جا ڪش هڻندي، سوچي ٿــو تہ زندگيءَ متعلق مليل جوابن مان ڪهڙي جواب کي ڪنهن حد تائين قبــول ڪري سگهــجي ٿــو. هن جي ذهن تي پندرهن ســالن جي ڇوڪري جا لفظ تري اچن ٿــا. هي انهن تي سوچي ٿو. پر بوٽ پالش ڪندڙ انهيءَ ڇوڪري جي خيالن کي انڌي فقير جي خيالن تان رد ڪري ڇڏي ٿو. وري پينٽ شرٽ پاتل نوجوان ۽ شاعر جا خيال ذهن تي تري اچنس ٿا. هي انهن سيني جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪري ٿو ۽ ڪنهن بہ نتيجي تي نہ پهچندي صوفا تان اٿي ٿو ۽ ڪمري ۾ چڪر ڪاٽڻ لڳي ٿو. چڪــر ڪاٽيندي، ڪاٽيندي هڪ خيــال هن جي ذهن ۾ بجلي جيــان ڊوڙي وڃي ٿــو تہ زندگي متعلق هن کي مليل جوابن ۾ اڪثريت اهڙن جوابن جي آهي، جن ۾ پنهنجين خواهشن ۽ تمنائن جو اظهــار ڪيل آهي، ۽ پوءِ هي چاٽي وٺي ٿو تہ ”زندگي خواهش ۽ تمنائن جي ميڙ جو نالو آهي“. انهيءَ جواب تي هي مطمئن ٿي وڃي ٿو ۽ پاڻ کي صوفا تي اڇلي ڇڏي ٿو.

# درد جي دريا ۾ لڙهندڙ جيون

اج تقريبن ڏهن سالن جي عرصي کان پوءِ هوءَ هن کي ملي هئي. هي جڏهن هڪ ڪلاٿ هائوس ۾ اندر گهڙي رهيو هو تہ، هوءَ اتان شاپنگ ڪري اوڏي مهل نڪري رهي هئي. هڪ پل لاءِ ٻنهي جون نظرون مليون هيون ۽ ٻنهي هڪ سيڪنڊ ۾ هڪ ٻئي کي سڃاڻي ورتو هو.

ٻنهي جي زبان مان هڪ ئي وقت نڪتو هو : ”تون ........ ۽ هتي .......؟!“ ۽ پوءِ هن پاڻ سنڀاليندي جلديءَ ۾ دڪان اندر گهڙي وڃڻ چاهيو تہ، هُنَ هِن جا ارادا ڄاڻي وٺندي، تکڙ ۾ چيو هو: ”ڇا تون ڏهن سالن جي هيڏي ساري عرصي گذرڻ باوجود بہ مون سان ناراض آهين ۽ پنهنجا پنج منٺ بہ مون کي نہ ٿو ڏئي سگهين؟“ . هن جي لهجي ۾ بي انتها التجا هئي، جنهن کي هي رد ڪري نہ سگهيو هو ۽ ائين ٻئي هلندا اچي هڪ ڪيفي ۾ وينا هئا.

هنن ٻنهي جي مَن ۾ ڪيئي سوال هئا، ڪئي سوچون هيون، ڪئي خيال هئا، جيڪي وضاحتن جا گهرجائو هئا. پر هي ٻئي خاموش هئا ۽

چاهيندي بہ هڪ ٻئي کان ڪُجهہ پُڇڻ جي پاڻ ۾ سگهہ ساري نہ رهيا هئا. خاموشيءَ جو وقفو جڏهن ڪجهہ طويل ٿي ويو تہ هن، هن کان پُڇيو : " ڪيئن آهين سيما صاحبہ ؟".

هن جي من تي هن جي لفظن تيزاب جوڪم ڏنو. هو جيڪو هن کي نهايت پيار مان سيمي ڪري مخطاب ٿيندو هو، تنهن اڄ هن سان مخطاب ٿيندي، " سيما صاحبہ" چيو هو. ڪيڏو نہ دوريءِ وڇوٽيءَ جو احساس هو انهن لفظن " سيما صاحبہ " ۽ " سيمي" ۾.

هن پل ۾ هن جي ويجهو ويني هوندي بہ پاڻ کان ڏور ڏور ۽ الائي ڪيترو ڏور ڀاسندي چيو : " نيڪ آهيان ظفر!".

" ۽ خوش نہ ؟!".

" خوش ڪير آ، تون خوش آ؟."

هن جي جواب هن کي لاجواب ڪري ڇڏيو.

ڪجهہ پلن لاءِ وري خاموشي ڇانئجي وئي. هن دفعي خاموشي جي وقفي کي سيما ختم ڪندي ظفر کان پڇيو : " تون ٻُڌاءِ ڇا ڪندو آهين، ڪٿي رهندو آهين ۽ گهڻا ٻار اٿئي؟". هن وڏو ساهہ ڀريو، هڪ طنزيہ ۽ اداس مُرڪ مُرڪي ۽ چيو : " ڪجهہ بہ تہ نہ بدليو آهي، نہ اها نوڪري، نہ اهو گهر ۽ نہ وري منهنجي گهر جي تنهائي، بس بدلجي وئينءَ تہ وقت سان گڏ تون.............. صرف تون !".

" پر ظفر منهنجو بہ تہ انهيءَ ۾ ڪو ڏوهہ نہ هو. حالتن ئي مون کي زندگيءَ جي اهڙي بہ واٽي تي آڻي بيهاريو هو، جتي مون توکي ٿي اپنايو تہ ٽي زندگيون تباهہ ٿي ٿيون، ان ڪري مون پنهنجي زندگي جو بليدان ڏئي ٽن زندگين کي تباهہ ٿيڻ کان بچائي ورتو".

" ڄاڻان ٿو سڀ سيما!، پر....... پر منهنجو انهيءَ ۾ ڪهڙو ڏوهہ هئو ۽ هيڏي ساري سزا مون جو ڀوڳي ۽ اڃان تائين ڀوڳي رهيو آهيان؟ ڇو........... آخر ڇو؟".

"ظفر! ڪڏهن ڪڏهن اڻ ڪيل گناهن جي بہ سزا ڀوڳڻي پوندي آهي.

۾ انهيءَ کي قدرت جو ليک سمجهي قبول ڪرڻو پوندو آهي. سزا ته مون به ڀوڳي آهي، هيڏا سارا ڏهه سال تون سمجهين ٿو ته مون خوش ٿي گهاريا هوندا!؟ نه ظفر نه ....... منهنجي مڙس ۾ ساهرن کي پاڻ ۾ منهنجي تعلقاتن جي خبر پئجي وئي هئي، ان ڪري مون مارن کائڻ کان وٺندي، پل پل طعنن جي تيرن جا عذاب سٺا آهن. جيڪڏهن تون اڃان به مون کي ڏوهي ٿو سمجهين ته پوءِ پليز مون کي گهڻو ڏئي ماري ڇڏ". هن هن جا هٿ پنهنجي ڳلي ڏانهن آڻيندي چيو.

هن جي سموري ڪاوڙ ڪافور ٿي وئي ۽ هي سوچڻ لڳو ته ان ۾ سيما جو به ته ڪو ڏوهه ڪو نه هو. ڏهه سال اڳ جڏهن هن جيئڻ ۽ مرڻ جا وچن ڪيا هئا ته انهن تي هر موسم ۾ قائم ۽ دائم رهي هئي. پر پوءِ اوچتو وقت جي ڦيٽي اهڙو چڪر ڪاڏو ۽ حالتن هن کي اهڙي هنڌ اچي بيهاريو هو جتان هن کي ڇڏڻ کان سواءِ هن وٽ ٻي ڪا به راهه نه بچي هئي.

" آءُ توسان ملڻ تنهنجي گهر اچان؟". هن جي خيالن کي بريڪ ڏيندي سيما چيو.

" هر گز نه............. ڪڏهن به نه".

" پر ڇو؟".

" ان ڪري جو آئون پئي ڪنهن جي به امانت ۾ خيانت جو قائل نه آهيان. آئون اهو ڪڏهن به گوارا نه ڪندس ته شادي شده عورت جا واسطا مون سان به رهن".

" پر هاڻ ته آئون ڪنهن جي به امانت نه رهي آهيان، ٻه سال ٿيا آهن، منهنجي مڙس کي هڪ روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ فوت ٿئي، تڏهن کان آئون پنهنجي مائٽن وٽ پئي رهان".

" ڇا هاڻ به آئون توسان ملڻ نه اچان؟".

موت ۾ هي چپ رهيو ۽ چاهيندي به اهو چئي نه سگهيو ته ها بلڪل اچ. هڪ وار ته ڇا سو وار اچ، هزار وار اچ.

” ڪڏهن ڪڏهن انسان حالتن هٿان ايترو تہ مجبور ٿي پوندو آهي، جو هو پنهنجي من جون ڳالهيونِ زبان تي آڻي نہ سگهندو آهي ۽ جن سان پيار ڪندو آهي، جن کي دل جي اٿاهہ گهراين سان چاهيندو ۽ جن جون خوشيون توڙي غم پنهنجا پنهنجا لڳندا آهن، انهن کان ئي نظرون چورائڻ لڳندو آهي. ۽ انهن کي ويجهو اچڻ نہ ڏيندو آهي، ان ڪري جو ڪجهہ مجبوريون انهن آڏو هڪ مضبوط ديوار جي صورت ۾ اچي بيهنديون آهن“.

هن آڏو بہ مجبوريءَ جي هڪ مضبوط ديوار هئي، تنهنڪري هن نہ ٿي چاهيو تہ هيءَ هن سان ملي، ان ڪري بہ جو هن کي پڪ هئي تہ اها ٻهرين ملاقات پوءِ ٻي ملاقات جو ڪارڻ بنجندي، ٻي، ٽينءَ جو ۽ ائين آهستي آهستي پُراڻا سلسلا وري نئين سر بحال ٿي ويندا ۽ هن سان ڪو بہ سلسلو رکڻ نٿي چاهيو.

خاموشيءَ جو وقفو جڏهن ڪجهہ وڌيڪ طويل ٿي ويو ۽ هن کي پنهنجي سوال جو جواب نہ مليو تہ هن، هن کي ٻانهن کان وٺي لوڏيو ۽ پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪرائيندي چيو : ” ظفر! آئون روز ڪو نہ ايندي‌س، بس ڪڏهن ڪڏهن ايندي‌س......... ۽ مان جڏهن تنهنجي گهر اچان تہ تون مون سان ڀلي ڳالهائجانءِ بہ نہ. هڪ نظر ڪٽي مون ڏانهن ڏسجانءِ بہ نہ ۽ ويهڻ لاءِ بہ ڀلي نہ چئجانءِ. بس آءٌ هڪ نظر توکي ڏسي هلي وينديس............. ظفر ڇا منهنجو ايترو بہ حق ناهي؟....... ٻُڌاءِ نہ ايترو بہ حق ناهي؟“ . ڳالهائيندي ڳالهائيندي هن جو آواز ڳرو ٿي پيو هو، ۽ بہ لڙڪ هن جي نيڻن جو بند ڀڃي ڳلن تي لڪير ٺاهي ويا هئا.

تنهن دم هن جواندر ميڻ ٿي پيو هو، هن جا مضبوط ارادا ڪچي ڀتر جيان ڀُري پيا هئا ۽ هن کي مجبورن چوڻو پيو هو تہ : ” ڀلي اچجانءِ پر ڪڏهن ڪڏهن“.

رات پنهنجو ڪارو وڳو پهري ڇُڪي هئي، آسمان جي سيج تي تارا

جرڪي رهيا هئا. چئوطرف پري پري تائين سانت ئي سانت ڇانيل هئي، انهيءَ موت جهڙي ماڻار ۾ هي سيما سان ٿيل ملاقات بابت سوچي رهيو هو. هن سوچيو ته اهو ڪجهه نيڪ نه ٿيو، هر پهرين ملاقات ٻي ملاقات جو باعث بنجندي آهي. ٻي ٽئين جو، ٽين چوٿين جو ۽ ائين سلسلو اڳتي وڌندو رهندو آهي ۽ پوءِ وڌندو ئي ويندو آهي. ان ڪري هن نه ٿي چاهيو ته سيما سان هن جو ڪو به سلسلو هجي. پر هن جي وس ۾ به ته ڪجهه نه رهيو هو.

هن کي ياد اچڻ لڳا اُهي ڏينهن جڏهن هي ۽ سيما يونيورسٽي ۾ پڙهندا هئا. هي سوچڻ لڳو ڪيڏو نه سهانو وقت هو اهو جڏهن هي علامه آءِ آءِ قاضي جي مزار جي پير ۾ ويهي، ادب، فلسفي، شعر و شاعري، روز مره جي واقعن، سياست ۽ زندگي کان ويندي محبت تائين هر موضوع تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهائيندا رهندا هئا ۽ وقت گذرڻ جو هنن کي احساس ئي نه ٿيندو هو. هي فيض، بخاري، اياز، فرحت عباس شاهه، ساحر کان ويندي پروين شاڪر ۽ فراز تائين ٻين ڪيترن ئي شاعرن جي شاعري هن کي ٻُڌائيندو رهندو هو ۽ هوءَ نهايت چاهه سان ٻڌندي رهندي هئي. نه صرف اهو بلڪه هو هڪ ٻئي جا برٿ ڊي به ملهائيندا هئا ۽ هڪ ٻئي کي تحفا ڏيندا هئا. اڄ به هن جا ڏنل سڀئي تحفا هڪ پين، هڪ ڊائري، هڪ گهڙي، هڪ سينٽ جي شيشي، امر جليل، مظهر اسلام ۽ فراز جا ڪتاب هن وٽ محفوظ پيا آهن. ۽ هن کي دنيا جي هر شيءَ کان وڌيڪ عزيز آهن، بلڪه هن کي پنهنجي زندگي کان به وڌيڪ عزيز آهن.

هن ڪجهه به ته نه وساريو هو. نه هن سان گڏجي يونيورسٽي ۾ گهمڻ، نه پارڪن ۾ ويهي سموسا کائڻ ۽ جوس پيئڻ، نه حيدرآباد جي بوڪ اسٽالن تان ڪتاب خريد ڪرڻ، نه ريشم گهٽيءَ مان شاپنگ ڪرڻ، نه ننڍين ننڍين ڳالهين تي خوش ٿي کِلڻ ۽ هڪ ٻئي کان ڪجهه دير لاءِ رُسي وري جلدي پرچي پوڻ ئي ڪو هن وساريو هو. ۽

اڄ وقت جي ستم ظريفيءَ سبب هي خود ئي انهيءَ هستيءَ کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.
ٻئي ڏينهن صبح جو هوءَ هن وٽ آئي هئي. هن پاڻ کي روڪڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي هئي ته، اڳتي نه وڌي ۽ نه هن کي اڳتي وڌڻ ڏئي، پر هي پنهنجي من تي جبر ڪري نه سگهيو. ايئن ٻئي ڪيتري ئي دير تائين ماضي کي ياد ڪري خوش ٿيندا رهيا هئا ۽ انهيءَ موڙ تي اچي جتي ٻنهي ۾ جدائي ٿي هئي ( ٿيو ائين هو ته سيما جون ٻه ڀيٽون جت ڏنل هيون اهي ٿيون سڱ سيما جو ڳهري رهيا هئا ۽ سڱ نه ڏيڻ جي صورت ۾ ٻنهي ڀيڻن کي طلاق جي ڌمڪي ڏئي رهيا هئا. حالانڪ سيما جي هڪ پاءُ کي هن جي ڀيڻ به ڏنل هئي. پر پوءِ به هو پنهنجي ڀيڻ جي زندگي داءُ تي لڳائيندي طلاق جي ڌمڪي ڏئي رهيا هئا. ان ڪري جي زندگي داءُ تي لڳائيندي طلاق جي ڌمڪي ڏئي رهيا هئا. ان ڪري سيما نٿي چاهيو ته هن هڪ جي زندگيءَ جي ڪري ٻي ٻيون زندگيون تباهه ٿي وڃن. انهيءَ ڪري هن پنهنجين سمورين آشائن جو انت آڻي، پنهنجي زندگيءَ کي قرباني جي سوليءَ تي ٽنگي ڇڏيو هو. ) کي ياد ڪري ڪيتري ئي دير تائين روئيندا رهيا هئا.

هن جي ملاقاتن جو سلسلو هاڻ ڇگو خاصو ڊگهو ٿي ويو هو. تڪلف ۽ جهجهڪ جون سموريون ڀتيون ڊهي وڃي پٽ پيون هيون ۽ اڳي جيان هي ٻئي هر مسئلي ۽ هر موضوع تي کُلي ڳالهائڻ لڳا هئا.

اهو جمع جو ڏينهن هو. هي ٻئي دريا ڪپ تي ڪيتري دير کان خاموش ويٺا هئا.

انهيءَ خاموشيءَ جي ديوار ۾ ڏار وجهندي سيما چيو : ” ظفر! هڪ ڳالهه آئون ڪيترن ڏينهن کان توکي چوڻ پئي چاهيان، پر پاڻ ۾ چوڻ جو ست به نه پئي ساريان“.

يڪدم ظفر جي چهري تي خوف ۽ سنجيدگيءَ جا پاڇا لهرائي ويا، پر پوءِ به هن پاڻ کي آٿت ڏيندي سوچيو، ضروري ڪونهي جيڪو

آئون سوچي رهيو آهيان، هوءَ بہ اهوئي ڪجهہ چوڻ چاهيندي هجي ۽ پوءِ چيو : ” سيما تون چئہ آئون سڀ ڪجهہ ٻڌڻ لاءِ تيار آهيان“.

” ظفر!.............ظفر!.........“.

” ها ها چئہ “.

” آئون توسان.......... توسان شادي ڪرڻ چاهيان ٿي“.

سيما جا اهي لفظ هن لاءِ ڪنهن بم ڌماڪي کان گهٽ نہ هئا. هن جو شڪ صحيح نڪتو هو، هن جنهن سبب جي ڪري سيما سان واسطا وڌائڻ نہ ٿي چاهيا، آخرڪار وري بہ اهوئي ڪجهہ ٿي ويو.

هي درد جي صليب تي ٽنگجي پيو ۽ هن ڪي چپ لڳي وئي.

” ٻڌاءِ نہ ظفر! آئون توسان شادي ڪرڻ چاهيان ٿي، تنهنجو انهيءَ باري ۾ ڇا خيال آهي؟“.

ظفر پنهنجون سموريون همتون ڪٺي ڪيون ۽ پنهنجي لهجي کي انتهائي خشڪ بنائيندي چيو : ” پر آئون توسان شادي ڪرڻ نہ ٿو چاهيان“.

سيما جي چهري تي يڪدم حيرانگي ڇائنجي وئي. ڇڻ هن ڪي انهيءَ جواب جي ذري برابر بہ توقع نہ هئي.

” پر ڇو؟“.

” بس منهنجو فيصلو آهي“.

ڪئي پل خاموشيءَ جي نظر ٿي ويا، ۽ پوءِ سيما هڪ وڏو ساهہ ڀريندي نهايت ڳنڀير ٿي چيو : ” ڇا تون ٻئي هنڌ ڪٿي شادي ڪرڻ جو خواهشمند آهين؟“.

”نہ“.

سيما جو من درد جي شدت کان ڀرجي آيو ۽ هن هڪ ٻئي انديشي جي خوف کان چيو : ” ڀلا ڪٿي ائين تہ ناهي تہ ڏهہ سال اڳ، مون توسان ڪورٽ ميرج ڪرڻ کان جيڪو انڪار ڪيو هو، انهيءَ جو بدلو اڄ تون انڪار جي صورت ۾ وٺي رهيو آهين؟“.

” نہ ائين بہ ڪونهي“.

" تہ پوءِ ڇاهي؟".

سيما جي ضبط جا سمورا بند ڀڄي پيا هئا. هن سسڪندي ظفر جي گلي مان وني دوڏاڙيندي چيو : "تہ پوءِ ڇو نہ تو ڪرڻ چاهين تون مون سان شادي؟".

"مون توکي عبادت جي حد تائين چاهيو آهي، انن ڏهن سالن جي عرصي ۾ اهڙو ڪو ڏينهن ناهي گذريو جومون توکي دل جي اٿاهہ گهراين سان ساريو نہ هجي ۽ اڄ.......اڄ جڏهن تقدير اسان کي هڪ ٿيڻ جو موقعو فراهم ڪري رهي آهي تہ تون انهيءَ کي بہ هٿ سان وڃائي رهيو آهين ؟!.

امتحان جي اها گهڙي پهچي چڪي هئي، جنهن کان هن هيل تائين ڀڄڻ چاهيو هو. پر هاڻ هن جي ڀڄڻ جا سڀ چارا بند ٿي ويا هئا ۽ درد جي اها گهڙي پڄي چڪي هئي، جنهن ۾ پاڻ بابت هن کي ٻڌائڻو هو.

هن پنهنجون سموريون همٿون ڪٺي ڪيون ۽ چيو : " تون ٻڌڻ چاهين ٿي نہ تہ آئون توسان شادي ڪرڻ ڇو نہ ٿو چاهيان. تہ ٻڌ، ان جو سبب اهو آهي تہ .......... اهو آهي تہ مون کي بلڊ ڪئنسر آهي ۽ آئون ٿوري عرصي جو مهمان آهيان".

ظفر جا لفظ هن جي ذهن تي هٿوڙن جيان وسيا. هوءَ سوچن جي ساگر ۾ لڙهي وئي. لڙڪ سندس اختيار جا سمورا بند ٽوڙي ڇڙواڳيءَ سان وهڻ لڳا. هڪ ڏکهي مانُ سندن جسمن ۽ ذهن کي ڏنگڻ لڳي.

چند پلن جي خاموشيءَ کان پوءِ پاڻ سنڀاليندي سيما ڳوڙها اگهيا ۽ ظفر کي چيو : "ظفر! ايڏي پيڙا، ايڏي پوڙنا توکي اڪيلي سر ڀوڳڻ جڳائي ٿي؟، هنن تمام حالتن جي ذميوار مان بہ تہ هئس، پوءِ سزا تو اڪيلي سر ڇو ڪاٽي؟".

وري ڪجهہ دير لاءِ ٻئي سانت جي حوالي ٿي وڃن ٿا.

ظفر مات کي ٽوڙيندي چيو : "سيما! صرف ان لاءِ تہ تون ڏکي نہ ٿين".

"مان سُکي ڪڏهن هيس؟". سيما احتجاجي لهجي ۾ چيو.
"ظفر!"
"هُون..
"مان پوءِ بہ توسان شادي ڪرڻ چاهيان ٿي." سيما پنهنجو آخري فيصلو ٻڌائيندي چيو.
"نہ سيما! اهو پاڳل پڻو ڇڏي ڏي، ميلاپ هينئر اسان جي پهچ کان پري ٿي چڪو آهي. ۽ اهو گهٽ آهي ڇا؟ باقي زندگي مطمئن ٿي گذارڻ لاءِ، تہ اسان ٻنهي هڪ ٻئي کي روح جي گهراين سان چاهيو آهي. تون وڏيڪ ڏکي ٿين اهو آءٌ گوارا نہ ڪندس".
"نہ ظفر نہ ! هاڻ تنهنجي هڪ بہ نہ هلندي، مون فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ جيئڻو آهي تہ توسان. پوءِ ڀلي جيون وفا ڪري يا نہ".
"اهو ناممڪن آهي سيما!".
"ناممڪن ڪُجهہ بہ ناهي". سيما وري روئڻ ۾ لڳي وئي.
ڪجهہ دير کان پوءِ ظفر چيو : "چڱو تون اٿي تہ هلون، مان توکي تنهنجي گهر ڇڏي اچان ۽ تون آرام سان سوچي سمجهي پوءِ پنهنجي فيصلي کان آگاهہ ڪجانءِ".
سيما وراڻيو: "مون سوچي ڇڏيو آهي. دماغ جي فيصلن ايتري اذيت ڏني اٿم جو هاڻ هر فيصلو دل جي راءِ سان ڪندي آهيان".
"چڱو هاڻ اٿ تہ هلون. انهيءَ مسئلي کي سياڻي ڪو نتيجو ڏينداسين". ظفر هن کي ٿاريندي چيو.
صبح جو سوير نوڪرياڻي سيما کي ننڊ مان اٿاري هڪ خط ڏنو. هوءَ خط کولي پڙهڻ لڳي ٿي:
ان کان اڳ،
جو درياءُ اُجاري وٺ
هلي اچي ۽
اُجارو بي ادب ٿي پئي.

ءَ ان کان اڳ
جو مان خود غرض ٿي پوان ۽
دردن جي آڙاهہ ۾ توکي،
اڇلي ڇڏيان.
آءٌ توکي الوداع ٿو چوان.
الوداع!
الوداع! اي سيما! الوداع!
الوداع! اي شهر الوداع!
الوداع! اي زندگي الوداع!
الوداع! الوداع! الوداع!...........!

# وِچائجي ويل شهر جي گولا ۾ نڪتل شخص

بس اسٽاپ تي تمام گهڻي رش هئي. بسن، وينن، رڪشائن ۽ پين موٽرڪارن جا آواز ۽ مختلف هارن ڪنن جا پڙدا ڦاڙي رهيا هئا. چئو طرف ماڻهن جي اچ وڃ لڳي پئي هئي. ڪي پنهنجن دوستن، عزيزن کي See Off ڪرڻ آيا هئا ته ڪي وري پنهنجن دوستن عزيزن کي Receive ڪرڻ. ڪي شوقيه ماڻهو وري جن ۾ نوجوان، پڪا توڙي پوڙها شامل هئا، اُهي وري پنهنجي نيڻن جي اُڃ اُجهائڻ لاءِ آيا هئا. بسن ۽ وينن جي پاسن ۾ بيٺل ريڙهن وارا پنهنجين پنهنجين شين جي فروخت لاءِ زور زور سان هوڪا ڏئي رهيا هئا. غرض ته افراتفري جهڙو عالم لڳو پيو هو. اهڙي افراتفري جي ماحول ۾ هو مون کي پري کان ئي اجنبي لڳو. هو چئوطرف ائين نهاري رهيو هو ڄڻ غلط اسٽاپ تي لهي پيو هجي. ويجهو وڃي پڇيو مانس :" ڀائو ڪير

آهين ۽ هتي ڇا ڪري رهيو آهين؟".

ٽڪ ٻڌي مون کي نهارڻ لڳو ڄڻ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندو هجي، ۽ پوءِ چيائين :" اهو شهر ئي ناهي رهيو، جيڪو منهنجي سڃاڻپ هيو، شـهر جي وچائجي وڃڻ کان پوءِ منهنجي ڪا بہ سڃاڻپ ناهي رهي ۽ هتي آءٌ پنهنجو شهر ڳولي رهيو آهيان".

پڇيومانس :" پوءِ توکي مليو پنهنجو شهر؟".

چيائين : "اڃا تائين تہ نہ مليو آهي".

پڇيومانس : "ڀلا تنهنجو اهو شهر ڪيئن هو؟".

چيائين : "منهنجو شهر بيحد خوبصورت هو. ٻارن جي مرڪن وانگر ۽ محبوب جي دل لڀائيندڙ ادائن وانگر. منهنجي شهر جا ماڻهو ڦڏي فساد کان لهرائيندا هئا ۽ اُتي مڪمل امن امان هو ۽ منهنجي شهر ۾ ڪائنات جي هر خوشي موجود هئي".

پڇيومانس : "ڀلا تنهنجي شهر جا ماڻهو هڪٻئي سان ڪيئن پيش ايندا هئا؟".

چيائين : "منهنجي شهر جا ماڻهو هڪ ٻئي سان نهايت پنهنجائپ منجهان پيش ايندا هئا. ۽ هو هڪٻئي جو ايڏو خيال رکندا هئا، جيترو هاري پنهنجي ٻنيءَ جو رکندو آهي، عاشق پنهنجي محبوب جو رکندو آهي، ماءُ پنهنجي اولاد جو رکندي آهي ۽ هڪ وني جيترو پنهنجي "ور" جو خيال رکندي آهي".

مون کي هي ماڻهو ڏاڍو دلچسپ لڳي رهيو هو.

هن جون ڳالهيون بہ ڏاڍيون موهيندڙ هيون. ان ڪري مون هن کي هٿ مان ونندي چيو : "اڄ تہ توکي چانهہ پياريان". موٽ ۾ هِن ڪا بہ مزاحمت نہ ڏيکاري ۽ اسين هلندا اچي هڪ هوٽل تي ويناسين.

چانهہ جو آرڊر ڏيندي، گفتگو جي ڪڙي کي مون ٻيهر اتان کان ملائيندي هن کان پڇيو : "تنهنجي شهر جا ماڻهو مسافرن سان ڪيئن پيش ايندا هئا؟".

چيائين : منهنجي شهر جا ماڻهو مسافرن سان ائين پيش ايندا هئا، ڄڻ هو پنهنجي ئي شهر جي ماڻهن سان ملي رهيا هجن. هو مسافرن کان سندن شهر متعلق پڇندا هئا، اتان جي رهڻي ڪهڻي، اٿڻي ويهڻي متعلق پڇندا هئا. ۽ هو مسافرن سان ايترو ته پنهنجائپ منجهان پيش ايندا هئا، جو موڪلائڻ وقت مسافرن جا نيڻ ٻرجي ايندا هئا".

حيران ٿيندي ڇيومانس : "ڇا واقعي تنهنجي شهر ۾ ايترو پيار هو؟".

ٽيبل تان چانهه جو ڪپ کڻي سپ ڀريندي چيائين : "تمام گهڻو، ايترو جيترو ڪير ڌرتي سان ڪندو آهي، ايترو جيترو ڪير پنهنجي بزرگن سان ڪندو آهي ۽ ايترو جيترو ڪير پنهنجي اولاد سان پيار ڪندو آهي".

پڇيومانس: "تنهنجي شهر جي خاص سڃاڻپ ڪهڙي هُئي؟".

چيائين :"منهنجي شهر جي خاص سڃاڻپ اها هئي ته اتي ڪير به ڪنهن سان حسد نه ڪندو هو، نفرت ۽ دشمني جو ته اُتي نالو نشان ئي ڪو نه هو، ڪوڙ ڇا ٿيندو آهي؟، منهنجي شهر جا ماڻهو ان کان واقف ئي نه هئا، اتي هر ڪنهن جي جذبن جو احترام ڪيو ويندو هو ۽ هڪ ٻئي جي خواهشن جو تمام گهڻو خيال رکيو ويندو هو".

پڇيومانس: "تنهنجي شهر جا ماڻهو ادب ۽ شعر و شاعري سان به لڳاءُ رکندا هئا؟".

چيائين : "تمام گهڻو".

پڇيومانس: "ڀلا هو ڪنهن کي گهڻو پڙهندا هئا؟".

پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍي دکايائين ۽ سگريٽ جو وڏو ڪش هڻندي چيائين : "منهنجي شهر جا ماڻهو ڀٽائي، غالب، بلها شاهه، وارث شاهه کان ويندي سچل ۽ سامي تائين سيني کي هڪ جيتري انس سان پڙهندا هئا".

پڇيومانس: "تنهنجي شهر جا ماڻهو ۽ ثقافت کاتو به ڇا بيمار ادين، سگهڙن ۽ فنڪارن جي پرگهور نه لهندو هو ۽ اُهي به استاد بخاري ۽

واجد جيان بيماري جي بستري تي چڙي چڙي دم ڏيندا هئا؟".
چيائن : "بلڪل نہ. منهنجي شهر جا ماڻهو ۽ ثقافت ڪاتو بيمار ادين، شاعرن ۽ فنڪارن جي باقائدي پرگهور لهندو هو. منهنجي شهر جي ماڻهن ڪي ادين، شاعرن ۽ فنڪارن سان تمام گهڻو پيار هو. هو ادين، شاعرن ۽ فنڪارن ڪي قومي سرمايو سمجهندا هئا. تنهن ڪري انهن جو علاج تيستائين جاري رهندو هو، جيستائين هو بلڪل نيڪ ناڪ نہ ٿي ويندا هئا".
پڇيومانس : "تنهنجي شهر جي ماڻهن ڪي ثقافت ۽ تاريخي ورثي سان ڪيترو پيار هو؟".
چيائين:" منهنجي شهر جي ماڻهن ڪي ثقافت ۽ تاريخي ورثي سان تمام گهڻو پيار هو. هو پنهنجو لباس پائي فخر محسوس ڪندا هئا. هو تاريخي ورثي ڪي بچائڻ لاءِ حڪومت سان سهڪار ڪندا هئا ۽ هنن ڪي پنهنجين ثقافتي شين ۽ تاريخي ماڳن سان بي انتها پيار هو".
پڇيومانس: " ڇا تنهنجي شهر ۾ بہ ڀڳل ٽٽل روڊ هئا. ناڪاره ڊرينج سسٽم هو. پيئڻ جي پاڻي جي کوٽي هئي، نوجوان نوڪرين لاءِ در در ڌڪا کائيندا وتندا هئا. رشوت ۽ چور بازار گرم هئي. تعليم مهانگي ۽ صحت گهرن ۾ دوائون اڻ لڀ هيون ۽ سياسي پارٽيون ڀهرين وڏن وڏن ڪمن ڪرڻ جون دعوائون ڪري ۽ پوءِ جڏهن اقتدار ۾ ايندڙيون هيون تہ عوام ڪي وساري ڇڏينديون هيون؟".
حيران ٿيندي چيائين : "بلڪل نہ. منهنجي شهر ۾ ڀڳل ٽٽل روڊ نہ بلڪہ پڪا ۽ ڪشاده رستا هئا. ڊرينج سسٽم انتهائي پائيدار هو. پيئڻ جي پاڻي جي کوٽي جو تہ سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. نوجوان سڀ روزگار سان لڳل هئا. رشوت ۽ چور بازاري جو تہ نالو ۽ نشان ئي ڪو نہ هو. صحت ۽ تعليم مفت هئي ۽ سياسي پارٽيون جيڪي بہ دعوائون ڪنديون هيون تہ اهي اقتدار ۾ اچي پوريون بہ ضرور ڪنديون هيون".
پڇيومانس." ڇا تنهنجي شهر ۾ بہ عورت ڪي ڪاري ڪري ماريو

ويندو هو؟."

چيائين:" منهنجي شهر ۾ عورت کي ڪاري ڪري مارڻ جو تہ سوال ئي پيدا نہ ٿي ٿيو، ڇاڪاڻ جو منهنجي شهر ۾ عورت کي بہ مرد جيتري ئي حيثيت حاصل هئي، عورت مرد سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي ڪم ڪندي هئي. ٻيو تہ منهنجو شهر علم جي روشني سان مالا مال هو".

پڇيومانس: "پلا تنهنجي شهر ۾ بہ وڏيرا هارين کي پنهنجي خانگي جيلن ۾ قيد ڪري رکندا هئا ۽ انهن تي هر طرح جو ظلم ڪندا هئا؟".

چيائين : " بلڪل نہ. منهنجي شهر ۾ تہ جو ڪيڙي سو ڪائي جو نظام هو. اُتي ڪير بہ وڏيرو ۽ هاري نہ هو ۽ اتي سڀ پاڻ ۾ برابر هئا".

پڇيومانس: "ڇا تنهنجي شهر ۾ بہ غنڊہ گردي، دهشتگردي ۽ ڌاڙيلن جون ڦهري ڪاروايون ٿينديون هيون ۽ ڇا تنهنجي شهر جا ماڻهو بہ خوف واري فضا ۾ ساهہ کڻندا هئا؟".

چيائين :" بلڪل نہ. توکي ٻهرين بہ ٻڌائي آيو آهيان تہ منهنجي شهر ۾ بلڪل امن امان هو ۽ منهنجي شهر جا ماڻهو سک، امن ۽ شانتي سان رهندا هئا".

پڇيومانس: " مسئلا حل نہ ڪرڻ جي صورت ۾ بہ ڇا تنهنجي شهر جي حڪومت ڪرسي کي چنبڙي پئي هوندي هئي؟".

چيائين : "بلڪل نہ. مسئلا حل نہ ڪرڻ جي صورت ۾ منهنجي شهر جي حڪومت استعيفيٰ ڏئي ڇڏيندي هئي".

حيران ٿيندي پڇيومانس: " ڇا واقعي تنهنجي شهر ۾ ائين ٿيندو هو؟".

مُرڪندي چيائين : " ها واقعي منهنجي شهر ۾ ائين ٿيندو هو".

پڇيومانس: " پلا تنهنجو اهو شهر ڪٿي هو ۽ توکان ڪيئن گم ٿي ويو؟".

موت ۾ ڏاڍو اُداس ٿي پيو. من ۾ محشر برپا ٿي ويس. بي چيني وڌ ويڙهيءَ جيان وڪوڙڻ لڳس، ڏاڍو اتاولو ٿي پيو. ڳالهائڻ لاءِ چپ کوليائين تہ آواز ڳرو ٿي پيس. ضبط ڪندي ڀريل آواز سان الائي ڪيئن

چئي سگهيو تہ :” منهنجو اهو شهر هن جي نيٽن ۾ هو. هن جي نيٽن ۾ مون ڪائنات جا سمورا رنگ ڏٺا هئا. اوچتو هن جي گم ٿي وڃڻ تي مون کان منهنجو شهر بہ وڇائجي ويو آهي. تڏهن کان آئون پنهنجو وڃايل شهر ڳولي رهيو آهيان“.

هو تيزيءَ سان ڪرسي تان اٿيو ۽ تڪڙا تڪڙا قدم کڻندي، مون کي حيران ۽ پريشان ڇڏي هوٽل مان نڪري ويو.

# مـــور

هي دروازو کڙڪائي ٿو. پر موٽ ۾ ڪو بہ جواب نٿو مليس.
چند ساعتن بعد ٻيهر زور سان دروازو کڙڪائي ٿو.
" ڪير؟ ". هن دفعي اندران خوفزده آواز ۾ جواب مليس ٿو.
"مان آهيان انور".
" اڇا تہ تون آهين انور! ". شهزاد دروازو کوليندي چوي ٿو. هي جيئن ئي اندر گهڙي ٿو تہ شهزاد چويس ٿو :" هانءُ ڦاڙيو هُئي، اسان سمجهيو پوليس اچي وئي آهي".
" ڇو ڪو شڪار ڦاسايو اٿوَ ڇا؟". انور مُرڪندي چوي ٿو.
"شڪار بہ ڪو شڪار، ڏسندين تہ وات گودو ٿي ويندئي".
" ڇو ڪا آسماني مخلوق آ ڇا؟! ". انور مذاق ڪندي چويس ٿو.
" آسماني مخلوق بہ هن کي ڏسي تہ شرم ۾ پاڻي پاڻي ٿي وڃي".
شهزاد هن جي تعريف ڪندي چوي ٿو.
" خير تون ٻڌاءِ جاويد ڪٿي آ؟". انور هن کان پُڇي ٿو.

" يار! هاٺي ايترو اصرار ٿا ڪيو تہ وڃان ٿو ڪمري ۾ ڏسان ٿو تہ کهڙا ڦاڙها ماريا اٿوَ". هي ڪمري ڏانهن وڪون کڻندي ڪي چوي ٿو. ٻويان شهزاد چويس ٿو : " اڙي شيءِ ڏسندين تہ عمر ڀر دعائون ڪندين".

هي ڪمري ۾ گهڙڻ وقت سوچي ٿو، جي واقعي ايترو سهڻو هوندو تہ ڀهرين چاتو ڪندومانس، ان بعد ڏڪ ڪندومانس.

ڪمري ۾ گهڙيو تہ بيڊ تي ڇوري کي ٻانهون ڪاڍي تي ڏئي اونڌو سنتل ڏٺائين. سندس ماسيرو ٻولهہ ڏسي، سڄي بدن ۾ برقي لهرون ڊوڙي ويس. ٿورو اڳتي وڌيو تہ کڙڪي تي ڇوري اُتي ئي ستي ڪنڌ ڦيرائي هن ڏانهن نهاريو.

هن جا تاڪ لڳي ويا. مٿو گهوماٽيون ڪائڻ لڳس، سن ٿي ويو ۽ حيرتن جا پهاڙ ڪري پيس. يقين ئي نٿي آيس تہ ڪو ائين بہ ٿي سگهي ٿو. ان ڪري جو بيڊ تي ستل ڇوڪرو ٻيو ڪو نہ پر هن جو ننڍو ڀاءُ مظهر هو.

# سيلز مين جو هڪ ڏينهن

منجهند جو هڪ ٿي رهيو هو. گرمي پنهنجي
جوڀن تي هئي. ائين پئي لڳو ڄڻ ڀڪي مـــان هوا ڇڏائي وئي هئي. فل
اسپيڊ تي هلندڙ پکو جسم مان ڳڙندڙ پگهر کي سڪائڻ ۾ ناڪام
وڃي رهيو هو. بازار ۾ اڳ جهڙي رونق هاڻ نہ رهي هئي. ايڪڙ ٻيڪڙ
ماڻهو اچي ۽ وڃي رهيا هئا. گرميءَ ماڻهن کي گهرن ۾ رهڻ تي مجبور
ڪري ڇڏيو هو.

صـــبح کـــان هن ٻوهڻي نہ ڪئي هئي. اڄ صـــبح ســـاڻ ئي هن کي چندا
گراهڪ لڳا هئا.

اڃان هن دڪان مس کوليو هو ۽ صفائي لاءِ تياري ئي ورتائين تہ هڪ
پَتڪي سان جهونو شخص، جنهن سان 12 کان 14 سالن جو ڇوڪر
گڏ هو، دڪان تي چڙهي آيا هئا.

هن کنگهڪار ڪري گلو صاف ڪيو هو ۽ پنهنجي مخصوص ٻوليءَ ۾

پوڙهو اٿي بيهي رهيو.
"چاچا ويهه تہ سهي".
" ابا چا ويهان، وٺي ايڏو ٽيو ڏنو اٿئي!".
"هلڪي واري شي تي بيهين ڪو نہ ٿو. سُٺي شيءِ تہ ضرور سنا پئسا ڪائيندي نہ. هي چمڙي جي شي اٿئي، ٻارهين مهيني بہ چمڙو نہ نڪري تہ واپس ڪري وڃجانءِ چاچا!".
"ابا آهي تہ برابر چمڙو، پر بها تہ مناسب لڳاءِ".
هو وڃڻ لاءِ مڙيو هو تہ هن ٻانهن مان وٺي روڪيندي چيو هوس : "چاچا! تون اسان جي چوڻ سان تہ پئسا ڪونہ ڏيندين نہ، تون ٻڌاءِ گهٽا ڏيندين؟ اسان کي جي پنج روپيا بچيا ۽ سمجهہ ۾ آيو تہ ٺيڪ آ، نہ تہ تنهنجا پئسا تو وٽ هوندا ۽ اسان جي شي اسان وٽ هوندي".
" ابا! اَسي 80 روپيا ڏيندوسانءِ". سمجهہ ۾ اچئي تہ بسم الله ڪر".
" نہ چاچا! ايتري جو تہ خريد ئي ڪونهي. تون حق نہ ڪر نہ اسان جو".
همراهہ روپيو بہ مٿي نہ چڙهيو ۽ دڪان تان لهي ويو هو.
هي چپن ۾ پٽڪيو هو : " 100 تائين اچي ها تہ بہ ڏئي ڇڏيانس ها".
ان بعد هڪ ٻيو پوڙهو دڪان تي چڙهي آيو هوس.
" ابا! بوٽ تہ ڏيکار".
" کهي سان هجي يا بغير کهي جي چاچا!".
" بغير کهي جي ڏيکار".
" پير ڪڍ".
هن پير ڪڍي ڏيکاريو هوس. ۽ هي 7 نمبر جا گر ( بغير کهي جي فل ) لاهڻ لڳو هو. پوڙهي هڪ گر پائي ڏنو هو ۽ هن کي چيائين : " هن جو ڳالهاءِ".
" 350 روپيا".
" گهٽا آهن".
" 330 دجانءِ".

"اڇا وڏيڪ ٿو ٻڌائين".
" پوءِ تون ٻڌاءِ گهڻا ڏيندين؟".
" مان ڪندو سانءِ ڳالهه هڪڙي".
" اها تہ تمام سٺي ڳالهه آهي".
" 200 روپيا ڏيندوسانءِ".
" چاچا! هاڻي چوانءِ ويهي تہ پنج نہ ڏي، ڏهہ نہ ڏي تہ سٺو نہ ٿو لڳي. بس تون 250 روپيا ڏجانءِ".
"200 وٺين تہ بسم الله ڪر".
هن دل ۾ سوچيو هو تہ پهرئين گراهڪ کان نہ ڪمايم تہ خير آ، ٻوهڻي تہ ڪيان پوءِ ڏنو ويندو.
"ڏي چاچا هاڻي، صبح جو ٽيم آ. گهل ڪو نہ ٿا ڪيون. تومان نہ ڪمايوسين تہ خير آ".
هن بوٽن جو جوڙو پيڪ ڪري شاپنگ بيگ ۾ وجهي پوڙهي کي ڏنو.
"ابا! ڪولينس تہ صحيح چڱي طرح پائي تہ ڏسان".
پوڙهي پيهر بوٽ پائي ڏنو ۽ هن کي چيائين : " سوڙهو آ".
هن 8 نمبر جو ڳم لاهي ڏنس ۽ چيائين : "جي اهو سوڙهو آ تہ پوءِ هي 8 نمبر ڪٽي وڃو".
پوڙهو شر ٿي ويو : "آءُ اهو ڇو وٺان".
" تہ پوءِ هي ڪٽي پاءِ. پائڻ کان پوءِ کُلي ويندو".
" نہ هي سوڙهو آ".
" تہ پوءِهن کان وڏو نمبر ڪٽي وڃ نہ".
" اهو ڇو ڪٽان؟!""
دل ۾ سوچيو هئائين : "عجيب بيوقوف پوڙهو آ".
"چاچا! ونٿو ڪو نہ اٿئي ڇا ڀلا؟".
" ها. ها. ناهي ونٿو" ۽ پوڙهو دڪان تان لهي ويو هو.
ان بعد هڪ وڳي تائين ٽي چار ٻيا گراهڪ لڙي آيا هوس پر سڀ ڪڙو

( نہ وِنڻ وارا) هئا. هن سوچيو : ” لڳي ٿو، اڄ چنڊن گراهڪن جي ڪا بس ڀرجي آئي آهي“.

ڏيڍ ڏاري سيٺ جي گهران ماني آئي.

هن ماني کاڌي. ٻاني کائڻ کان پوءِ چانهہ گهرائي پيتائين، پہ ٿي منٺ دم پٽيائين. ان بعد ٻاهر اسٽول تي ويهي گراهڪ ڦاسائڻ ۾ لڳي ويو.

جنهن بہ ماڻهو سندس دڪان يا شوڪيس ڏانهن ٿي نهاريون تہ هن تڪڙ ۾ ٿي کائنن پڇيو : ” ها ادا، ها ڀائو، آ دوست، آ سائين ڇا کپي؟“.

موٽ ۾ ڪن ڪيس ڪنڌ لوڏي ڪجهہ بہ نہ وٺڻ جو اشارو ٿي ڪيو ۽ ڪي تہ مورڳو وري اڳتي وڌي ٿي ويا.

هن لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪپائڻ ان ڪري بہ لازمي ٿي پيو هو جو سيٺ کان 100 روپيا وٺتا هئس، جيڪي هن کي ڪير واري کي ڏيڻا هئا.

اڌ ڪلاڪ جي جدوجهد کان پوءِ نيٺ هڪ گراهڪ ڦاسائي ورتائين.

” ها سائين ڇا کپي؟“. گراهڪ ٿانيڪو ٿي وينو تہ هن پڇيس.

” سوفٽي کپي اوريجنل اٽليءَ ۾“.

هي اندرئين پورشن مان چار ڊزائن اوريجنل اٽليءَ جون سوفٽيون ڪڍي آيو، ۽ هڪ هڪ پير ڪڍي آڏو رکيائين.

نوجوان کي انهن مان ڪا بہ ڊزائن پسند نہ آئي.

هي ٻي سوفٽيون پيون ڪڍي آيو ۽ نوجوان کي امپريس ڪرڻ لاءِ چيائين : ” هي تازو نيون ڊزائنون آيون آهن“.

نوجوان کي اتان بہ ڪا سوفٽي پسند نہ آئي.

نوجوان شوڪيس ۾ رکيل سوفٽين کي ڏسڻ لڳو.

هڪ سوفٽي ڏانهن اشارو ڪندي هن کي چيائين : ” هو سامهون جيڪا بڪل واري سوفٽي پئي آ، اها ڪڍي آ“.

هن سوفٽي ڏسي چيو ” حاضر“.

دل ۾ سوچيائين ڪا تہ پسند آيس. اندر اچي ڪيس سخت مايوسي ٿي ڇاڪاڻ جو ان ڊزائن ۾ سندس گهربل 9 نمبر موجود ڪو نہ هو.

جڏهن تہ 6 ۽ 7 نمبر موجود هئا. سوچيائين 8 يا 10 نمبر هجي ها تہ بہ پارائي ڇڏيانس ها.

هن نائين نمبر جون بہ سوفتيون ٻيون ڪنيون ۽ نوجوان آڏو ڪولي رکندي چيائين : " هي خوبصورت ڊزائنون ڏسو".

نوجوان سوفتين تي اڇاتري نظر وجهندي چيو : " نہ هوءَ بڪل واري ڏيکار".

" هي سڀ نيون خوبصورت ڊزائنون آهن، هتان پسند ڪيو".

" نہ بڪل واري ڏيکار".

هن مايوس ٿيندي چيو:" انهيءَ ڊزائن ۾ توهان جي پير جو نمبر ڪونهي".

نوجوان اٿيو ۽ دڪان تان لٿو هليو ويو.

ان بعد بہ گراهڪ ٻيا آيس، پر اُهي بہ ڪڙُو ( نہ ونڻ وارا) هئا.

هن کي لڳو، اڄ هي ٻوهٽي ڪري نہ سگهندو ۽ سيٺ کان هن کي 100 روپيہ ملي نہ سگهندا، ۽ سيٺ ويسي وارا پيسا بہ گهران ڀريندو.

هن جي سوچن کي بريڪ تڏهن لڳي، جڏهن ٻن ڄڻن دڪان تي چڙهي اچي سلام ورايس. موٽ ۾ هن و عليڪم السلام چيو.

هو ٻئي ٿانيڪا ٿي وينا تہ هي پيشاورانہ زبان سان ساڻن مخاطب ٿيو:
"ڇا پائيندؤ سائين؟".

" بوٽ" . جنهن کي ونڻا هئا تنهن چيو.

" کهي سان هجي يا بغير کهي جي؟".

"بغير کهي جي".

" هاف هجي يا فل".

" فل هجي".

هن چار پنج ڊزائنون ڪڍي هنن کي ڏيکاريون.

ان وچ ۾ هنن شوڪيس جو چڱي طرح جائزو وٺي ڇڏيو.

انهن مان ڪا بہ ڊزائن هنن کي پسند نہ آئي.

شوڪيس ڏانهن اشارو ڪندي، هڪڙي چيو : ” هو مٿين قطار ۾ جيڪو ٻيون نمبر بوٽ پيو آهي، اهو ڏيکار“.

هن بوٽ ڏنو ۽ لاهي اچي هن آڏو هڪڙو پير ڪولي رکيائين.

ٻنهي ڇڙن بوٽ پهرين واري واري سان اٿلائي پٿلائي ڏٺو، ۽ ٻوءِ جنهن کي ونئو هو، تنهن پير ۾ پائي ڏٺو.

هن جي ماهرانه نظرن پل ۾ سمجهي ورتو ته ڪين بوٽ پسند اچي ويو آهي.

” ڪيتري جو آهي؟“.

” سُٺي واري شي اٿوَ 480 روپين جو آهي“.

” رعايت سان ٻڌاءِ“. هڪڙي چيو.

” توهان 460 روپيه ڏجو“.

”هن ٻنهي پاڻ ۾ پناٽڪي ۾ ڪجهه ڳالهايو ۽ ٻوءِ هڪڙي چيو : ” 350 روپيه ڏينداسين“.

”لالا ! ايتري جو ته خريد ئي ڪونهي، ڏيڻ ونڻ واري سهٽي ڳالهه ڪر ته نهي پئون“.

” تنهنجي مرضي، ان ڪان وڌيڪ ڪونه ڏينداسين“.

هو اُٿيا.

” چڱو هاڻ 425 روپيه ڏجو“.

” هن نه ڪئي“.

” يلا 400 روپيا ڏيندؤ“.

” نه“.

” پوٽا چار سئو؟“. (تيستائين هو دڪان تان لهي چُڪا هئا).

هن نه ڪئي ۽ ٻه ٽي قدم اڳتي وڌي ويا.

هن پويان رڙ ڪئي : ” لالا هيڏي آ هيڏي“.

ٻئي موٽيا.

” ويهو ڏيو پيسا“.

هو ويٺا، پيڪ تيل بوٽ ڪڍي وري ڏسڻ لڳا.
چڱي طرح بوٽن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ پنهنجي ٻولي ۾ هڪ ٻئي سان ڪجهہ ڳالهايائون، ۽ پوءِ هڪڙي چيو : " اسان جا همراهہ ڏي پئسا آهن، اهي وني اچون، پوءِ موٽ تي اچي توکان بوٽ ٽا کڻون".
هن جو منهن لهي ويو، ڌاڍي ڪاوڙ آيس، پر ٻي ويو، دل ۾ آيس تہ چوان : " اڳ ۾ پئسا کڻي احي پوءِ بوٽ ڏسبا آهن يا اڳ ۾ بوٽ ڏسي پوءِ پئسا کڻي اچبا آهن؟".
پر نہ چئي سگهيو، سوچيائين متان موٽي اچن.
اڌ ڪلاڪ انتظار ڪرڻ کان پوءِ آسرو پلي ڇڏيائين تہ هاڻي ڪو نہ موٽندا.
ڪجهہ گهڙين بعد گهڙيال تي نظر وڌائين جنهن تي ساڍا ست وڃي رهيا هئا. ٺيڪ اڌ ڪلاڪ بعد يعني پوري اٺين وڳي ڪيس دڪان بند ڪرڻو هو.
ڪيس يقين تي ويو هو تہ هاڻي ڪو بہ گراهڪ ڪو نہ ايندو. پر پوءِ بہ من جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ آس جو مدّم ڏيئو ٽمڪي رهيو هوس تہ متان ڪو گراهڪ اچي وڃي. ٿوري دير کان پوءِ وري گهڙيال تي نظر وڌائين جتي اٺ وڃي رهيا هئا ۽ هن کي جڻ اعلان ڪري ٻڌائي رهيا هئا تہ دڪان بند ڪرڻ جو ٽائيم ٿي ويو آهي. پر هن اجا آس جي دامن کي نہ ڇڏيو ۽ فيصلو ڪري ورتو هئائين تہ اڄ ساڍي اٺين کان پوءِ دڪان بند ڪرڻو آهي. ان وچ ۾ ٿي سگهي ٿو ڪو گراهڪ اچي وڃي ۽ هڪ اڌ جوڙو کپي وڃي.
آنن واري انگ کان جيئن جيئن منٽن واري سُئي آهستي آهستي اڳتي وڌي رهئي هئي، تيئن تيئن مايوسي هن کي وڻ ويڙهي جيان وڪوڙي رهي هئي.
اٺ لڳي ٽيهن منٽن تي هي مايوسي جي انتها تي پهچي چڪو هو. سوچيائين هاڻ ڪو بہ گراهڪ ڪو نہ ايندو، ان ڪري دڪان بند

ڪرڻ جي تياري ونڻ گهرجي.
هي بي دليءَ سان اٿيو ۽ بينر لاهي، ويڙهي سيڙهي صندليءَ تي رکيائين، ان بعد نالي وارو بورڊ لاهي اندر رکيائين. پائدانن کي ڇنڊي صاف ڪري اسٽول تي رکڻ لاءِ هڪڙي پائدان ۾ هٿ وڌائين ته گراهڪ سلام ورائي دڪان تي چڙهي آيس.
و عليڪم السلام چوندي هن جو مرجهايل چهرو گلاب جي گل جيان ٽڙي پيو.
" ها سائين ! حڪم ڪيو".
" بوٽ کپي". گراهڪ وراڻيو.
" ڊربي ۾ هجي، مڪيشن ۾ هجي يا گم ۾ هجي؟". هن رعب ڄمائيندي گراهڪ کان پڇيو.
گراهڪ ڪجهه به نه سمجهندي چيو " ڪهي سان هجي".
هن پير ڏسي 8 نمبر جون ڊربيون ( ڪهي وارا بوٽ) لاهڻ شروع ڪيون.
گراهڪ کي هلڪي واريون ڊربيون پسند نه آيون ۽ اُچي وارا بُوٽ ڏيکارڻ لاءِ هن کي چيائين.
هن "يوٽ فل" جون اُچي واريون چار ڊزائنون لاهي هن آڏو رکيون.
هڪ ڊربي پائي ڏسڻ کان پوءِ گراهڪ چيو : " ڳالهه ڪر هن بوٽ جي".
" 600 روپيه سائين". هن نوڙت سان چيو.
"پيڪ ڪرينس". گراهڪ رعب مان وراڻيو.
موٽ ۾ هي ڏاڍو خوش ٿيو. چهري تي اطمينان ۽ سڪون جون لڪيرون ڇانئجي ويس. هن بوٽ پيڪ ڪري گراهڪ آڏو رکيو.
" هاڻ ٻڌ! شام جو ٽائيم آ، جيڪي ڏيانءِ بسم الله ڪري ونجانءِ، گهڻي نه ڪجانءِ".
" سمجهه ۾ ايندو ته سائين گهڻي جو ڪنداسين".

گراهڪ 250 روپيہ ڪڍي هن کي ڏنا تہ هن جا وائسر ئي ڦري ويا " واهہ ڙي سائين واهہ ڇهن سوَن واري بوٽ جا اڍائي سئو روپيا ٿو ڏين!؟ ايتري انڌير نگري ٿورئي آهي جو پيڻ ڪان بہ مٿي پڌايون" . هن گراهڪ جي منهن ۾ نهاريندي چيو.
گراهڪ پنجاهہ جو نوٽ هن کي ڏيندي چيو : " هاڻ وڌيڪ نہ چئجانءِ".
"ماما! ايتري جو تہ خريد ئي ڪونهي تہ توکي ڪتان ڏيندس".
" چڱو تون پڌاءِ پلا آخر گهٽا وٺندين؟".
"500 روپيہ وٺندوسانءِ".
نہ چئي اُٿي بيٺو ۽ وڃڻ لڳو.
هن سڏ ڪندي چيس : " شام جو ٽائيم آ، جي اعتبار هجئي تہ توکان خريد جا خريد وٺندس".
" گهٽا وٺندين؟".
" 350 روپيہ".
" نہ 300 روپيہ وٺين تہ ڏيانءِ".
ايتري جو تہ خريد ئي ڪونهي تہ ڪيئن ڏيندو سانءِ؟!".
"وڌيڪ تنهنجي مرضي!" چئي هو هيٺ لهي ويو.
هن بُوٽ پيڪ ڪري خانن ۾ رکيا ۽ پوءِ چپن ۾ منحوس ڏينهن ۽ چندن گراهڪن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي دُڪان بند ڪيو ۽ سيٺ کي دڪان جون چاٻيون ڏيڻ لاءِ ٽڪل قدمن سان سندس گهر ڏانهن راهي ٿي ويو.

# پـــاچـــي

سعودي مان آئي احمد کي مهينو کن ٿيو هو.
ڇهه سال هي سعودي ۾ رهيو هو، هر ٻئي سال ويزا جو مُدو پورو ٿيڻ تي، ٻن ٽن مهينن لاءِ پاڪستان ايندو هو ۽ وري نئين ويزا تي موٽي ويندو هو. انهن ڇهن سالن ۾ خوب ڪمايو هو.
سعوديءَ ۾ الائي ڪهڙو جادو آهي جو اتان عرب سڳورا هتي شڪار لاءِ ايندا آهن ته انهن جي پويان وزيرن، مشيرن، ڪامورن ۽ زميندارن جون ڊگهيون قطارون ختم ٿيڻ جو نالو ئي ناهن وٺنديون. ساڳي طرح ڪو غريب به، ٽي سال رهي ايندو آهي ته انهيءَ جي پويان به مٽن، مائٽن، سنگتين، ساٿين، پاڙيسرين ۽ واقفن جي ڊگهي قطار ختم ٿيڻ جو نالو ناهي وٺندي.
احمد کي آئي جيتوڻيڪ مهينو کن ٿي ويو هو، پر هن سان ملڻ لاءِ، هن کي دعوتون ڏيڻ لاءِ اڃان به هن وٽ ماڻهو اچي رهيا هئا. ۽ هي سياڻي

واپاري جيان سيني سان ڏند تيزي ملي رهيو هو.
روز روز ماڻهن جي ڏنبن سان ملڻ ڪري احمد کي هاڻي بيزاري ٿيڻ لڳي هئي ۽ سوچڻ لڳو هو تہ شايد ماڻهو واندا آهن، جو پنهنجا ڪم ڪار ڇڏي اچي مون کي تنگ ٿا ڪن. بيوقوفن کي شايد خبر ڪونهي تہ مون کي بہ پنهنجن دوستن سان ملڻو هوندو ۽ هتي سوچي سمجهي ڪنهن ڪاروبار ۾ هٿ وجهڻو پوندو. هنن کي شايد وقت جي قيمتي هجڻ جي ڪل ئي ناهي ۽ وقت کي بہ پاڻيءَ جيان وڃائي رهيا آهن.
ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ مس مس ڪري هن جي ماڻهن مان جان آجي ٿي. هن سوچيو تہ ڇو نہ اڄ پنهنجي پراڻي دوست عابد سان وڃي ملجي ۽ هن کي حيران ڪري ڇڏجي.
پنج ڪلو ميٽرن جو مفاصلو ڪار تي طئي ڪرڻ ۾ هن کي تقريبن اوترائيٓ منٽ لڳا. عابد جي پراڻي ڪچي جاءِ واري هنڌ تي خوبصورت بنگلو ڏسي پهرين تہ هي حيران ٿيو ۽ شڪ ٿيس تہ شايد غلط جڳهہ تي اچي ويو آهي پر جڏهن نالي واري تختي تي نظر وڌائين ۽ اتي عابد جو نالو نظر آيس تہ پوءِ پڪ ٿيس تہ پنهنجي گهربل جڳهہ تي پهتو آهي.
گيٽ تي وينل چوڪيدار کي چيائين: "عابد صاحب آهي". (صاحب چوندي کل بہ آيس، ان ڪري جو ڪلهہ تائين هن وٽ ڪتاب خريد ڪرڻ جيترا پئسا نہ هوندا هئا ۽ هي ٽيوشن پڙهائي انهن پئسن مان ڪتاب وٺندو هو). چوڪيدار هن کان نالو پڇي اندر هليو ويو ۽ ٿوري ئي دير ۾ واپس موٽي آيو ۽ هن کي وٺي وڃي ڊرائنگ روم ۾ ويهاريندي چيائين: "توهان هتي ويهو، صاحب تيار ٿي اچي ٿو".
صوفا تي ويهندي، هن ڊرائنگ روم جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو. سامهون ڀت تي مونا ليزا جي تصوير لڳل هئي. ساڄي پاسي واري ڀت تي لڳل تصوير ۾ چڻن ڪبوترن کي داڻو چڳندي ۽ ٻن ڪبوترن کي پر ڦڙڦڙائيندي ڏيکاريو ويو هو. ڪمال جي پينٽنگ هئي. ائين پئي محسوس ٿيو ڄڻ ڪئميرا سان ڪنهن فوٽو ڇڪي ورتو هجي. ڪاٻي

پاسي واري پٽ تي لڳل تصوير ۾ چار معصوم ٻارڙا کلي رهيا هئا. ائين پئي لڳو ڄڻ پاڻ ۾ مقابلو ڪندا هجن ته ڪنهن جو کلڻ سٺو آهي. هي صوفا تان اٿيو ۽ ٻويان پٽ ڏانهن نهاريائين، جتي لڳل تصوير ۾ جبل تان ڪرندڙ آبشــار کي ڏيکاريو ويو هو. هيٺ وري ننڍڙي ٽڪــري تي هڪ شخص گوڏن ۾ منهن ڪيون، اهڙي خوبصورت ماحول ۾ منظر کي اداسيءَ جي ڏنڌ ۾ ويڙهي رهيو هو. خوبصورت صوفا سيٽ ۽ هلڪي ناسي رنگ جي قالين جي چونڊ، اهي سڀ شيون هن جي ذوقين هجڻ جي شاهدي ڏئي رهيون هيون.

هي صوفا تان اٿيو ۽ شيلف ۾ رکيل ڪتابن ڏانهن آيو. شيلف ۾ سٺن سٺن شاعرن، اديبن، فلاسافرن ۽ تاريخدانن جي ڪتابن جي ڪليڪشن ڏسي هن کي حيرت سان گڏ خوشي به ٿي، ان ڪري جو ڪالهه تائين سسپينس، ايڪشن ۽ نيا رخ جهڙا ٽرڊ ڪلاس ڊائجسٽ پڙهندڙ عابد هاڻ سٺو ادبي ذوق رکندڙ ٿي ويو هو.

صوفا ڏانهن ايندي هن سگريٽ دُکايو ۽ صوفا تي ٽيڪ ڏئي وڏا وڏا ڪش ونندي، يادن جي ڪتاب جا ورق اٿلائڻ لڳو. هن جي اکين آڏو يونيورسٽي وارو زمانو ڦري آيو.

" ڏسجائين احمد! هڪ ڏينهن آءٌ توکي وڏو آفيسر ٿي ڏيکاريندس. پوءِ تو جهڙن کي ته آءٌ ليکيندس به ڪو نه. هينئر ڀلي مستيون ڪري وٺ".

" اڙي هل ٽنيهر! تون به آفيسر ٿئين. شڪل ڏٺي اٿئي پنهنجي آئيني ۾، ڦتل گدرا، تون آفيسر ٿئين جڳ ڏسندو".

"ڏس مان چوانءِ ٿو اسان سان ادب سان پيش اچ، سياڻي کو ڪم پيئي ته پوءِ ڀلي ڪيترا به ايلاز ڇو نه ڪرين پر ڪم اصل نه ڪندوسانءِ".

هي ويتر چڙ ڏيارڻ لاءِ چوندو هئس، اڙي هاڻي نهيو، وني ڪتاب کو نه ٿو سگهين ۽ هليو آن آفيسر ٿيڻ.

موت ۾ هو ڏاڍو اداس ۽ اتاولو ٿي پوندو هو، مايوسي وڻ ويڙهيءَ جيان

وڪوڙي ويندي هيس. ڳالهائڻ لاءِ چپ چوريندو هو تہ لفظ پر ڪري اڏامي ويندا هئس ۽ هو شڪايت ڀريل نيڻن سان ڏسڻ لڳندو هئس. جڻ نگاهن ئي نگاهن ۾ چوندو هجيس " تون بہ !".

تڏهن هي شرمندو ٿيندي، ڳرانـڙي پائي چوندو هئس : "يار ائين بہ سيريس ٿبو آهي ڇا؟"، مون تہ مذاق پئي ڪئي توسان".

"خير اٿ تہ ڪينٽين ۾ هلي چانهہ پياريائين".

هو بيدليءَ سان اٿندو هو تہ، هي ٻانهون ٻڌي چوندو هوس : "يار هاڻي معاف بہ ڪر".

موٽ ۾ هو او.ڪي چئي کِلي پوندو هو ۽ ٻئي ڪلندا وڃي ڪينٽين ۾ ويهندا هئا.

ائين ڪڏهن وري احمد چوندو هئس : "ڏسجانءِ عابي! هڪ ڏينهن آئون سعودي وڃي اتان خوب ڪمائي توکي امير ٿي ڏيکاريندس. منهنجي پيرن هيٺان پوءِ ڪار هوندي. وڏو خوبصورت بنگلو هوندو، نوڪر چاڪر هوندا ۽ پوءِ عيش واري زندگي گذرندي ۽ آءُ ساڙڻ لاءِ پنهنجي بنگلي تي توکي چوڪيدار ڪري رکندس".

عابد وري چوڻ لڳندو هئس: "مڙس آن لاٽون، تون سعودي وئين تہ سچ اولهہ مان اڀرندو".

ائين جملن جي ڏي وٺ ٿيندي هئي ۽ اوچتو وري عابد ڳنڀير ٿي ويندو هو ۽ چوڻ لڳندو هئس : "احمد! اسان جا خواب ڪڏهن بہ سچ ثابت ڪو نہ ٿيندا. هتي هر امير، امير ڪان اميرتر ۽ هر غريب، غريب ڪان غريب تر ٿيندو آهي. احمد! جتي چور بازاري هجي ۽ رشوت خوري عروج تي هجي، اهڙي ديس ۾ اسان جا سپنا ڪڏهن بہ ساپيان جو روپ ڪو نہ ماڻيندا. توکي پنهنجي بيمار ماءُ جي علاج ڪرائڻ واسطي ئي پئسا ڪونهن تہ تون سعودي وڃي پئسا ڪمائي ڪيئن سگهندين؟ ۽ آئون، آئون وري ڪميشن جو امتحان ڏئي آفيسر ٿيڻ جا سپنا پيو ڏسان. ڪجهہ ڪو نہ ٿيندو احمد! اسان ۽ اسان جا سپنا ڪڏهن بہ

ساپيان ڪو نه ماڻيندا، ڪڏهن به نه".

احمد وري همت ڏياريندي چوڻ لڳندو هئس : "اڙي ياڙيا هينئر سان نئي همت هاري اٿئي! دنيا ۾ تيڻ لاءِ ڇا نه تو ٿئي. پاڻ کي سُکي زندگي گذارڻي آهي، ان لاءِ محنت به اوتري ڪرڻي آهي. همت، محنت ۽ عزم سان ناممڪن کي به ممڪن ۾ بدلائي سگهبو آهي. تون ڏسجانءِ پنهنجا سپنا هڪ ڏينهن ساپيا جو روپ ضرور ماڻيندا". تنهن دم هن جي چپن تي گگهه اونده ۾ پري کان پرندڙ ڏيئي جي لاٽ جهڙي مُرڪ ڦهلجي ويندي هئي.

وقت ڪجهه اڳتي سرڪي ويو هو. احمد جي ماءُ ڊگهي بيماريءَ کان پوءِ فوت ٿي وئي هئي. عابد ڪميشن جي تياري ڪرڻ ۾ لڳي ويو هو، ۽ احمد پنهنجي جاءِ کپائي، پنهنجا ٻار ڪرائي جي جڳهه ۾ ڇڏي، پنهنجي نيڻن ۾ سُنئي مستقبل جا سپنا سانديءَ سعودي هليو ويو هو. ويڇڻ وقت ٻنهي دوستن هڪ ٻئي سان عهد ڪيو هو ته هاڻي پاڻ ٻئي تڏهن ملنداسين جڏهن اسان ڪجهه ٺجي ويندا سين.

هن جي خيالن کي بريڪ تڏهن لڳي، جڏهن عابد ڊرائنگ روم ۾ کهڙي کنگهڪار ڪري، هن کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪيو.

احمد تي اڃاتري نظر وجهندي عابد هن سان مخاطب ٿيو: " آءٌ توهان کي گهڻو وقت ڪو نه ڏئي سگهندس. منهنجي مختيارڪار سان اپوائنٽمينٽ آهي، جلدي فرمايو آءٌ توهان جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿو؟".

ٿري پيس سوٽ ۾ عابد احمد کي ڏاڍو وڻيو. هي عابد ڏانهن ڏسندي چوڻ لڳو : "عابي! ڇا مون لاءِ به تو وٽ ٽائيم ڪونهي!؟".

پل ۾ سمجهي ورتائين ته مون سان ايڏي بي تڪلفيءَ سان مخاطب ٿيڻ وارو احمد کان سواءِ ٻيو ڪو به ٿي نه ٿو سگهي. هڪ لمحي لاءِ چپن تي آيل مُرڪ کي منهن تي سختي آڻي لڪائي ڇڏيائين ۽ چوڻ لڳس : "مسٽر پنهنجي اوقات ۾ رهو، اوهان کي جرئت ڪيئن ٿي مون سان ايڏي بي تڪليفيءَ سان پيش اچڻ جي".

هن وڏيڪ ڪجھ چوڻ چاهيو ته، عابد هٿ جي اشاري سان روڪيندي چيس : ”بس هاڻ تون وڃ ۽ چاچي رمضان کي هيڏانهن موڪل“.

” احمد چا پيئندين، ٿڌو يا چانهه؟“.

” چانهن نيڪ رهندي“.

چاچو رمضان ادب سان هٿ ٻڌي اچي هن آڏو بيٺو.

” چاچا! اسان کي ڪڙڪ چانهه ته پيار“.

” حاضر بابا!“ ۽ هو هليو ويو.

احمد مشڪندي عابد کي چوڻ لڳو : ” نيٺ پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي ماڻيئي“.

احمد! اراده مضبوط هجن، محنت ۽ لڳن سان سفر طئي ڪندو رهجي ته پوءِ سموريون رڪاوٽون دور ٿي ويندي يون آهن. ۽ انسان منزل کي وڃي رسندو آهي. ائين تو ٿي ته چيو هو نه؟“.

” ها بلڪل“.

”تون ٻڌاءِ ڀاڙيا! ايترن سالن کان پوءِ مس مس چڪر لڳايو اٿئي. سعودي لڳئي يا نه؟“.

” جنهن سان تو جهڙي دوست جون دعائون ڪئي هجن، ان کي سعودي نه لڳي، ائين به ٿي سگهي ٿو ڇا!“.

” ڇٻو سٺو مال ناهي موٽيو آهين؟“.

” بس رب جون ڪرپائون آهن“.

” چاچو ٽرالي ڌڪيندو ڪمري ۾ آيو. ڳالهين جو سلسلو ٿوري دير لاءِ رڪجي ويو.

عابد چانهه ناهي ۽احمد ڏانهن ڪپ وڌائيندي چوڻ لڳو: ” اڄ تون پنهنجي سعودي وڃڻ ۽ ٻي رهڻ جي ڪهاڻي ٻڌاءِ“.

احمد چانهه جو ڪپ ورتي، ان مان سپ ڀري چوڻ لڳو : ”منهنجي سعودي وڃڻ جي ڪهاڻيءَ جي ته توکي خبر آهي. باقي اتي رهڻ ۽ پئسي ڪمائڻ جي ڏکي ڪهاڻي آهي. جيڪا پوءِ تفصيل سان ٻئي دفعي

" پوءِ ڳل به ڪٽي".
" يار پئسو هو جام، سو نہ ڇڏيوسين ڪو ملڪ. آمريڪي، فرانسي، جاپاني، انڊين، ايراني، فلسطيني، مصري ۽ لبنان ڪان وٺي انڊونيشيا سميت سڀني ملڪن جي عورتن سان سيڪس انجواءِ ڪيوسين".
" پوءِ پلا ڪهڙي ملڪ جي عورتن مان وڌيڪ مزو آيئي ۽ اهڙ. ڪو واقعو جيڪو وساري نہ سگهيو هجين؟".
" يار سڀني جو پنهنجو هڪ مزو، الڳ هڪڙي ٽيسٽ هئي. فلسطيني مايون قدر آور هيون تہ آمريڪي ڪير جهڙيون اڇيون ۽ سونهن وري مصر جي عورتن ڪي هئي، تنهنڪري آءٌ توکي ڪنهن هڪ ملڪ جي عورتن بابت ڪا راءِ ڏئي نہ ٿو سگهان. باقي اڻ وسرندڙ واقعي جي ڳالهہ آهي تہ اهڙا ڪئي واقعا آهن. توکي هڪڙو واقعو ٻڌايان ٿو.
هڪ لبناني عورت مون کي هٿ ڏئي ٽئڪسي بيهارڻ لاءِ چيو. مون جڏهن ٽئڪسي هن جي ڀر ۾ اچي بيهاري تہ هوءَ پويون دروازو کولي ويهي رهي. مون چيو ڪاڏي هلان چيائين اڳتي هل تہ ٻڌايانءِ ٿي. مون ايڪسيليٽر تي زور وڌائي ڪلچ تان پير ڪٽي ورتو. ٿورو اڳتي هلي هن پاڻ ئي بغير حجاب جي آفر ڪئي تہ جي جڳهہ اٿئي تہ آءٌ توسان هلڻ لاءِ تيار آهيان ۽ توکان پنجاهہ ريال وٺندم.
آءٌ پنهنجي هڪ عرب دوست جي جاءِ تي هن کي وٺي ويم. مون مان هن کي ايترو تہ مزو آيو جو هوءَ ٻئي ڏينهن پاڻهي ئي مون وٽ هلي آئي. مون ڪيس چيو اڄ منهنجو موڊ ڪونهي، ها البتہ تون سپاڻي ساڳي ٽائيم تي رات جو اچي سگهين ٿي. آءٌ هتي ئي رهندو آهيان.
هن جو منهن لهي ويو ۽ چيائين اڄ آئون خوشيءَ سان آئي آهيان ۽ توکان پئسا ڪو نہ وٺنديس. مون هن کي پنهنجي ڳچيءَ ۾ پوندي ڏسي چيو پر اڄ منهنجو موڊ ڪونهي. هوءَ موڊ آف ڪري هلي وئي تہ سوچيم جان ڇٽي. پر ٻئي ڏينهن ساڳئي ٽائيم تي هوءَ آئي تہ مجبورن رات هن سان گذارڻي پئي. صبح جو سوير جڏهن هوءَ وڃڻ لڳي تہ مون

هن کي 50 ريالن پاران 100 ريال ڪيي ڏنا. ان ڪري جو هوءَ مون وٽ سڄي رات رهي هئي. پر منهنجي حيرت جي حد نہ رهي جو هن منهنجي زوري پئسن ڏيڻ جي باوجود بہ پئسا مون کي موٽائي ڏنا.
ائين پوءِ هوءَ اڪثر مون وٽ ايندي رهي. مون سان پنهنجي سچي پيار جا قسم کڻندي رهي. مون کي شادي ڪرڻ لاءِ چوندي رهي. ۽ مون کي پاڪستان وٺي اچڻ لاءِ ايلاز ڪندي رهي. جونداآهن جهوليءَ ۾ پاٺهي اچي پيل گلاب جو گل بہ پنهنجي اها حسيت وڃائي ويهندو آهي. ائين پوءِ جڏهن مون هن کي سختي سان پاڻ دانهن اچڻ کان جهلي ڇڏيو تہ پوءِ هوءَ وري مون وٽ نہ آئي".
چند ساعتن جي خاموشيءَ کان پوءِ عابد وري هن کي چيو : "جونداآهن سعودي ۾ جيڪي اهو فعل ڪندي پڪڙيا ويندا آهن، انهن کي سنگسار ڪيو ويندو آهي. پوءِ بہ تون انهن ڪمن کان نہ مڙئين؟".
" اهو پاڪستاني ڪهڙو جيڪو مڙي وڃي. زندگي تہ انجواءِ ڪرڻ جو نانءُ آهي نہ. پوءِ انجواءِ ڪندي موت اچي تہ ڪهڙي پرواهہ. بس اها سوچ ئي مڙڻ ڪو نہ ڏيندي هئي".
" پوءِ ڇا خيال آ. اڄ موڊ هجئي تہ مال گهرائي وٺون".
ها، ها ڇو نہ. گهرجي مرغي بہ دال برابر لڳندي آهي. ٻن هفتن کان ڪا نئين ٽيسٽ ناهي ورتي".
" پر هڪڙو پرابلم آهي".
" ڪهڙو؟".
" مائي کي ڪيئن منهن ڏيو".
" اڙي اها بہ ڪا پريشاني جي ڳالهہ آهي. فون ڪري ٻڌائي ڇڏينس تہ دوست دعوت جهلي آ، رات جي ماني جي ۽ توکي ڇڏي نہ ٿو. تنهن ڪري مان رات گهر اچي نہ سگهندس ۽ هوءَ پريشان نہ ٿئي".
تاڙو ملائيندي چويس ٿو : "وڏو ڪو حرامي آهين".
" پر اڄ مون تي ايڏو مهربان ڇو ٿي رهيو آهين؟!".

" کير ڪافر توتي مهربان ٿي رهيو آهي، منهنجي مائي کي مائٽن ڏي وئي هفتو ٿي ويو آهي ۽ اڃان هفتو ڪن ڪو نہ ايندي، جي اڃان چپ ڪري ويهان تہ مري پوان".

" چئبو تہ پنهنجي پيٽ ۾ سور اٿئي؟".

" ائين ئي سمجهہ ڪٿي".

" تہ پوءِ گهراءِ مال".

"ايڏو اتاولو ڇو پيو ٿئين، رات تہ ٿينءَ ڏي".

" پر آرڊر تہ ڏئي ڇڏ نہ ".

" ها اجهو ".

عابد چاچي رمضان کي سڏ ڪري ٿو، جيڪو پڇڻ واري انداز ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو.

عابد چويس ٿو : "چاچا! اڄ رات احمد اسان جو مهمان آهي سندس ماني وغيره جو سنو بندوبست ٿيڻ کپي ۽ ها ڊرائيور کي چئو تہ اسان لاءِ ٻن VIP پيسن جو بندوبست ڪري.

چاچو مشڪندي ٻاهر هليو وڃي ٿو.

" چڱو هاڻي تون پنهنجي گهرواري کي فون ڪري ڇڏ".

" اجهو ڪري ٿو وٺان".

هو اٿيو ۽ فون نمبر ملائي گهرواري کي ٻڌايائين تہ رات هي گهر اچي نہ سگهندو، تنهنڪري هوءَ پريشان نہ ٿئي.

رات پنهنجو ڪارو وڳو پهري چڪي هئي. آسمان جي سيج تارن سان جرڪي رهي هئي. هنن آڏو ٽيبل تي وسڪيءَ جي بوتل ڪليل هئي. هي پيگ مٿان پيگ چاڙهي رهيا هئا. وسڪيءَ سان گڏ ڀُڳل گوشت هنن کي وڏيڪ مزو ڏئي رهيو هو.


آواز جي لرزش تي قابو پائيندي احمد عابد کان پڇيو : " قدرت جي هر شيءَ کان وڌيڪ خوبصورت تخليق ڪهڙي آهي؟".

پيگ ۾ بچيل ڍُڪ کي ڳيت ڏئي نڙيءَ کان هيٺ لاهيندي عابد چيو : "

عورت. عورت ئي قدرت جي هر شيءَ کان وڌيڪ خوبصورت تخليق آهي".
"پوءِ اڄان ڇو عورتون کو نہ آيون آهن؟". احمد ٻڳل گوشت جو ٽڪرو وات ۾ وجهي چٻاڙيندي چيو".
" اچي ويندي يون، اچي ويندي يون. ٽڪڙ ڇا جي آ". ان سمي ڊرائيور ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ عابد کي ٻڌايائين تہ پيس اچي ويا آهن.
عابد خوش ٿيندي چيس : " هڪ کي مهمانن واري ڪمري ۾ هلي ويهار ۽ ٻي کي مون واري ڪمري ۾ ڇڏي آ، پر خيال رکجانءِ مهمان وارو پيس وي آءِ پي هجي".
هو هليو ويو ۽ ٿوري ئي دير ۾ موٽي اچي ٻڌايائين تہ ٻنهي کي گهربل ڪمرن ۾ ويهاري آيو آهي.
عابد آٿندي چيو : "پوءِ دير ڇا جي آ، آءٌ پنهنجي ڪمري ۾ هلان ٿو ۽ احمد کي پنهنجي ڪمري وٽ ڇڏي آ".
احمد لڙڪڙائيندو نوڪر جي رهنمائيءَ ۾ پنهنجي ڪمري تائين پهتو.
هينڊل گهمائي در کي ڌڪو ڏنائين ۽ ٻئي پل ڪمري اندر هو.
ڪمري ۾ گهڙڻ سان حواسن تي خوشبو ڇانئجي ويس.
هڪ ادا سان پرتي منهن ڪيو ڪليل وارن سان بيڊ تي هن کي ويٺل ڏنائين. هن ڏانهن ويجهو ٿيندي ۽ پنهنجي آواز جي لرزش تي قابوپائيندي، هن تي جملو اڇلايائين : "جانِ من! ايڏي بي نيازي بہ نيڪ ناهي. پنهنجو ديدار تہ ڪراءِ".
هن جيئن ئي منهن ڦيريو ۽ هن کي ڏنائين تہ هن جا سمورا نشا ڪافور ٿي ويا، پنهنجي پيرن هيٺان ڌرتيءَ کي ڪسڪندي ۽ پاڻ کي نهايت اونهين کاهين ۾ ڪرندي محسوس ڪيائين. يقين ئي نہ ٿي آيس تہ ائين بہ ٿي سگهي ٿو.
هن کي لڳو تہ ڇهہ سال مسلسل هن پئسو نہ ڪمايو هجي بلڪہ ڇهہ سال مسلسل پنهنجي عزت وڃائي هجي. ان ڪري جو بيڊ تي ويٺل عورت ٻي ڪا بہ نہ پر هن جي پنهنجي زال شڪيلہ هئي!.

# ڪيفيتن جو آرٽسٽ مشتاق

ڪهاڻي سرجڻ جو فن، ڏاڍو اوکو آهي:
اهو فن ليکڪ جي ذهني سگهه جي آخري سرحد ڇهي ٿو.
ڪهاڻيڪار کان وڌيڪ شايد ڪو ٻيو معاشري ۾ اعليٰ ذهن هجي، جنهن جي سوچڻ/ پرجهڻ جي سگهه، زندگيءَ جي مڙني رخن جي صحيح وضاحت ڪري سگهي. ڪهاڻيڪار هڪ ئي وقت ٻوليءَ جو ماهر، ڪيفيتن جو آرٽسٽ ۽ نفسيات جو وڏو ڄاڻو هجي ٿو. ڇاڪاڻ ته ڪهاڻيءَ جي هر ڪردار جي پنهنجي ٻولي آهي ۽ هر ڪردار جو پنهنجو سماجي پس منظر آهي. ڪهاڻيڪار انهن سڀني ڪردارن جي مجموعي ڪفيتن کي، انهن جي فطري رنگ ۾ لفظن جي آڏاڻي تي اُٽي ٿو. ڪهاڻيڪار انبوهه ذهنن (ڪردارن) جو ميڙ ٺئي ٿو، جتي مختلف درجن جي سوچ هڪ ئي



وقت اچي ڪٺي ٿي آهي ۽ مختلف ذهنن جي نفسيات اچي سهيڙي آهي. هاڻي اُهي جڏهن انبوهه ذهن (ڪردار) پنهنجي راهه رمن ٿا ته ڪهاڻيڪار انهن سڀني سان، انهن جي پنهنجي نفسيات تحت Treate ڪري ٿو ۽ ڪنهن به ڪردار کي پنهنجي فطري هلت کان ڌار نٿو ڪري.

اهڙو اندازو/ علم فطرت ڪهاڻيڪار کان سواءِ، ٻئي ڪنهن کي نه ڏنو آهي، جو هو ڪردارن جي مزاج سان فطرت وانگر پيش اچي سگهي. مان مختصر اهو چوان ٿو ته: مٿيون خاصيتون اوهان کي مشتاق پرڳڙي جي تقريباً ڪهاڻين ۾ ملنديون.

**معصوم بخاري**

ٽپال گهر راڏڻ

# پَڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪانُو، ياڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. پين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَکَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي ڀائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)